
سوجهرو
سينگا ريندڙ
شيام ڪمار
ڊاڪٽر رسول ميمڻ
پرويز
انور شيخ
محمد صديق منگيو
عزيز ڪنگراڻي
خليل عارف سومرو
حفيظ باغي
ساڃي محبوب
رجب ٻگهيو
اداسي جکراڻي
ساحر راهو
حيسب ڪانهيو
رضا لانگاهه
حسين جاگيراڻي
رئوف ڪوسو
عليزه هاشمي
ناز سنائي
ملهار پيل
ڊاڪٽر شير مهراڻي
تاج بلوچ ۽ ٻيا
تاريخ جو ڏڪنانڪ - گل حسن ڪلمتي
خليل عارف سومرو ڪارنر - سالگره مبارڪ
176

ABC Certified

نومبر 2013

سال:15. شمارو:176. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

ٽچ مي پليز...

جديديت پنهنجي دور جي ٽئبوز کان انڪار ۽ نواڻ جي تحريڪ هئي. ان کي روايت خلاف بغاوت ۽ نئين فڪر ۽ طرز جي تحريڪ چيو ويو. ان تحريڪ جو بنياد ماضيءَ کان منهن موڙڻ ۽ آئيندي لاءِ اونو هو. عقل پرستي، سائنس ۽ اوسر ڪندڙ عناصر کي، جديديت جي جوڙجڪ قرار ڏنو ويو ۽ ان کي هلندڙ عهد جي تحريڪ ڪوٺيو ويو.

جديديت، پراسراريت، رومانيت ۽ حقيقت پرستي جي جامد لاڙن کي رد ڏنو. انهيءَ تحريڪ، مذهب، فطرت، اخلاق، عقيدي، قدرن ۽ هر فڪر کي مڃڻ کان نابري واري ايتري قدر جو ازلي فطرت ۽ فطري سرشتي کان به انڪار ڪيو. جديديت موجب، ”سماجي زندگي، فطرت کان تهذيب ڏانهن تبديليءَ جو سفر آهي. رڳو فرد ئي مقدم آهي.“

جديديت هيٺ تخليق ڪيل ادب، سماجي اداري بنديءَ بدران، فرد جي خودداري ۽ انفرادي شعور کي اهم قرار ڏنو. سماجي وايو منڊل ۽ ٻٽيل معاشري کان بيزاري جي ڪري فرد جي ذات ئي مرڪزيت قرار ڏني ويئي.

جڏهن تاريخ کي فطرت ۽ خدا کان ڌار ڪيو ويو ته مذهب، ميٽا فزڪس، قدرت ۽ قانون کان ڏور ٿيڻ جي ڪري انسان جو شديد جذبو ان جي نمايان صفت بڻيو. ۽ اتان کان ئي ادب ۾ ذات جو انتشار شروع ٿيو.

جديديت، ادبي لاڙي طور اڌ صديءَ کان به مٿي يورپ ۾ ادب تي حاوي رهي.

هڪ نقاد چيو، ”گذريل صديءَ کان اسان وٽ هڪ خاص نوع جو ادب موجود آهي. اسين ان کي جديد چئون ٿا. (رڳو موجود حالتن کان ڌار سڃاڻ ڏيڻ لاءِ) نه ته جديديت حسيت ۽ اسٽائل جو نالو آهي. حاضر حالتون غير جانبدار حوالي جي اصطلاح آهي. ۽ جديديت، تنقيدي حوالي ۽ فيصلي جي اصطلاح آهي. جديديت پسند ادب هاڻ انت جي ويجهو اچي رهيو آهي. جيتوڻيڪ پڪ سان نٿو چئي سگهجي، پر اهڙا نقاد به آهن جيڪي چئي سگهن ٿا ته، سماجي نوعيت جي تجزئي کان پوءِ جديد دور جو خاتمو ممڪن ئي ناهي.“

پر جديديت جو انت آيو. جديديت پڄاڻان (پوسٽ ماڊرن ازم) خدا، انسان، تاريخ، فن جي نظريي، ادب، اديب ۽ نقاد جي موت سان گڏ، جديديت جي خاتمي جو به اعلان ڪيو ۽ چيو، ”ادب ۾ هر قسم جو عظيم بيانيہ narration ۽ تنقيدي نظريو ختم ٿي چڪو، ڇاڪاڻ ته جديديت مان جيڪي اميدون هيون، اهي ڪوڙيون ثابت ٿيون يا گهٽ وڌ سطح تي پوريون ٿيون ۽ هاڻ ان ۾ ڪنهن به قسم جي واڌاري جي گنجائش موجود ئي ناهي.“

جديديت، انسان جي پاڻمرادي علحدگي، سچائيءَ لغويت ۾ جڪڙيل هجڻ جي ڪري جديديت پڄاڻان مخالف رويي جو جواز يا اهڃاڻ بڻي ۽ بورجوازي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪندڙ جديديت، سرمايہ داريءَ جي گرفت ۾ اچي ويئي. يا ميڊيا، انفارميشن ٽيڪنولاجي، لذت پرست حوالن سان شين جي ڪاپي، اڳرائي پسند ماديت، معاشي ۽ تهذيبي گلو بلائيزيشن جي ڪري، جيڪا بدل سدل آئي، اها جديديت جي نئين دور جي ئي غماز آهي، جنهن کي جديديت پڄاڻان چيو ويو، جيڪو جديديت جو شايد آخري دور آهي.

جديديت پڄاڻان هلندڙ دور جي فڪر، تهذيب ۽ سونهن جي تبديل ٿيندڙ تصورات جي نشاندهي ڪري ٿي ۽ هڪ همہ گير اصطلاح يا لاڙو آهي، جنهن جو انفلوئنس فلم کان وٺي فئشن، اشتهار کان وٺندي ادب ۽ ڪلچر کان وٺندي ڪومڪس تائين پکڙيل آهي. هر فڪر، فن ۽ علم يعني زندگيءَ جا هڙئي شعبا، تصور، طرز، عڪس ۽ تصويرون، ان جي دائري ۾ اچيو وڃن ٿا.

ڪجهه نقادن ائين به چيو، ”جديديت پڄاڻان هڪ ذهني ڪيفيت، لاڙو، نظريو يا هڪ ناڪاري رويو آهي جيڪو جديديت خلاف اڀريو ۽ ان جي سمورن اڳاٺن فڪر، نظريي، ادب، ذات، تهذيب ۽ قدرن کي ناس ڪندڙ سماجي ۽ تاريخي نظريي جي سيني حتمي صورتن کي رد ڏنو.“

حامي نقادن جو ويچار آهي، ”جديديت پڄاڻان، زبان، ذات، موضوع، مواد، مذهب، سماج يا رياست جي اليٽ ڪلاس جي تهذيب ۽ ان جي پاپولر ڪلچر جي خرمستين، فرضي، لايعني ۽ گمراهہ ڪندڙ سيني حد بندين جي مخالف آهي. ۽ مرڪز کان محيط ڏانهن رخ ڪرڻ تي زور ڏئي ٿي. ۽ ان ڪري ئي لامرڪزيت کي هڪ اهم فڪري ۽ تهذيبي انقلاب سمجهيو وڃي ٿو.“

تاج بلوچ

سنڌي ٻولي قومي ٻولي

وچور

تاريخ جو ڏکناٽڪ - گل حسن ڪلمتي

خليل عارف سومرو ڪارنر

جنم پتري....	ادارو
درد جي ميراث...	تاج بلوچ
مٽي جي مهڪ...	عليزه هاشمي
ڏيپ ٻرندو رهي...	آس ٻپر
وايون...	خليل عارف
درد نگر جو رهواسي...	ميهر فقير
تخليقي جوهر...	عزيز ڪنگراڻي
صوفياڻي رنگ جو شاعر...	ٻاجهي لغاري
ٻارن جو شاعر...	استاد انجم لغاري

غزل جو عروج (خراج):

وفا پلي...	سيف الله خالد

ناول/ناوليٽ:

اسٽيل جا پنج گلاس (5)...	ڊاڪٽر رسول ميمڻ
بودلڪ...	شيام ڪمار

ڪهاڻيون:

زهر جو ڏڪ...	پرويز
پن جي ٻيڙي...	انور شيخ
لوپي ڪڙم...	حيسب ڪانهيو
ڇوڪري، وائلن ۽ انقلاب...	رئوف ڪوسو
وجود جو اورانگهو...	بشير سومرو
آٽو...	فياض بلوچ

خاڪو:

وفا صالح راڄپر...	محمد صديق منگيو

ادب ۽ تنقيد:

مارڪسي فلسفو...	رضا لانگاهہ
عشق ٿو مون ۾ نچي...	حفيظ باغي

نوان ڪتاب:

نئون ادب ۽	ڊاڪٽر شير مهراڻي

شاعري:

امداد حسيني، ساٿي محبوب، رجب ٻگهيو، ساحر راهو، حسين جاگيراڻي، اداسي جکراڻي ۽ ٻيا.

جي مارن مونڊي موڪليا:

ناز سنائي.

CELL: 0300,(0313),(0332)_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com

خريداريءَ جا اڳهه:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: تاج بلوچ
ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
ايسوسيئيٽ ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ۽ فوٽوگرافي: هالار احمد

آفيس ايڊريس:
بنگلو نمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

تاريخ جو ڪناٿڪ...

انٽرويو: ڊاڪٽر شير مهراڻي

پنهنجي تعارف سان گڏ شروعاتي تعليم ۽ ڪيريئر بابت ڪجھ ٻڌايو؟

آئون گل حسن ڪلمتي گڏاپ جي ڳوٺ حاجي عرضي ۾ پيدا ٿيس. هن وقت تائين اتي ئي رهان پيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ راڌو جو ڪيو مان پرائيم. ۽ ايم اي صحافت ڪراچي يونيورسٽي مان ڪيم ۽ ايم اي سنڌي ادب پڻ ڪراچي يونيورسٽي مان ئي ڪيم. ۽ ڊپلوما بہ ڪيم. مختلف ڪاتن ۾ نوڪريون ڪندي هن وقت لوڪل گورنمينٽ ۾ ڊائريڪٽر انفارميشن طور ذميواريون سنڀاليون آهن.

ادبي يا صحافتي ڪيريئر جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪيئن ڪئي؟

آئون جڏهن ايس ايم آرٽس ڪاليج ۾ پڙهندو هيس تہ اتي ٻين سنڌي شاگردن جن ۾ نعيم ڪرل ۽ ٻيا شامل هئا اسان سنڌي ادبي انجمن قائم ڪئي. دوستن ان انجمن جو پهريون صدر مونکي مقرر ڪيو. اسان هر سال انجمن طرفان هڪ بڪ ليٽ جاري ڪندا هئاسين. مون پهريون ڀيرو ان بوڪ ليٽ لاءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي تي هڪ آرٽيڪل لکيو. انهن ڏينهن ۾ ئي ۾ هلال پاڪستان ۾ ٿورو لکڻ شروع ڪيو. ۽ پوءِ جڏهن ماس ڪميونيڪيشن ۾ داخلا ٿي تہ اسان کي مختلف اخبارن ۾ رپورٽنگ لاءِ موڪليندا هئا. آئون جيئن تہ سنڌي شاگرد هيس ان ڪري مونکي هلال پاڪستان ڏانهن موڪليائون. اخباري رپورٽنگ اسانجي اسائنمينٽ هوندي هئي.

اسان اخبارن ۾ سب ايڊيٽنگ ڪندا هئاسين ۽ ڪالم جي نموني تي مضمون لکندا هئاسين. انهن ئي ڏينهن ۾ مونکي ڪنهن اديب جو انٽرويو ڪرڻو هو. ۽ اهو عجيب اتفاق آهي تہ 1985ع ڌاري مشرق جي لاءِ مون پهريون انٽرويو تاج بلوچ صاحب جو ڪيو. هو جنهن جي ڪاپي اڄ بہ مون وٽ موجود آهي. ۽ اڄ 2013ع ۾ آئون تاج بلوچ جي سوجهري لاءِ انٽرويو ڏئي رهيو آهيان. ان انٽرويو ڪانپوءِ مونکي مڪلي تي لکڻ جي اسائنمينٽ ملي ۽ آئون مڪلي ويس ۽ تحقيقي آرٽيڪل لکيم.

ان ڪانپوءِ مون سنڌي رسالن بابت اردو ۾ هڪ آرٽيڪل لکيو. ۽ ائين سلسلو شروع ٿي ويو. ڪليم لاشاري، انور پيرزادي ۽ بدر ابڙي سان بہ مون گڏ ڪم ڪيو. ۽ پوءِ رسالي لطيف ۾ تاج صاحب جي استادي هيٺ پروف ريڊنگ، ايڊيٽنگ ڪيم. انهن ڏينهن ۾ نصير مرزا ۽ راز ناٿن شاهي بہ مون سان گڏ هوندا هئا. طارق روڊ تي 'لطيف' جي آفيس هئي. انهن ڏينهن ۾ تاج بلوچ صاحب جو طريقہ ڪار اهو هو تہ هو مضمونن تان نالا ڪٽي ڇڏيندو هو ۽ پوءِ اسان پڙهندا هئاسين ۽ ايڊٽ ڪندا هئاسين ۽ ڇپجڻ ۽ نہ ڇپجڻ بابت فيصلا ڪندا هئا. **[اصل ۾ معروف نقاد آءِ-اي رچرڊس جو اهو طريقو هوندو هو تہ هو جڏهن يونيورسٽي جي شاگردن کي تنقيد پڙهائيندو هو تہ انهي پڙهائي دؤران مختلف وڏن شاعرن ۽ اديبن جون لکڻيون بنان نالي شاگردن کي تنقيد لاءِ ڏيندو هيو ۽ پوءِ سندس شاگرد ليکڪ يا وڏي شاعر جي نالي جي اثر کان بي خبر ٿي تمام گهڻي بي ڊپائي سان تنقيد ڪندا هئا. اهڙيون تنقيدون گڏ ڪري آءِ-اي رچرڊس 'پريڪٽيڪل ڪرٽيڪسزم' جي نالي سان ڪتاب ڇپايو هو. جيڪو گهڻو مشهور ٿيو. تاج بلوچ جي 80ع واري ڏهاڪي ۾ اها روش ضرور داد لهڻي- ش.م]** ائين اسان لطيف رسالي کي وڏي هٿي ڏني. اهڙي ئي طريقي تي اسان موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي 'مڪتي آشرم' ڇاپي. ڪهاڻي ڇا ڇپي اسان مٿان عذاب ٽٽو. علي احمد بروهي جي نالي سان لطيف جو ڊڪليئريشن هو. هن صرف ڪهاڻي سبب رسالي جي ڊڪليئريشن رد ڪرائي ۽ اسان جهڙوڪ بيروزگار ٿي وياسين. حالانڪ ڪهاڻي ۾ ڪو خاص سيڪس اشو بہ نہ هو. جنهن جو الزام هنيو ويو. اسان جي بهترين آفيس بند ٿي وئي. پوءِ اڳتي هلي مونکي نوڪري ملي پبلڪ رليشننگ آفيسر جي. جنهن جو ڪم ئي لکڻ هو. سو لکندو رهيس.

توهان تحقيق طرف ڪيئن آيا؟

بدر ابڙي، ڪليم لاشاري ۽ انور پيرزادي جي هڪ ٽيم هوندي هئي. آئون انهن سان ساٿي طور تہ ڪڏهن ڊرائيور طور مختلف علائقن ۾ ويندو هئس. جڏهن آئون ڪوهستاني علائقن ڪنڊ جبل، موئيداڻ، ڄامشوري وغيره ويس تہ مون سوچيو، 'هي دوست تہ ڪم ڪن پيا سٺي ڳالهہ آهي. پر اصل اهي علائقا تہ منهنجا آهن. ۽ انهن بابت وڌيڪ ڄاڻان ٿو تہ مونکي لکڻ بہ کپي.' ائين مون تحقيق تي ڌيان ڏنو. انهن ڏينهن ۾ رضا علي عابدي جو 'شير دريا' بي بي سي تان هلندو هو. آئون ان کي ريڪارڊ ڪري ۽ پوءِ سنڌي ۾ ترجمو ڪري عوامي آواز وارن کي موڪليندو هئس اهڙي ريت قسطوار، 'شير دريا' جو سلسلو هليو. رضا علي عابدي سان رابطو رهيو. هن صلاح ڏني تہ شير دريا ڪتابي شڪل ۾ اچڻ گهرجي ۽ پوءِ اسان بي بي سي وارن کان اجازت ورتي ۽ ڪتاب سنڌي ترجمي سان ڇپايو.

رڻل شهر جي ڪهاڻي جي ڪهاڻي ڇا آهي؟

اصل ۾ رڻل شهر جي ڪهاڻي منهنجي مختلف مضمونن جو مجموعو آهي. رڻل شهر جي ڪهاڻي ٽائيٽل مضمون آهي. ان ڪتاب ۾ منهنجا مختصر سفرناما بہ شامل آهن. جن ۾ لاهور، شاهہ نوراني يا مڪران جا سفرناما شامل آهن. رڻل شهر مون ڪراچي کي سڏيو آهي.

مون ائين پئي سمجهيو جهڙوڪر ڪراچي شهر اسان کان ناراض آهي. ڇاڪاڻ تہ مختلف ذريعن کان اسان کي ٻڌايو پئي ويو تہ ڪراچي جي تاريخ ڀوڄومل کان شروع ٿئي ٿي. اردو وارا ڪراچي کي 47ع ڪانپوءِ ڪراچي ڄاڻائين ٿا ۽ اسان جا سنڌي ڀوڄومل 1729ع کان پوءِ ڪراچيءَ جي تاريخ تي پروسو ڪن پيا. پر مون ڪوشش ڪري سڪندراعظم کان ويندي ايرانين، ساسانين ۽ عربن تائين کان ٿيندي مختلف دؤرن ۾ حوالن سان ڪراچيءَ جي تاريخ کي فوڪس ڪيو ۽ لکيو. مون ثابت ڪيو آهي تہ ملير، منگهوپير يا صفوران اهي اڳ ڪراچي ۾ نہ هئا. ملير الڳ رياست هئي. ڪراچي هڪ بندري ڳوٺ هو. ۽ ڪلاچي جو ڪن هو. يا ڪياماڙي جنهن جو اصل نالو ڏڙٻو هو اهو ڪراچي جو بندر هو. ڪراچي جي اهميت گذرگاهہ سبب هئي جيڪي ٻيڙين جا قافلا قنڌار، کان ايندا هئا سي سون مياڻي کان ٿيندا ڪراچي پهچندا هئا ۽ پوءِ انڊيا طرف ويندا هئا. هن وقت ملير، گڏاپ وغيره ڪراچي ۾ آهن. پر اصل ۾ اهي زرعي علائقا هئا، جن جو ڪراچي جي پراڻي سيٽ اپ سان ڪو لاڳاپو نہ هو. ڇاڪاڻ تہ ڪراچي سامونڊي گذرگاهہ هو. ٻنهي علائقن جي رهڻي ڪهڻي الڳ هئي. اهڙي ريت مون ان حقيقت تي فوڪس ڪيو.

ٻيو تہ مون اردو دانن کي ٻڌائڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي تہ جيڪا ڪراچي توهان سمجهو پيا ڪراچي صرف اها ناهي. بلڪ ڪراچي جو وجود سڪندراعظم جي دور کان آهي.

ڀوڄو مل بابت توهان ڇا چوندا؟

جتي حب ندي چوڙ ڪري ٿي اتي کڙڪ نالي بندرگاهہ هو. ان جي سامهون ئي چرڻو آئسلينڊ هو. 1725ع ڌاري حب ندي جي مٽي سبب اهو بندر لٽجي ويو ۽ پوءِ ڀوڄومل ڪنهن ٻي بندر جي تلاش ڪندي هن طرف آيو ۽ ڪڏي ۽ لياري واري علائقي ۾ موجود ڪُن هو. پوءِ سمنڊ کي هٽايو ويو. بندر هاٽوڪي ڪياماڙي واري هنڌ تي ئي هو. ڀوڄو کي هي علائقو پسند آيو. ۽ هن

ڪلهوڙن ڪان جيڪي ان وقت سنڌ جا حاڪم هيا. اتي بندر اڏڻ جي اجازت ورتي. ڪلهوڙن جو ڪو خاص انٽريسٽ نہ هو. هنن پوڄو کي 33 ايڪڙن تي ڪوٽ اڏڻ جي بہ اجازت ڏني. هن مٿي ۽ ڪاٺ جو ڪوٽ اڏيو. جنهن جا هن بہ دروازا ٺهرايا. جيڪو دروازو سمنڊ طرف پئي کليو ان جو نالو کارو در رکيائين ۽ جيڪو لياري واري پاسي ڏانهن کليو ان جو نالو مٺو در رکيائين جن جا ڪجھ نشان اڄ بہ موجود آهن. موجوده ککري گرائونڊ جي بلڪل سامهون اهو مٺو در هوندو هو. ککر اسان جي علائقي بہ ننڍڙي پٽري کي چوندا هئا. ائين ئي ان گرائونڊ جو نالو بہ ککري گرائونڊ پيو. اهڙي ريت 1729ع ۾ اهو ڪوٽ ٺهي راس ٿيو. هتي واپار ٿيڻ لڳو ۽ رونق وڌي. حڪومت بہ ڌيان ڏريو. پوڄو مل، نائون مل جو پڙڏاڏو هو، جنهن کي هڪ پاسائين تاريخ هيٺ غدار سڏيو ويو آهي. اسان ان کي غدار نٿا ڀانيون.

ڪهڙن بنيادن تي سيٺ نائون مل کي غدار سڏيو ويو آهي؟ ۽ توهان ان کي غدار ڇو نٿا سمجهو؟

اصل ۾ اسانکي حقيقتون ڏسڻ گهرجن. نائون مل ٽالپرن جي دؤر جو هڪ سيٺ هو. سندس اصل نالو نائون مل هوتچند هو. ميرن جي دؤر ۾ هندن تي سختيون هيون. ايتري تائين جو جيڪڏهن ڪنهن هندو جي واتان غلطي سان بہ الله يا رسول ﷺ جو نالو نڪري ويندو هو تہ حڪمرانن پاران ڪيس زبردستي مسلمان ڪيو ويندو هو. جواز اهو هوندو هو تہ هن رسول يا الله جو نالو ورتو آهي. ان ڪري مسلمان ٿيو. سيٺ نائون مل جي پيءُ سان حاڪمن ڏاڍ ڪيو. سندس پٽ ڪنهن مسجد ۾ ويو تہ اتان جي مسلمان نورل شاهہ باقاعده هڪ مهم هلائي. سڄي سنڌ ۾ اهو مشهور ڪيائين تہ هندن توهين ڪئي آهي. ٽالپر حاڪم بہ سندس پروپيگنڊا اڳيان مجبور ٿيا. ۽ نائون مل جو پاءُ ڪيڏانهن نڪري ويو پر سندس پيءُ کي گرفتار ڪيو ويو. ۽ مشهور اهو ٿيو تہ کيس مسلمان ڪيو ويو ۽ سندس ٺُهر بہ ڪيو ويو. پوءِ ڪجھ مير وچ ۾ پيا ۽ ان کي راجستان طرف اماڻي ڇڏيائون. ان صورتحال ۾ ظاهر آهي نائون مل ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهيو؟ ڊاڪٽر مبارڪ علي لکيو آهي تہ 'نائون مل جي اڳيان ٽي رستا هئا. هڪ تہ هو چپ چاپ سنڌ مان لڏي وڃن، ٻيو تہ هو اهو ظلم برداشت ڪري ۽ ٽيون تہ هو ڪنهن اهڙي ماڻهو ڪان مدد وٺن جيڪو ميرن کي منهن ڏيڻ جي اهل هجي.'

نائون مل ٽيون رستو اختيار ڪيو ۽ انگريزن سان سازباز ٿيو، جيڪا منهنجي خيال ۾ غداري نہ هئي. غداري تہ اها چئبي جو سيٺ نائون مل ظاهر ۾ ٽالپرن سان گڏ هجي ها ۽ اندروني طرح انگريزن سان مليل هجي ها. هو تہ کلم کلايو ٽالپرن جي مخالفت ڪندو رهيو ۽ انهن تي واضح ڪيائين تہ توهان اسان تي ظلم ڪيا آهن. ۽ آئون انگريزن جي مدد ڪندس ۽ توهان جو مخالف آهيان. پوءِ اهو ماڻهو غدار ڪيئن ٿيو؟ غدار تہ زين العابدين شاهہ ۽ ابراهيم شاهہ هئا. جيڪي ڪراچي جا گورنر هوندي بہ اندريان ئي اندران انگريزن سان مليل هئا. ميرن پاڻ هڪٻئي سان غداري ڪئي. انهن کي ڪوبہ غدار نٿو چوي. غدار صرف نائون مل کي ڇو ٿو سڏيو وڃي. اسان جيڪڏهن سنجيدگي سان تاريخ جو اڀياس ڪنداسين تہ اسان کي نائون مل بيڏوهہ ٿي ملندو.

سنڌ جي تاريخ کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

اسان ٽالپرن جي دؤر جي ڳالهہ ٿي ڪئي. ڏٺو وڃي تہ آزاد سنڌ تہ ان وقت بہ نہ هئي. آزاد سنڌ جو تصور اسانکي راجا ڏاهر کانپوءِ ملي ئي نٿو. عربن ڪان سومرن، سمن ڪان مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن تائين سنڌ مختلف فاتحن کي ڏن ڏيندي رهي آهي. تہ پوءِ آزاد ڪاٿي هئي؟ انگريزن جو پلو ٿئي پوءِ بہ اسانکي گهڻو ڪجھ ڏئي ويا. نہ تہ امر جليل چواڻي هتي رڳو ڪوٽ، قلعا ۽ ميرن جا شڪار گاهہ هجن ها.

ڪراچي جي قديم مندرن ۽ ٻين قديم عمارتن بابت توهان جو ڇا خيال آهي؟

منگهي پير جي درگاهہ آهي. ۽ عبدالله شاهہ غازي جي مزار آهي اتي هڪ پراڻو ڪمرو هوندو هو. ڪياماڙي واري فوڊ اسٽريٽ جتي موجود آهي. اتي هڪ پراڻو مندر آهي. ان مندر کي ميرن جي دؤر ۾ سرڪار طرفان ڏيئو ٻارڻ لاءِ تيل ڏنو ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ ٻيڙائتا جيئن مان شڪار ڪري موٽندا هئا تہ اتي اچي ٽڪ پچيندا هئا. مندرن ۾ سڀ ڪان قديم ڪلفٽن وارو مندر آهي. جيڪو هڪ غار ۾ هو. جتان هڪ چشمو بہ وهندو هو. قديم مندرن ۾ ڪلفٽن، منهوڙي، جهولي لال مندر ڪان دور ۽ ڪياماڙي وارو مندر شامل آهن. باقي رتن تلاءُ وٽ بہ هڪ مندر آهي. جيڪو سيل ٿيل آهي. ڇاڪاڻ تہ اتي سکن ۽ هندن ۾ جهيڙو ٿي پيو هو. ٻنهي ڌرين جو چوڻ هو تہ اهو مندر سندن آهي. جهيڙي ڪان بچڻ لاءِ سرڪاران مندر کي سيل ڪرائي ڇڏيو آهي. اتي ئي 47ع ۾ ڪيترن ئي سکن کي اسانجي ملسمان ڀائرن باهہ ڏيئي ساڙيو هو. گرومندريا بندر روڊ وارو مندر انگريزن جي دؤر تعمير جو حصو آهن. هڪڙي ٻي اهم ڳالهہ تہ سنڌ ۾ اڪثر درگاهون ۽ مندر پاڻي جي وهڪرن ويجهو آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ مسلمان ان کي خواجہ خضر جو معجزو ٿا سمجهن تہ هندو وري ورڻ ديوتا جي ڳالهہ ٿا ڪن. هندو مهاڻا مندرن تي ۽ مسلمان درگاهن تي باسون باسي پوءِ سمنڊ طرف مڇين جي شڪار تي نڪرندا هئا. ڪراچي جي ساموندي پٽي تي اسان کي درگاهون بہ ملن ٿيون تہ مندر بہ.

مندرن جو ذڪر اسان ڪري آيا سين باقي درگاهن ۾ - درگاهہ شمس پير آهي. ابراهيم حيدري ۾ حيدر شاهہ جي درگاهہ آهي. ابراهيم شاهہ، حسن شاهہ، مصري شاهہ، سومار شاهہ آهي. ڪمال شاهہ آهي. اهي سڀ درگاهون آهن. پٽائي جي سر ساموندي جو تصور ڪوسٽل ايرياتي رهندڙ مهاڻن جي زندگين ۽ انهن جو پرڏيهہ اسهڻ بابت آهي. ان ۾ اهو سمورو تصور موجود آهي. جيڪو اسان اڄ بہ پنهنجين اکين سان ساموندي زندگي سان واسطو رکندڙ ماڻهن ۾ ڏسون ٿا. اها ٻي ڳالهہ آهي اڄ جديد سهولتون اچي ويون آهن. سيٽلائيٽ تي ساموندين سان رابطو رهي ٿو. اڳي انهن مندرن ۽ درگاهن تي مهاڻا باسون باسي نڪرندا هئا ۽ سندن تصور هو تہ اهي ئي سندن نگهبان آهن.

توهان پنهنجي ڪتاب 'برف جو دوزخ' ۾ برف کي دوزخ ڪيئن ۽ ڇو سڏيو آهي؟

اسان ٽي دوست چترال پئي وياسين. مون دوستن کي چيو تہ اپريل ۾ اسانکي نہ هلڻ گهرجي پر دوستن ضد ڪيو تہ ڪجھ ڪونہ ٿيندو. پر اسان جڏهن دير ڪان ٿورو اڳيان پهتاسين تہ برف باري شروع ٿي وئي. اسان هڪڙي ننڍڙي هوٽل ۾ ٽڪياسين. برف سڄي رات پوندي رهي. اسانجي گاڏين کي بہ برف ڍڪي ڇڏيو. اتان جي ماڻهن اسانکي چترال وڃڻ ڪان روڪيو ۽ چيو تہ بهتري ان ۾ آهي تہ توهان هتان واپس وڃو. اسان واپس تہ ورياسين پر اڌ ڪلوميٽر تائين برف ۾ هلندا رهياسين. اتي ٻن پوليس وارن اسانجي مدد ڪئي. اسان هيٺاهين تي هڪ ڪمري ۾ ٽن راتين ۽ ٽن ڏينهن تائين ٽڪيل رهياسين. ڇاڪاڻ تہ برف گهٽ ئي نہ پئي ٿي. بلڊوزرن رستا صاف ڪيا پر پوءِ بہ ڏهہ ڪلوميٽر اسان پنڌ ڪري دير پهتاسين. اهو منهنجي لاءِ جهڙُڪ دوزخ جو تجربو هو. ان ڪري مون ان ڪتاب جو نالو ئي برف جو دوزخ رکيو. حالانڪ ان ڪتاب ۾ ٻيا بہ ڪجھ مضمون ۽ مختصر سفرناما آهن. پر برف واري اڙانگي پنڌ مونکي مجبور ڪيو ۽ مون ان جو نالو ئي برف جو دوزخ رکيو. ان ڪان پوءِ وري جون جولاءِ ۾ اسان چترال وياسين ۽ اتان واپسي تي مون 'ڪالاش-ڪافرن جو ديس' سفرنامو لکيو.

توهان جو گهڻو فوڪس ڪراچي تي رهيو آهي. اوهان جي خيال ۾ ڪهڙا قبيلا آهن جيڪي هتان جا اوريجنل رهواسي آهن؟

منهنجي خيال ۾ سڀ ڪان پراڻو قبيلو جيڪو ڪراچي ۾ ٽڪيل آهي اهو آهي ميربحرن جو. موري پوئتي ۽ ڪراچي قبيلو. باقي بندري ۽ لاڙا بہ قديم

آهن. ڪجھ بلوچ قبيلا بہ هئا، جيڪي مڪران ۾ بيماري يا ڏڪار دوران ميرن جي صاحبي ۾ ڪراچي آيا. انهن ڏينهن ۾ ڪراچي قلات جو حصو هئي.

هين قديم قومن ۾ جوکيا، ڪلمتي، گبول، لاشاري، برج، راڻا، پنهور، خاصخيلي، ٻڪڪ، چنا، برفت ۽ پالاري وغيره اچيو وڃن ٿا.

هي اُهي قومون آهن. جيڪي زرعي ڪرت سان سلهاڙيل هئا. جيڪي قبيلا ملڪ اسد سڪندر جي راڄ ۾ اچن ٿا اهي برفت آهن ۽ باقي جيڪي پوتاڻي جي سرداري ۾ آهن، اهي جُتا سڏائين ٿا. اهي قومون پڻ ڪراچي يا ڪوهستان جي پسگردائي ۾ رهن ٿيون. **[ڇڻن جي سما سڏائڻ پويان ڪهڙي مامر آهي؟ جيئن الهبچايو يار محمد سمون اصل ۾ ڇتو هو اهو پاڻ کي سمون ڪيئن ٿو سڏائي- ت. ب]** اهو قصو اسانجي سمجھ کان ٻاهر آهي. چاڪاڻ تہ هن جا سمورا مائٽ پاڻ کي جُتو ئي سڏائين. هن مرحوم پنهنجي نالي پويان 'سمون' ڇو ڳنڍيو؟ ڪا خبر نٿي پوي.

ٻڪڪ قبيلو آهي. جيڪو اصل ۾ تہ هڪ آزاد قبيلو هو. لسٻيلي ۾ سندن حڪومت هئي. پر هاڻي کي غريب ٻڪڪ پنهنجا فيصلا قرڙا پوتاڻ کان ڪرائين ٿا ۽ ان جي سرداري کي تسليم ڪن ٿا. باقي اصل ۾ ٻڪڪ هڪ الڳ قبيلو آهي، جن وٽ سرداريءَ جو تصور ئي ناهي. آزاد خيال آهن. هونئن بہ جڏهن قبيلن جي سگھ ختم ٿي ويندي آهي اهي ڪنهن نہ ڪنهن سردار جي ڇنبي ۾ اچيو وڃن ٿا. ان ڪمزوري جو فائدو سردار بہ وٺن ٿا. ۽ انهن غريب قبيلن کي پاڻ ۾ ضم ڪري ڇڏين ٿا. ٻڪڪن جي بہ ڪجھ غريب ۽ ڳوناڻن ماڻهن تي پوتاڻي سردارين جي سرداري جو اثر پيو آهي. ۽ هنن ان کي قبول بہ ڪيو آهي.

اهي ڪهڙيون شيون هيون جن اوهان کي ڪراچي تي تحقيق ڪرڻ ۽ لکڻ تي اتساهيو؟

منهنجو والد صاحب لي مارڪيٽ ۾ مزدوري ڪندو هو. ۽ اتي ئي رهندو هو. آئون جڏهن پڙهندو هيس تہ اڪثر وٽس ويندو هئس ۽ بابا ٻڌائيندو هو تہ هتي هي مارڪيٽ هئي. سا ختم ٿي وئي آهي. هتي هيءَ بلڊنگ يا ٻي ڪا يادگار هئي سا ميسارجي وئي آهي. اهي شيون مون کي انسپائر ڪنديون هيون. 'آج' رسالي مختلف مضمون سهيڙي ڪراچي جي تاريخ بابت سٺي ڪوشش هئي. 'آج' جي جلد پهرئين ۾ هندن جو ذڪر آهي. پر جلد ٻئي جون ڪافي شيون اهڙيون هيون جن سان مون کي اختلاف هو. مون ان جي جواب ۾ لکڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سوچيم تہ ڪراچي جي تاريخ آئون نہ لکندس تہ ٻيو ڪير لکندو؟ چاڪاڻ تہ ڪافي شيون مون پاڻ ڏٺيون ۽ ڪي شيون وڏڙن کان ٻڌم. ۽ هاڻي تہ ڪراچي جي حوالي سان جهڙوڪ مون تي ٺپو لڳي ويو آهي. حالانڪ منهنجو ذاتي ارادو آهي تہ آئون ٺٽي تائين جيڪي ڪريڪس آهن انهن تي لکان. پر دوستن جو اسرار آهي تہ آئون ڪراچي تي ئي لکان. مون 'ڪراچي سنڌ جي مارئي' لکيو دوستن چيو تہ ڪافي شخصيتون رهجي ويون آهن. اهو احساس مون کي بہ هو. پر 640 صفحن واري ڪتاب کي جيڪڏهن وڌايان هان تہ 640 صفحا ٻيا ٿي پئي ويا. ايترو ضخيم ڪتاب ڪير وٺي ها. چاڪاڻ تہ پڙهندڙ هميشه وچين طبقي جو هوندو آهي. مٿئين طبقي جو ماڻهو ڪتاب خريد ڪري ڪڏهن ڪونہ پڙهندو. مفت ۾ ڪيس ڪتاب ملن تہ ڪو پڙهي تہ پڙهي- سو اهي حقيقتون سوچي مون اختصار کان ڪم ورتو. حالانڪ 'ڪراچي جا لافاني ڪردار' جي جيڪا مون فهرست تيار ڪئي آهي. اها پنجن جلدن جيتري ٿيندي. ڪجھ دوستن چيو تہ ڪي عمارتون بہ رهجي ويون آهن. انهن تي مون لکڻ شروع ڪيو تہ 300 صفحا اهي ٿي ويا. ساحلي علائقا بہ رهيل آهن. بہ ايائي سو صفحا اهي ٿيندا. ٻيو جيئن توهان علائقن جي ڳالھ ڪئي اصل ۾ گسري آهي، جنهن کي هاڻي گذري ٿا سڏين. اتي ڪير رهندا هئا. اهي ڇا ڪندا هئا. رامسوامي ٿيو رنڇوڙ لائين آهي. ڪڏو آهي، شيدي وليج آهي. حاجي مريد ٻڪڪ ڳوٺ آهي، بخشڻ وليج آهي. رانگي واڙو آهي. شڪارپوري محلو آهي. جتي ايل ڪي آڏواڻي تي ٻمر ناهڻ جو ڪيس ٿيو. هو جيئن جو هتان ويو تہ وري نہ وريو. نانڪ واڙو آهي. ڪوڙي باغيچو آهي، سولجر بازار آهي. ڇا ڪيواڙو آهي. اهي علائقا اهڙا آهن جن تي آئون لکڻ چاهيان ٿو.

ٻيو ڪوهستان جي ڇنسالي بہ گهڻي اهم آهي. 'ٻڌا' يا ان کان بہ اڳ جي دؤر جا نشان پٿرن تي اڪريل آهن جيڪي منگھي پير کان ابراهيم حيدري تائين پکڙيا پيا آهن اهي تحقيق طلب آهن.

آئون اهو بہ هڪ ڪتاب لکڻ جي سانباهن ۾ آهيان. لڳ ڀڳ ست ڪتاب ٿيندا جيڪي منهنجي رٿا ۾ شامل آهن جيڪي آئون ڪراچيءَ جي مختلف حصن ۾ پکڙيل آثارن تي لکڻ جو ارادو ڪيو ويٺو آهيان.

توهان هيڏي ساري تحقيق ڪئي آهي. توهان کي ڪڏهن پي ايڇ ڊي ڪرڻ جو خيال نہ آيو؟

اصل ۾ اڄ پي ايڇ ڊي جو اهو معيار رهيو ناهي. منهنجي ڪتاب، 'ڪراچي سنڌ جي مارئي' جي صرف هڪڙي باب تي بہ ڪنهن دوست پي ايڇ ڊي ڪئي آهي، تہ پوءِ منهنجو تہ تمام وڏو ڪم آهي ان جي پيٽ ۾. پنهنجي جاءِ تي پي ايڇ ڊي ڪرڻ جو مون ارادو ڪيو ضرور هو. ڏسجي ڪم اجا گھڻو پيو آهي. جيڪو ڪرڻو بہ آهي پر هڪ مسئلو سامهون اچي پيو تہ ان ڏس ۾ منهنجو گائيڊ ڪير ٿيندو؟ ڪير گائيڊ ڪندو مونکي؟ مونکي هڪ ڊپ بہ رهندو آهي تہ جيڪڏهن مون پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ باقاعده ڪم شروع بہ ڪيو تہ گائيڊ يا تہ منهنجو رستو روڪيندو، پريشان ڪندو يا وري سنئين سڌي اپروول ڏيندو، جيڪا بہ ڪا سٺي روش ناهي. سو لڳي ائين ٿو تہ مونکي پي ايڇ ڊي جو ارادو ترڪ ئي ڪرڻو پوندو. پر آئون ڪم ضرور ڪندس. جيڪي رٿائون مون توهان سان شيئر ڪيون آهن. جيڪڏهن حياتي ساٿ ڏنو تہ ضرور پوريون ڪندس. ها هڪ ٻي رٿا بہ آهي جنهن تي آئون ۽ ڊاڪٽر رخمان گل پالاري ڪم ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا ۽ ڪجھ ڪم ڪيو بہ اٿئون. اُها تہ اسان اهي پنڌ، اهي پيٽ، اهي رستا ڊسڪور ڪرڻ چاهيون ٿا جتان جتان سسئي لنگهي آهي. اسان پنيور کان ڪيچ تائين ماڻهن کان پڇائون بہ ڪيون آهن. اسان ڀٽائي جي بيتن جي روشني ۾ ڪجھ ماڻهن جي رهنمائي ۾ هاڙهي تائين پهتا آهيون. باقي ڪيچ تائين جيڪو پنڌ سسئي ڪيو آهي. اسان اهو بہ ضرور ڊسڪور ڪنداسين.

شاهہ سائين ڪوهستان/جبل/لس ٻيلي جي ٻولي پنهنجي شاعري خاص طور سسئي بابت چيل سُرن ۾ گهڻي استعمال ڪئي آهي. ڇا اڄ بہ انهن پڻن تي اها ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي؟

توهان لس وڃو، جبل وڃو اتي اڄ بہ اهڙا اهڙا لفظ ڪتب آڻجن ٿا جيڪي چڱو ڀلو لسانيات جو ماهر بہ نہ سمجهي سگهندو. ايتري تائين جو اهي لفظ اسان جي ڊڪشنرين ۾ بہ موجود ناهن. پر اسانجي لس وارن دوستن سان ظلم اهو آهي تہ هو پاڻ تہ سنڌي ٿا ڳالهائين پر اسڪولن ۾ انهن کي اردو پڙهائي پئي وڃي. اتي سنڌي ميڊيم اسڪول آهن ئي ڪونہ. هاڻي نتيجو اهو ٿو نڪري تہ لس وارا ماڻهو ڳالهائين تہ پيا سنڌي پر هو لکي نٿا سگهن. اهو وڏو الميو آهي.

لس وارا ماڻهو جيڪي شاهہ جو رسالو پڙهي نٿا سگهن پر اتي گهڻن ماڻهن کي شاهہ برزباني ياد آهي اتي شاهہ جا حافظ موجود آهن اسان ناني هنگلاج تائين ويا آهيون. پاڻ کي لکيل پڙهيل پيا سمجهون پر شاهہ جي حوالي سان اسان اتان جي ماڻهن اڳيان ڪجھ بہ نہ آهيون.

منهنجي اختيارين کان اها گهر آهي تہ اهي ان طرف ڌيان ڏين. ۽ اهڙي ڊڪشنري ترتيب ڏين جنهن ۾ لس/ ڪوهستان ۽ جبل جي ٻين پڻن ۾ ڪتب آندل ٻولي ۾ لفظ شامل ڪيا وڃن.

لفظن جي حوالي سان هڪ اهو بہ ڪنترا ڊڪشن آهي تہ ڪي لفظ مثال طور 'ٻوڙا'، 'رت' وغيره سنڌ جي ٻين علائقن ۾ مذڪر لفظن طور ڪتب آڻجن ٿا. پر ڪوهستان ۾ اهي لفظ مؤنث مڃيا وڃن ٿا. يا ڪجھ لفظن جون معنائون ئي ماڳهين ٻيون آهن. جيئن لفظ 'ڳڏ' آهي. اتر سنڌ ۾ 'ڳڏ' معنا فصل يا گلن کي خود رو ٻوٽن کان آجو ڪري زمين کي زرخيز ڪرڻ. پر جبل ۾ 'ڳڏ' معنيٰ 'پر ۾'، 'ويجهڙو' تہ اهي فرق آهن؟

منهنجو لاڳاپو جيئن تہ جابلو پٽي سان آهي تہ آئون هتان جي معنائن ۾ ئي لفظ ڪتب آڻيندو آهيان، جنهن تي ڪافي دوست اعتراض بہ ڪندا آهن. پر آئون چوندو آهيان تہ اسان وٽ جيڪا ٻولي جيئن ڳالهائي ويندي آئون تہ ائين ئي لکندس. باقي تضادن ۽ مختلف معنائن وارو سوال آهي. ان تي ضرور ڪم ٿيڻ گهرجي. ٻولي جي ماهرن کي گهرجي تہ ان طرف ڌيان ڏين. منهنجو سبجيڪٽ لسانيات آهي ئي ڪونہ. ان ڪري ان ڏس ۾ آئون ڪا بہ هام نہ هڻندس.

شاهہ جي ٻولي جي حوالي سان ج.ع. منگهاڻي جي ڪوشش کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

آئون منگهاڻي صاحب کي وڏي عرصي کان پڙهندو پيو اچان. هوءَ هلال پاڪستان ۽ عوامي آواز ۽ سوجهرو ۾ شاهہ جي حوالي سان لکندي هئي. هاڻي تہ سندس ڪتاب بہ اچي چڪا آهن. سندس ڪم اهم آهي. پر منهنجو اهو رايو آهي تہ لس، ڪوهستان ۽ ڪوسٽل علائقن جي ماڻهن کي هڪ ڪاميٽي جوڙي لفظن جي ترتيب ڏيڻ گهرجي ۽ اهي لفظ ڊڪشنرين ۾ شامل ڪرائڻ گهرجن ائين اسان ٻولي کي بچائي سگهون ٿا. ۽ ٻولي جي خدمت بہ ڪري سگهون ٿا. ۽ شاهہ لطيف کي بہ درست سمجهي سگهون ٿا. **[اصل ۾ اسانجي ساهتيہ پر ڳڻي ۽ اتر سنڌ سان تعلق رکندڙ ڀٽائي جي شارحن سڀ کان وڏي غلطي اها ڪئي آهي تہ هنن انهن لفظن جون معنائون غلط ڏنيون آهن، جن جو لسانياتي لاڳاپو لس يا ڪوهستان سان آهي. حالانڪ انهن شارحن کي مغالطا پکيڙڻ بدران لفظن کي جيئن جو تيئن رکڻ**

گهرجي ها - ت.ب] سرگهاتو سان ٻه ائين ئي ڪيو ويو آهي. هڪڙو لفظ آهي 'جهري' جنهن جي معنيٰ آهي. سمنڊ جو اهو هنڌ جتي مختلف ڪريڪس يا پاٽي جا وهڪرا پاڻ ۾ اچي گڏجن. اتي سمنڊ خوفناڪ صورت اختيار ڪري ويندو آهي. شارحن 'جهري' جي معنيٰ لکي آهي 'اونهو پاٽي'، ائين ته سڄو سمنڊ اونهو آهي. پوءِ سڄو سمنڊ 'جهري' ٿيو ڇا؟

تاج صاحب درست آهي ته شارحن کي جيڪي لفظ نٿي آيا ته اهي ڇڏڻ گهرجن ها. ائين ڪرڻ سان سندن 'عالميءَ' تي حرف ته نه اچي ها. حالانڪ دوستن مونکي ٻه چيو آهي ته آئون پٺائي تي لکان. پر مون هٿ مٿي ڪيا آهن. مونکان ڪا غلطي ٿئي ان کان بهتر آهي ته اهو ڪم ئي نه ڪيان. شاهه جي حوالي سان منگهاڻي صاحب جو ڪم بهتر آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي ساڻس اختلاف آهي ته اهو ساڻس بحث ڪري. هوءَ جواب ڏيندي. باقي اخباري بيان بازين سان ته ڪجھ به نه ورندو.

تاريخ جي حوالي سان توهان پنهنجي ڪم کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

آئون تاريخ جو شاگرد آهيان. آئون پاڻ کي اسڪالر نٿو سمجهان. تاريخ جي شاگرد جي حيثيت سان آئون پنهنجي ڪم کي ايف آءِ آر سمجهان ٿو. هاڻي مون مختلف معاملن تي پهرين رپورٽ لکي آهي. باقي ڪم ماهرن جو آهي، ته هو ان ڪم کي ڪيئن ٿا ڏسن؟ يا ان مان ڪهڙيون شيون ڊسڪور ٿا ڪن؟ مثال آئون لکان ٿو ته رنڇوڙ لائين تي اهو نالو ڪيئن پيو. رنڇوڙ داس ڪير هو؟ ٻيون ڪهڙيون عمارتون ۽ علائقا آهن جيڪي مٽجن پيا. گسري آهي جنهن کي هاڻي گذري پيا سڏين. آئون انهن جي اصليت تي لکان ٿو. انهن هنڌن، ماڳن ۽ عمارتن جي تاريخي حيثيت ڪهڙي آهي؟ انهن جا نقشا دنيا جي ڪهڙين عمارتن سان ملن ٿا؟ انهن شين کي ڊسڪور ڪرڻ ٻين عالمن جو ڪم آهي.

ڪراچيءَ جي ڪهڙين شخصيتن بابت توهان جو خيال آهي ته انهن تي گهٽ لکيو ويو آهي يا مور ڳو لکيو ئي ناهي ويو؟

مون گهڻين شخصيتن کي ته پنهنجي ڪتاب 'ڪراچي سنڌ جي مارئي' جي شخصتن واري حصي ۾ شامل ڪيو آهي. پر ڪافي شخصيتون رهجي ٻه ويون آهن. جن ۾ قادو مڪراني جيڪو مڪران ۾ پيدا ٿيو. انگريزن سان مهاڏو اٽڪايائين ڪراچي ۾ ڪيس ڦاهي ڏني وئي. سندن ذڪر ڪٿي ٻه نٿو ملي. هو ميواشاهه قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي. چاڪر خان ڪلمتي، چاڪر خان جو ڪيو جن انگريزن کي ٽوٽا چٻائي ڇڏيا هئا. سندن قبرون ڪٿي ٻه نه ٿيون ملن. سڪرام داس اوجها (جنهن جي نالي پويان اوجها انسٽيٽيوٽ آهي. هو ٽي ڪان آيو هو. ميونسپل ڪاميٽي جو ميمبر هو. سڪرام اوجها جا بيان پراڻين اخبارن ۾ ملن ٿا.) دريا نومل (جڏهن هتي ميرن جي صاحبي هئي. ۽ هنن قلات ڪان ڪراچي کي واپس وٺڻ لاءِ ڪراچي تي ڪاهيو. ٽن مهينن تائين ٿيندڙ معرڪن جي نتيجي ۾ ٻه هو ڪراچي وٺي نه سگهيا. اهو انڪري جو دريانومل سندن مقابلي ۾ هو.) غلام محمد لاسي (پنهنجي دؤر جو بهترين ڪرڪيٽر هو. جنهن جو ذڪر ڪنهن انگريزي ڪتاب ۾ ٻه آهي. اهو گڏيل هندستان جو پهريون رانديگر هو جنهن پهريون هزار رنسون ۽ پهريون سو وڪيٽون ورتيون هيون. ابراهيم لاسي سندس پاءُ هو. هو ٻئي انگليند تائين ڪرڪيٽ کيڏڻ ويندا هئا)

انهن وڏين شخصيتن جو نالو ڪنهن ٻه پويلين تي ناهي انهن کي ڊسڪور ڪرڻ گهرجي. حضرت شاهه آهي. هو ستن زبانن ۾ شاعري ڪندو هو. سندس جوڙيل ڌن، 'بجان تير بجان' پي پي جو جهڙوڪ قومي ترانو ٿي وئي آهي. پر ڪنهن کي پتو ئي ناهي ته ان جو نالو حضرت شاهه هو. حضرت شاهه لياري جو هفته زبان شاعر آهي. سندس پٽ رڪشه ٿا هلائين. مزدوريون پيا ڪن. مولانا محمد صادق کڏي وارو آهي، جنهن خلافت تحريڪ دوران وڏو ڪم ڪيو. غلام محمد نظامي آهي جنهن کي گهڻا نظاماڻي سمجهن ٿا. اصل ميمڻ هو، جعفر ڦدو (سنڌ ۾ پهريون انگريزي صحافت جو ابو هو. اهو انگريزن ڪيس خطاب ڏنو ويو.) هو خالقڏني وارن جي فيملي جو ماڻهو هو. مختلف اداڪار آهن شوڏاساڻي فيملي آهي. هري جيڪو ڪرينا ڪپور ۽ ڪرشما ڪپور جو نانو هو اهو هتان جو رهواسي هو. هن ورهاڱي کانپوءِ انديا وڃي 80 کان وڌيڪ فلمن ۾ ڪم ڪيو. آفتاب شوداساڻي آهي. ان جا وڏا ٻه هتان جا هئا. آئون 150 کن شخصيتن تي لکڻ چاهيان ٿو. جن جو ڪنهن نه ڪنهن طرح سان ڪراچي سان لاڳاپو رهيو آهي. جن ۾ ڪائوسجي ٻه شامل آهي.

توهان ذڪر پئي ڪيو ته ٻه دفعا ڪراچيءَ کي خون بها جي عيوض ڏنو ويو. اهو ڪيئن؟

ٻئي دفعا ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪراچي خون بها عيوض ڏني وئي. پهريون ڀيرو زرق خان، جيڪو خان آف قلات جو نياڻو هو. اهو مارجي ويو ته مغلن فيصلو ڪيو ته ڪراچيءَ کي ڏنڊ ۾ خان آف قلات حوالي ڪيو وڃي. ۽ ائين ئي ڪيو ويو. ٻيو ڀيرو محراب خان شهيد ٿيو ته وري ٻه ڪلهوڙن کي خون بها ۾ ڪراچي خان آف قلاتي حوالي ڪرڻي پئي. 80 سالن کان مٿي عرصي تائين ڪراچي خان آف قلات وٽ رهي. پوءِ ميرن 1790ع يا 1794ع ڌاري ڪراچي خان آف قلات کان ڇڏائي سنڌ ۾ شامل ڪئي. اهو ٻه انڪري جو خان آف قلات کي جڏهن هتان جي ماڻهن ٽيڪس ڏيڻ بند ڪيو ته پوءِ هن جي دلچسپي ختم ٿي وئي. مير جيئن ته هتان جا حاڪم هئا. اهي ٽيڪس اوڳاڙي سگهيا پئي ان ڪري هنن ڪراچي سنڌ ۾ شامل ڪئي. جڏهن انگريز هتي آيا ته ڪراچي جو قلعو فقط 15 منٽن ۾ فتح ٿي ويو. ڪل 16 ماڻهو قلعي ۾ موجود هئا جن مزاحمت ڪئي. ڪراچي جا مقامي ماڻهو ميرن جي خلاف هئا، چاڪاڻ ته ميرن ٻاهريان ماڻهو ڪراچي جا گورنر مقرر ڪيا هئا. انڪري سنڌين ميرن سان ساٿ نه ڏنو. سواءِ ميرن جي مائٽن جي ٻيو ڪو ٻه ميرن جي پاسي ڏانهن اٿي انگريزن سان نه وڙهيو. سبب اهو هو ته هو پاڻ هتان جا هئا ئي ڪونه. هنن هتي فارسي ٻولي نافذ ڪئي هئي ۽ عملدار پڻ ڌاريا رکندا هئا. پوءِ مقامي ماڻهو انهن جو ساٿ ڪيئن ڏين ها. ٻيا اهم مسئلا فرقه واريت (سني شيعا)، قوميت (سنڌي، بلوچ) ۽ مذهبيت (هندو مسلمان) ٻه سامهون آيا. ميرن اهڙا محاذ کولي پنهنجي حڪومت پاڻ ڪمزور ڪئي.

نتيجي طور انگريزن آساني سان هتي قبضو ڪيو. اهڙو سچ چوڻ تي گهڻا دوست ناراض ٻه ٿيندا آهن. ته ابراهيم شاهه سندن مائٽ هو. آئون ان کي غدار ڇو ٿو چوان؟ آئون چوندو آهيان ته آئون پنهنجي جاگير بچائيندڙ سردار ابراهيم ڪلمتي کي ٻه نٿو بخشيان ته ٻي کي ڪيئن بخشيان. جن ٻه غداري ڪئي آهي. انهن تي تاريخ گواهه آهي. آئون ته صرف تاريخ پيو ٻڌايان. انگريز ڪُل ٽن ٻيڙين تي آيا هئا. ۽ قبضو ڪري ويهي رهيا. اهو صرف ان لاءِ ته هتان جا ماڻهو انهن سان ملي ويا. اسان جا ڏاها سواءِ نائون مل جي (جيڪو غدار هيو ئي ڪونه) ٻيو ڪنهن کي ٻه غدار نٿا سمجهن. اسانکي انهن تي لکڻ گهرجي.

ٽالپرن يا ڪلهوڙن جي دؤر کانسواءِ ٻين دؤرن ۾ سنڌ ڪيئن رهي؟ ڪهڙو دؤر سنڌ جو سٺو دور هو؟

تاريخ جيڪڏهن ڏسون ته راجا ڏاهر کانپوءِ اسانکي آزاد سنڌ ته ملي ئي ڪانه ٿي. عرب ٻاهران آيا، سومرا آيا. اهي ٻه ڏن ڀريندا رهيا. ڪلهوڙن ته حڪومت ئي مغلن جي ڪري ڪئي. ٽالپرن ڪڏهن پٺاڻن کي ته ڪڏهن رنجيت سنگھ کي ڏن ڏيندا رهيا. ارغون، ترخان هونئن ئي ڌاريا هئا. سمن جي صاحبي ٻه ڏن ڏيندي گذري ته آزاد سنڌ هئي ڪاٿي؟

راجا ڏاهر کانپوءِ سنڌ آزاد رهي ئي ڪونهي. جڏهن سنڌ آزاد هئي ئي ڪانه ته ڪهڙي دؤر کي سٺو چئون. توهان ڀلي شاهه سائين جي ڪري ڪلهوڙن جي دؤر کي سونهري دؤر چئو. ۽ ادب جي حوالي سان هوندو ٻه ڪٿي. پر سماجي ۽ سياسي حوالن سان ڏکيو دؤر هو. شاهه عنايت کي مارايائون، عبدالرحمان کهڙن واري کي مسجد ۾ 22 نمازين سوڌو مارايائون. پوءِ اهو دؤر ڪيئن سونهري ٿيو؟ اڃا ٻه انگريز چڱا هئا. ساڻن سوين اختلاف آهن، پر پوءِ ٻه اهو اسانکي رستا، ريل، ٽرامون، زرعي اوزار قانون، آبپاشي جو نظام ڏيئي ويا. توهان کي خبر آهي ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ڪٿي ٻه ڪو اڌ ڪلوميٽر رستو ٻه پڪو نه هو. بندر روڊ تي مٽيءَ کي ماٺو رکڻ لاءِ پاڻي جو ڇڻڪار ڪيو ويندو هو. اهڙي طرح ڏنو وڃي ته انگريزن سنڌ کي هر طرح سان ترقي وٺرائي- ميڄڻ مراد آهي. ■

زندگي، زهر تي پيئي وفا...

سيف الله خالد يوسفاڻي

وفا شاعري جي ابتدا ان دور ۾ ڪئي، جيڪو دور غزل جي شاعري جو تابناڪ دور هو. ان دور ۾ سنڌي غزل کي روايتي انداز ۾ ان جي تقاضائن مطابق لکيو پئي ويو. اهو دور سنڌي غزليه شاعري جو سنهري سڏجي ٿو، جنهن دور ۾ سنڌي غزل جا استاد شاعر، شاعري جي افق تي روشن ستارن جيان چانيل هئا.

مخدوم طالب المولیٰ، احسن الهاشمي، اسحاق راهي، محمد خان غني، محسن ڪڪڙائي، فيض بخشاپوري، مخمور يوسفائي، ولي سروري، رشيد احمد لاشاري، احمد خان آصف، شعراءِ ٽڪڙ ۽ ٻيا ڪوڙ سارا شاعر غزل جي شاعري ۾ پنهنجي استاداڻي حيثيت مڃائي چڪا هئا. ان دور ۾ وفا جهڙي اسرندڙ شاعر جي جاءِ ٺهڻ ڏاڍي مشڪل ڳالهه هئي ليڪن وفا پنهنجي اساد مخمور يوسفائي جي مخلصاڻي تربيت، پنهنجي عظيم ڀائرن عبدالڪريم 'ڪريم' پلي ۽ راج محمد جمال جي علمي ادبي پرورش، مخدوم طالب المولیٰ ۽ سنڌ جي ٻين اعلیٰ پايي جي اديبن ۽ شاعرن جي علمي ادبي صحبت ۽ خود پنهنجي فطري شاعرن صلاحيتن سبب استادن جو هجوم مان نڪري نروار ٿيو. پنهنجي سڃاڻپ هڪ مستند غزل گو شاعر طور ڪرايائين ۽ بنهه ٿوري وقت ۾ انهن استاد شاعرن جي صف ۾ شامل ٿي ويو ۽ سندن هم پلئہ شاعر طور مڃتا ماڻيائين ۽ سنڌي غزل جو مقبول ۽ معروف شاعر بڻجي ويو.

ان ۾ ڪابہ شڪ ۽ گمان جي ڳالهه ناهي تہ جنهن شاعر غزل کي سندس زمين ۾ عربي فارسي ترڪيبن ۽ جملي فني گهرجن مطابق ۽ عروضي اصولن تحت لکيو، ان شاعر کي شاعري ۾ عروج ۽ اعلیٰ مقام حاصل ٿيو ۽ جن ماڻهن انهن شين کان ڪناره ڪشي ڪري غزل ۾ اڻ سونهندڙ تجربا ڪيا. تن کي ڪا خاطرخواه موٽ نہ ملي سگهي.

وفا جي غزل کي جيڪا ڪماليت حاصل ٿي ان جو سبب بہ اهو آهي تہ هن صاحب بہ غزل سان انصاف ڪيو، غزل کي فني ۽ فڪري تقاضائن کي سامهون رکي لکيو تڏهن ئي پاڻ نندڍيءَ ٿهيءَ کان سنڌي غزل جو مقبول ترين شاعر بنجي ويو، تڏهن ئي تہ سندس ڪنهن مداح شاعر پنهنجي محبوب جي سونهن کي وفا جي غزل سان ڀيٽيو آهي.

چنڊ تارن سان چو ڀيٽ تنهنجي ڪريان
تون تہ اهڙو حسين جڻ 'وفا' جو غزل

وفا جي شاعري تي لکڻ وارن لاءِ سندس شاعري جي موضوعات جي ڪا کمي ڪونهي ۽ مون انهن موضوعن مان 'درد' کي پنهنجي هن مختصر مضمون لاءِ چونڊيو آهي.

مون وفا جي شاعري الائي تہ ڪيترا ڀيرا پڙهي آهي ۽ ٻڌي آهي، مون کيس لفظ لفظ ۾ سراپا درد ۽


وفا پلي

سٽ سٽ ۾ سورن جي تصوير ڏٺو آهي. سور کي اهوئي سمجهي جنهن جي ورونهن ئي سور بنجي وڃن ۽ جيڪو صبح شام دردن جي پيڙا ۾ پيڙجي. وفا پاڻ ان ڳالهه جو اظهار ڪري پيو،

سا پڙهڻ واري کي خبر ڪهڙي
جو لکڻ واري پوڳيو هوندو.

وفا جي درد جون شدتون تہ وفا ڄاڻي پر پڙهڻ واري کي بہ سندس درد لوساڻي وجهي ٿو. وفا هڪ لمحي لاءِ درد کان فارغ ناهي، سورن ۽ غمن سان برسرِ پيڪار 'وفا' ڪڏهن انهن درد کي پنهنجا اڪيلائي ڄا ساٿي بنائي دل ۾ وسائي ٿو تہ ڪڏهن وري انهن کان فرار حاصل ڪرڻ لاءِ سرگردان آهي. ڪڏهن غمِ هجران جي سمونڊ جي ڇولين ۾ غوطا کائيندو رهي ٿو تہ ڪڏهن وري غمِ دوران جي درياهہ ۾ لڙهندو پسجي ٿو،

هي بيڪسيءَ جا نغما
هي حسرتن جا نوحا
هي درد جا فسانا
مايوسين جا ميلا
آهيون ڪٿي اڪيلا.

غم دوران غمِ جانان
جيئڻ جو مشغلو آهي.

هجر و فراق جا هاڃان، دوستن جون بي وفايون ۽ ناروا روشون ۽ وقت وارن جون ستم ظريفيون وفا کي سورن جي ماٽي ۾ ولوڙي ولوڙي جڏهن صفا جهوري وڃن ٿيون تڏهن سندس اندر جون ڪيفيتون مايوسين جي انتهائي حدن کي ڇُهڻ لڳن ٿيون.

مون کي حاصل فنا کان پو يارو
درد و غم کان مفر ٿئي شايد

يا

ڪنهن ٿي ڄاتو 'وفا' ڪو ايئن ٿيندو
پاڻ کي پاڻ مارڻو پوندو.

پنهنجن ساهه سريلن ۽ همراز دوستن تان جان وارڻ واري وفا جي دل تي جڏهن انهن دوستن ناروا سلوڪ ۽ بي وفائي جا وار ڪيا تہ مٿس درد جا پهاڙ ٽٽي پيا ۽ سندس وفا تان صفا ويساهه ئي کڄي ويو.

هاڻي ڪونهي وفا جو دور 'وفا'
هي اڳوڻيون روايتون آهن.

پيڪر وفا جي زبان تي دوستن لاءِ پوءِ بہ ڪا شڪايت ناهي، بس پنهنجي اندر جي پيڙا کي لڪائي ناهي سگهيو. ۽ يارن جي ڪج ادائن تي پاڻ روڪي نہ سگهيو آهي ۽ روح جي سختي ۽ اندر جي تڪليف ڪانئس صرف ايترو چوائي ٿي،

دوستن جو سلوڪ ڇا چئجي
دشمنن کان نہ گهٽ هئا يارو

وقت ڇا وارُ ڪري ويو يارو،
باوفا يار گهٽيا، بي وفا يار وڌيا.

وقت وارن جا وار سهبا پر
دوستن جو سلوڪ ماري ٿو.

وفا محبتن جو پرچار ڪندڙ انسان ۽ ڪوڙ ڪپٽ ۽ دوکي کان صفا اڻڄاڻ، جهڙو اندر تهڙو ٻاهر. وفائن ۾ يقين رکندڙ ۽ دوستي کي ايمان سمجهندڙ ۽ بي غرض، سچو ۽ مخلص ماڻهو جڏهن دوستن جي مطلب پرستي کان آشنا ٿئي ٿو تہ بجاءِ شڪوه سڪايت جي خود انهن جي دوستي کان الڳ ٿي ٿو وڃي.

پنهنجي مطلب پرست يارن جي
دوستي کان نجات چاهيون ٿا.

دل وارن جي دوري، يارن جي ڪج نِمط ۽ وقت وارن جي بيقدري جي دردن جڏهن سندس دل ۾ ديرا ڄمائي، وجود کي وڻ ويڙهي وانگر ويڙهي ورتو تہ ڪانئس سڪ ۽ قرار رسي ويندو رهيو، زندگيءَ جون سموريون آسائشون ۽ راحتون ميسر هوندي بہ خوشيون ڪانئس ڪوهين ڏور ويندیون رهيون ۽ خوبصورت خماريل اکين مان ننڊ موڪلائي وئي ۽ اوجاڳا ۽ بيقراريون سندس ڏاج بڻجي ٿا وڃن.

تنهنجي يادن کان ڇوٽڪارو ناهہ،
خاڪ سڪ سان اي يار سمهنداسون.

سوزشِ دل بہ دستو گهٽجي
گهٽجي غم جو غبار سمهنداسون.

غم هجران جا ڪرب و بلا، سوزشِ جگر ۽ نينهن جا ناسور جڏهن ڪيس دردن جي گهاٽي ۾ پيڙڻ لڳن ٿا تڏهن بہ وفا جو حوصلو سورن کي هارائڻ ۽ قرار حاصل ڪرڻ لاءِ پراميد نظر اچي ٿو.

ڪيسين جاڳائيندين غم هجران
نيٺ زيرِ مزار سمهنداسين.

ڪيس خبر آهيَ تہ سندس چاره گر موٽي اچڻو ناهي پر پوءِ بہ ان جي راهہ ۾ اکيون اٽڪائي سراپا انتظار آهي.

هن شهر ۾ وفا نہ آهي ڪو
تنهنجو همدرد يار ڇا ڪريان.

ڪوبہ ايندو نہ ريگزان ۾
راهہ ڪنهن جي وفا نهاري ٿو.

ڏکن ۽ سورن جا سلسلا ڪيترا بہ طويل ڇو نہ هجن پر وفا جو حوصلو انهن کان گهڻو مضبوط، پاڻ ڪٿي بہ زندگي کان مايوس نظر نٿو اچي ۽ خوشين کي پنهنجائپ لاءِ پرعزم آهي.

غم جي تمهيد ڀَلُ هجي بہ ڪٿي
پر خوشي ڪا ڇڏڻ جي شيءِ آهي.

اي وفا ڪجهہ تہ اچا جي ڏسجي
من ڏسون منهن ڪو مسيحائن جو.

زندگي ڇا آهي؟ وفا چوي ٿو،

اي مسرت پسند انسانؤ
زندگي دشتِ ڪربلا آهي.

’وفا‘ عشق کي ڪيئن پروڙيو، پر ڪيو ۽ عاشقي ۾ ڇا حاصل ڪيو؟ پاڻ وفا ٻڌائي ٿو.

درد غم جو آ يار مجموعو،
عشق ۾ هونديون لذتون ڪهڙيون.

جڏهن زندگي جو ساز شڪسته ٿي وڃي ۽ راحتون رنج ۾ تبديل ٿي وڃن ته پوءِ دعا به بيڪار ته دوا به بيڪار.

ڪيترا نغما ويا ٿي نذرِ غم
زندگاني جو شڪسته ساز آ

—

زندگيءَ جي دعا نه ڏي مونکي
اي مسيحا شفا نه ڏي مونکي
آرزو ڪانسوا نه ڏي مونکي
دردِ دل جي دوا نه ڏي مونکي

حقيقت پسندي ۽ سچائي جو قائل وفا، غير سان شڪايت ڪرڻ جي بنهه حق ۾ ناهي ونس غير جي حيثيت غير ڪانسواءِ ڪجهه ڪونهي توڙي جو غيرن ڪان اڻ ڳڻيا درد پرايائين. ڪيس پنهنجن جي جهوري ئي جهوريو آ.

اٿئون جي غم ته پرين تنهنجي ڪج ادائي جو
زمانو غير هو، غيرن تي ڪا ميار آهي.

هر ساعت وصل جي اميد تي هجر جي نذر ڪري، راتيون جاڳي حسرتن ۽ آرزوئن جي شمع کي رت جي ڳوڙهن سان روشن رکي سراپا انتظار جي ڪيفيت ۾ جيئڻ ته ڪير وفا ڪان سکي.

ٿي ميسر نه وصل جي ساعت
شام هجران هزار بار آئي

—

آرزئون جون تربتون آهن
دل ۾ ڪيڏيون نه حسرتون آهن

—

هاڻ دل جو علاج ڇا ڪريان
حسرتن جو مزار آ پيارا

دنيا جي اها ڪهڙي جاءِ آهي، اهو ڪهڙو گوشو آهي جتي درد وارن کي محبوب جي گهٽي جي ياد نه اچي.

ياد جو درد آهه بنجي نه اپري

—

ڪنج زندان ۾ درد مندن کي
ڪوءِ جانان جي ياد آئي آ

شدتِ درد ۾ وحشتِ دل جو هي عالم جو بي سرو ساماني جي حال ۾ دشت پيمائي ۽ رڻ پٽن جي رولاڪي ياد اچڻ وفا ٿورن لفظن ۾ ڇا ته تصويرڪشي ئي آهي.

دل جي حالت فزون فزون آهي
دشتِ ويران جي شاد آئي آ.

وفا جو چاره گر کي داستانِ درد ٻڌائڻ به سندس لاءِ باعث درد بڻيو.

فسا نه درد ٻڌي پي وري خفا ٿيندو
نه خبر هئي ته ستم هيئن به رونما ٿيندو

پوءِ به دردن جي گهاٽن ۾ پيڙجندڙ ۽ ڏکن جو ڏئون ۾ جلندڙ وفا سراپا صبر ۽ لبِ بسته آهي ۽ ضبطِ فغان سان غمن جون شامون گذاري پيو.

خوگرِ درد وفا، صبر سوا ڪجهه به نه آ

—

شامِ غم جي لڄ رکي ضبط فغان
راتِ دل مان بارات الم گذري وئي.

مون وفا صاحب کي زندگي ۾ ڪڏهن به شڪسته دل نه ڏٺو، منجهس ڪمال جو حوصلو ڏٺو، سدائين سورن کي سيني ۾ لڙڪن کي اکين لڪائي، چپن تي مرڪون سجائي جيئندي ڏٺو. وفا جي زنده دلي اهو ڪڏهن به گوارہ نٿي ڪري ته هو دنيا وارن جون همدرديون وٺي پاڻ کي قابلِ رحم بنائي ڇڏي. جڏهن به ڪنهن ساٿس سور ورهائڻ ۽ آٿتون ڏين جي ڪوشش ڪئي ته وفا ان کي پنهنجي سيني جون وسعتون ڏيکاري چپ ڪرائي ڇڏي.

منهنجي غم ۾ اداس ٿي نه پرين
منهنجي سيني ۾ دم گهٽو آهي

ڇوته وفا چاره گر و مسيحا ڪان مايوس ٿي پاڻ پنهنجو مسيحا بڻجي سورن کي شڪسته ڪرڻ لاءِ زندگي جي زهر کي امرت بنائي پي ۽ جي رهيو آهي.

ويچ آهي نه ڪوئي پنهنجو وفا
ڪنهن سان رنج و محن جي ڳالهه ڪجي.

—

تشنهءِ ڪام ازل آهي وفا
ناهه ڪو ڪار ساز ڪنهن کي ڇئون

—

دشتِ غربت ۾ درد مندن لئه
ڪونهي ڪو غم گسار موٽي آ

—

موت خود ويو مري شب هجران
زندگي پي نراس آ پيارا.

وفا صاحب پنهنجي وڏن ڀائرن خانصاحب عبدالرحمان، عبدالڪريم ’ڪريم‘ پلي ۽ راڄ محمد جمال جي محبتن ۽ شفقتن جي هنجن پلجي وڏو ٿيو پر جڏهن انهن عظيم شفيق ڀائرن جو ڇانورو هڪبئي پٺيان سندس سر تان ڪڇي ويو ته وفا واري جي محل جيان ڀُري پٽ پئجي ويو. طويل عرصي جي لب بستگي کانپوءِ جڏهن لب ڪشائي ٿي ته هيئن ٿي،

ڀهرين عبدالرحمان
پوءِ ڪريم رحيم به هليا
ساڳئي ماڳ مڪان

—

تو ٽوڙي وفا جي دل اي ڪريم
ڇا لاءِ ڇڏيئي ويچارن ۾.

وڇارن کي پنهنجن ماڳن مڪانن تي نه پسي سندس وٿاڻ خالي ڏسي وفا جو اندر صفا جهجي جهُري پيو.

واٿون ويڙها ساڳيا ليڪن
وڇاري جي واس ڪان خالي.

’وفا‘ حقيقت پسند انسان آهي، وفا قول ۽ فعل ۾ تضاد ڪان پاڪ انسان آهي. وفا جيڪو شاعري ۾ آهي. عملي زندگي ۾ به اُهوئي آهي. وفا اهو سچو سون آهي جيڪو سورن ۽ دردن جي ڪُوري ۾ جلي جلي ڪندن بڻجي ويو. ضبط فغان جو عملي نمونو جهڙو مون وفا کي ڏٺو اهڙو ڪنهن کي به نه ڏٺو. لڙڪن جو وهڻ ته فطري عمل آهي پر درد جي طوفانن ۾ لڙڪن جي سيلاب کي روڪڻ جو حوصلو ۽ ڪمالِ هنر مون صرف وفا صاحب ۾ ڏٺو. اهو به تڏهن جڏهن ڪريم پلي جي وفات تي سڄي سنڌ ۽ خصوصاً نارو پٽ ماتم ڪدو بڻيل هو هر طرف آهه ٻڪا اشڪن جي برسات هئي. ان حال ۾ وفا پنهنجي لبن کي بستگي جي مهر هڻي پنهنجي اکين جي ريگزارن وانگر خشڪ ڪري ڇڏيو ۽ همدرديون وصول ڪرڻ بجاءِ اکين ئي اکين ۾ راڄن کي آٿتون ۽ دلاسا ڏيندو رهيو. وفا ڏکن جا سمونڊ ائين پي ويو ڄڻ ساڻس ڪجهه ٿيو ئي ناهي. درد کي اهڙي ته شڪست ڏنائين جو درد خود محو حيرت رهجي ويو هوندو. اهو ئي حال راڄ محمد جمال جي وڇوڙي تي به هوس. سورن کي هارائي وفا اڄ به جيئي پيو. اهوئي وفا آهي ۽ اُهي ئي سندس وفائون آهن يارن دوستن ۽ اوڙي پاڙي سان.

وفا کي تعريف و خوشامد ڪان سخت چڙ ۽ شهرت ۽ وڏ ماڻهپي ڪان سخت عار. سندس يارن دوستن سان نباهه، حاجت وارن مان همدرديون اوڙي پاڙي سان فياضانه سلوڪ به پس پردي. ساڄي هٿ جو ڪيو ڪاٻي هٿ ڪان لڪائڻ ۾ يقين رکندڙ انسان آهي. علمي ادبي دوستن لاءِ وسيع دل ۽ ڪشادو هٿ رکندڙ وفا سچ پچ ته پنهنجي نالي وانگر وفا جو مجسمو آهي.

وفا جي شاعري ۽ فن تي ته ڪو صاحب فن ماڻهو ئي ڪا سٺي ڄاڻ ڏئي سگهي ٿو. باقي مونکي اها ذاتي طرح خبر آهي ته وفا انهن شاعرن مان ناهي جيڪي شعر لکي پوءِ ان جي بحر وزن جاچ پڙتال پيا ڪندا ۽ لفظن جي متاسنا پيا ڪندا آهن.

وفا کي شعر و فن کي اهو عبور ۽ ڪمال حاصل آهي ته هن جيڪو به لکيو ان کي رندي هڻڻ جي ضرورت محسوس ڪونه ڪيائين. اها سندن فن جي پختگي ۽ فڪري ڪماليت جي علامت آهي.

وفا طويل گوشه نسيني بعد جڏهن ڊاڪٽر اسد جمال جي اسرار تي ٻيهر علمي مجلس ۾ واپس آيو ته ڄڻ ادبي دنيا ۾ بهار اچي وئي، ادبي حلقن ۾ خوشيون ۽ علمي ادبي دوستن جي چهرن تي مرڪون ۽ رونقون اچي ويون.

اهو وفا ئي آهي جيڪو پنهنجي اساتذه جي دور ۾ به استاد شاعر هو، پنهنجي هم عصر شاعرن جي دور ۾ به غزل جو استاد شاعر رهيو هاڻي ٿي دور ۾ استاد شاعر آهي. سنڌ شاعرن سان ڀري پئي آهي پر مون کي عصرِ حاضر ۾ سندس هم پلهءِ غزل گو شاعر سجهي ئي ڪونه توڙي جو سنڌي ۾ سٺو غزل لکڻ وارا اڄ به تمام گهڻا شاعر موجود آهن. گهٽ ۾ گهٽ آئون ته اهو ئي چوندس ته وفا هن دور جو تمام وڏو غزل گو شاعر آهي. باقي دوستن جي راءِ تي ڪو به اعتراض نه رکندس جيڪڏهن سندن راءِ ذاتي پسند يا ناپسند ڪان هٽي ڪري علمي فني دليلن تي قائم هوندي.

مونکي خبر آ ته وفا صاحب تعريفن جو محتاج ڪونهي پر مون اُهو ئي لکيو آهي جيڪو ڏٺو، پروڙيو، پرکيو ۽ سمجهيو آهي.

وفا صاحب وري به علالت جي باعث ادبي محفلن کان پري ٿي ويو آهي پر مونکي خدا جي ذاتي ۾ يقين آهي ته رب پاڪ کيس ڪامل شفا ۽ خضري حياتي عطا ڪندو ۽ سنڌي شاعري جو هي انمول هيرو وري علمي ۽ ادبي مجلسن جي رونق بڻبو. آئون وفا صاحب کي سندس لفظن ۾ نِنڌڙي التجا ڪندس.

جي ورڻ جي ڪرين ته به بهانا گهڻا
جي نه موٽي ورين ته به بهانا گهڻا
اڄ اچڻ جي ڪرين ته به بهانا گهڻا
جي سياڻي پرين ته به بهانا گهڻا. ■



درد جي ميراث جو شاعر...

تاج بلوچ

خليل عارف، نئين ٿهي ۾، مونکي انگريزي شاعر ڪيٽس جيان محسوس ٿيندو آهي. ڏڪارو، بيساختہ ۽ گهرو. ڪڏهن ڪڏهن زود نويسي جي ڪري ابهرو ۽ مٿاڇرو پڻ. پر مجموعي طور هن جو بيان ۽ ٻولي ستارن جي ڪٿولي لڳندي آهي. جيڪا انيڪ سيارن ڪي ساڻ ڪنيو، ڪنهن اڃاتل، اداس ۽ رومانوي جهان ڏانهن پير پير ۾ وجهي هڪ عجب رمز ۽ پر اسرار خاموشيءَ سان چرندي رهندي آهي.

عارف غزل ۽ وائيءَ ۾ بنهہ مختلف ۽ دادلو شاعر آهي. هن جو لهجو ايترو تہ دل آويز ۽ من موهيندڙ آهي جو روح جي پاتال ۾ چپ هٽي ويهي رهندو آهي. بيباڪ، بيدپو، شوخ ۽ تخليقي مڳي رکندڙ. هن جي شعر جي نغمگي ۾ درياهہ جي رواني، جولاني ۽ جواني آهي. تخليقيت هن جي سرشت ۾ ڳوهيل ۽ موهيل آهي. هن وٽ روماني مزاحمت پڻ آهي.

ويهڻ ڪين وڙاءُ
وڙهجي ويڙهہ وجود جي

هي ڪيڏاري جو موضوع آهي.

هن بند ۾ عارف ٻن شعري نظرين(اوائلي ساميواد ۽ وجودي) جو امالڪ اظهار ڪيو آهي.

پهرين مصرعہ ۾ هن پراڻي مزاحمتي رجحان ڪي بي ساختگيءَ سان بيان ڪيو آهي تہ ٻي مصرعہ ۾ ڪريڪيگارڊ ڪان ويندي وليم جيمز تائين جي وجودي فيلسوفن جي ٿيسزز ڪي غنائي رنگ ۾ اظهاريو آهي. جنهن ۾ شعري حسن بہ آهي تہ تجنيس حرفي پڻ.

’ڪنوارو خواب ڪو آهيان‘ جي مصرعہ سان شروع ٿيندڙ هن جو بي نانءُ نظم، طوالت هوندي بہ شعري آهنگ جو زبردست اظهار آهي. نظم ۾ هن، برهہ، وفا، مئي، ستارا، چنگ، جادو، ڏيئو، گل، خوشبوءِ، روشن خلائون، رقص، بادل وغيره جهڙا لفظ هڪ عجيب شاعراڻي استعاري طور واهپي ۾ آندا آهن. هن نظم ۾ وجود جو عالمگير ادراڪ ڄاڻايل آهي. جنهن ڪي نالو يا سڃاڻپ نہ ملي سگهڻ جي صورت ۾ شاعر اشاراتي طور هڪ عجيب طنز ۽ درد جو اظهار ڪيو آهي. نظم جو تاجي پيٽو لارڊ بائرن جي تصويري آهنگ سان ڪلها هڻندي نظر پيو اچي. جنهن ۾ خاص طور بائرن جي نظم، ’جڏهن ٿڌ ٻرندڙ انساني انساني خمير ڪي وڪوڙي ڇڏيو.‘ (while coldness wraps this suffering day

جون سڪون پيو لاهي. خوبصورت تخليقي عمل ٿڏڙي هير وانگر چئني ڏسائن ۾ گهلندو آهي. گهاڙيتا، لفظ، بيان تڏهن ئي اوج ماڻيندا آهن. جڏهن اهي ندرت ۽ نفيس نوع ۾ بيان هيٺ ايندا آهن.

’عاشقي آهيون اسان‘ ۾ عارف ’سيلف پريز‘ جو تخليقي اظهار ڪيو آهي. هن واقعاتي حادثن يا وارداتن جو پڻ حسي اظهار ڪيو آهي.

گاج تي ’چنڊ رات‘ جرڪي پئي
ائين لڳو ڪائنات مرڪي پئي

داغستان جي ’اوار‘ ٻولي جي وڏي شاعر ۽ دانشور رسول حمزا توف پنهنجي چونڊ نظمن واري ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي،

”شاعر جو ذاتي اظهار يا حسي تجربو، هڪ انمول خزاني جيان هوندو آهي. شاعر جيڪو حسي تجربو ماڻي ٿو، ان ڪي عام ماڻهن جي ملڪيت ڄاڻائيندي سندن حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. هو ذاتي تجربي ڪي عام ماڻهن جي ميراث بڻايو ڇڏي ٿو.“

عارف بہ اهڙن وڏن شاعرن جي ميراث آهي، جيڪو پنهنجا تجربا خلق ڪي آڇيندي سرخرو بڻجن ٿا.

*

هي سٽون لکڻ ڪانپوءِ پنهنجي مختصر اسٽڊي روم جي پوئين پٽ جي ساڄي پاسي تي لڳل غارن وارين ٻن پينٽنگس ڏانهن امالڪ منهنجون اکيون کڄي ويون. نيم اونداهين غارن مان ڦٽي نڪرندڙ روشني منهنجي روح کي تشفي بخشي وئي. ۽ جڏهن ٿڌو ساهہ ڀري آڏو رکيل ڪتابن ڏانهن نهاريم تہ منهنجي نظر شيڪسپيئر جي ڪتاب تي پئي. هٿ وڌائي ڪتاب کڻي ورق اٿلايم تہ سامهون هيءُ سانيٽ هو،

Mine eyes of heart are at martal war
How to devide the conquest of the sight
Mine eye my heart thy picture sight would bar
My heart mine eye the freedom of the night

”اسين وجود جي بقا لاءِ مزاحمت جي خوني ويڙهہ ۾ رڌل آهيون
حاصلات ۽ سوڀ ڪان اڻڄاڻ
منظرنامي تان ڏڪجي ڏار ٿيڻ جا بہ انيڪ امڪان آهن
جيتوڻيڪ ولي ۽ وصي آهيون.“ يا
”منهنجون اکيون ۽ دل پاڻ خوني ويڙهہ وڙهي رهيون آهن. منظرنامي جي سوڀ ڪيئن ورهائي سگهبي
منهنجون اکيون ۽ دل (ٿڪجي) مئخاني ۾ لڳل تنهنجي تصوير ڏانهن واجهائين ٿيون
۽ منهنجي دل ۽ اکين ڪي رات جي آجپي جي نويد ملي وڃي ٿي.“ *(چوٽيا تيل چنبيليا تان ورتل)* ■

جنب پتري

- **نالو:** خليل حسين
- **ذات:** سومرو
- **تخلص:** عارف
- **ولديت:** احمد خان مدهوش
- **جنم:** 1965-11-18
- **تعليم:** سنڌي ادب ۾ ماسٽرس
- **لکڻ جي ابتدا:** آڪٽوبر 1978ع
- **ڇپجڻ جي شروعات:** جنوري 1980ع هڪ نظم ’ڦڙٽي‘ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي گل ڦل ۾ ڇپيو.
- **ڇپيل ڪتاب:** (1) ’مهڪار‘ 1984ع سنڌي ادبي بورڊ طرفان. (4 ايڊيشن)(2) موتي ۽ مکڙيون: 2010- ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- **اڻ ڇپيل ڪتاب** (1) احساس (شاعري)(2) گاج مٿان چنڊ (شاعري)(3) مان ريکون تُون رنگ (ڪهاڻيون)، (4) ميڏا پيار (سرائيڪي شاعري)، (5) سوچون ساڳيءَ مُند جون (مضمون ۽ مقالا) (6) اڪيلو (شاعري)(7) سوچون ۽ سپنا (ڊائري) (8) وسوڳ(ناول)
- **نوٽ:** هڪ شاعري جو ڪتاب ’چوٽا تيل چنبيليا‘ هڪ عصر شاعرن سان گڏ ڇپيل
- **ايوارڊ:** (1) محتا ايوارڊ 1987ع، ريڊيو پبليڪيشن ڦلجي- (2) مصنف ايوارڊ 1992ع جنگ پبلشرز ڪراچي- (3) بهترين شاعر 2002ع، سنڌو آرٽ ڪلب جوهي- (4) بهترين ٻارن جو شاعر 2010، سنڌي لئنگيج اٿارٽي (ثقافت کاتو). استاد بخاري بهترين شاعر ايوارڊ 9آڪٽومبر 2013.
- **ڳائيندڙ فنڪار:** ممتاز لاشاري، ارشدمحمود، ڪوثر ماروي، فرح بلوچ، فيروز گل، غلام علي سنڌيلو، غلام شير شاهاڻي، الهداد زرداري، همت فقير، رزاق جميل، مٿل شيخ ۽ ٻيا.
- **پي.ٽي.وي ريڪارڊنگ:** 57 گيت ۽ غزل.

ڏس پتو: پوسٽ جوهي، ضلع دادو.
فون: 03453875700 *(ادارو)*

مٺي جي مهڪ جهڙو...

عليزه هاشمي

آئون اگ ۾ اهو واضح ڪري ڇڏيان ته آئون ليکڪيا شاعره ناهيان بس اج پنهنجي هڪ محنتي ۽ محبتي استاد ڪي ساريان پئي ۽ ماضي جي ڪجهيادن ڪي لفظن ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريان پئي شايد اهو به سائين خليل عارف جي تعليم ۽ تربيت جو اثر يا نتيجو هجي. جنهن جي شخصيت هي سٹون لکڻ لاءِ اکساهيو ۽ اتساهيو.

اج مونکي سائين خليل عارف جو خيال اچي ويو ۽ دل چيو ته ڇونه مان پنهنجي استاد جي شخصيت تي به اکر لکان. سو هي مضمون يا مقالو نه آهي بس ڪجهه ڇڙوڇڙ ڳالهيون آهن يادگيرين جا وکريل موتي آهن جن کي سڪ جي هڪ سڳي ۾ پروئي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. هي تن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن بابا جي ريڊر جي حيثيت سان جوهي سول ڪورٽ ۾ پوسٽنگ هئي ۽ اسين ان وقت جي مشهور صحافي سيد توقير عالم جي گهر پر سان رهندا هئاسين. ۽ مونکي ڇوٿون، پنجون درجو پڙهڻ جو شرف سائين خليل عارف وٽ حاصل ٿيو. هون جوهي جي مٺي پنهنجن ٽڏن ٿانون جي ڪري ته ملڪان ملڪ مشهور آهي پر هُن جي مهڪندڙ مٺي مان جنم وٺندڙ احمد خان مدهوش، اڪبر جسڪاڻي، عزيز ڪنگراڻي، راهي چنا، سڪندر سرواڻ ۽ ڊاڪٽر حميد سومرو به هن شهر جي سجاڻپ آهن. تخليق جي انهي سفر ۾ هڪ خوبصورت اضافو سائين خليل عارف سومرو جو نانءُ پڻ آهي. جيڪو گاج مٿان چنڊ وانگر سڄي سنڌ ۾ ادب جي آسمان تي پنهنجي نرالي جوت سان جرڪي رهيو آهي. پرائمري جا ٻئي سال مون سائين خليل ڪي ٻين استادن وانگر ٻارن کي ماريا سزا ڏيندي نه ڏٺو هن جي پڙهائڻ جو طريقو ئي الڳ هوندو هو اسان ڪي هڪ ٻي سان ريس ڏياريندو هو اکرن جا، صورت خطي جا مقابلا ڪرائيندو هو. پر هُن جو رويو شفقت، ٻاجهه ۽ پيار وارو هوندو هيو. جيڪو اسان کي پنهنجي والدين وانگر لڳندو هيو ۽ اسان ڏسندا هئاسين ته سائين خليل نه رڳو پنهنجي ڪلاس جي ٻارن پر سڄي اسڪول جي ٻارن کي پنهنجي اولاد وانگر تمام گهڻو پائيندو هو شايد ڪيس پنهنجو اولاد ڪونه هيو ان ڪري به پويٽ جهڙن پتڪڙن ٻارڙن سان سندس حد درجي جو چاهه هوندو هيو. مونکي سائين جا 02 شعر جيڪي ان وقت ته ايترو نه سمجهه ۾ ايندا هيا پر جڏهن هاڻي اسان جي سوچ ۾ سمجهه به اسان سان گڏ بالغ ٿي آهي تڏهن ڪان انهن شعرن جو درد ۽ ڪرب اکين ۾ پاڻي آڻي ڇڏي ٿو شعر هئا جڻ سائين جي اندر جي ڦوٽو گرافي هئي هڪ شعر هيو.

نه ڪو پٽ نه ڪا ڌي نه دلبر نه گهر
اڪيلي حياتي ڏکن جو سفر

هن غزل کي اڳتي هلي مشهور راڳي ممتاز لاشاري آڊيو ۽ وڊيو البم ۾ رڪارڊ ڪيو جيڪو ڪافي مقبول ٿيو. ٻيو شعر هيو

ٿاڪ ڪوئي نه ڪيس گهر آهي
ڪو هوا وانگي دربدر آهي

پر سائين خليل عارف کي شاعر اصل ۾ معصوم ٻارن جي مرڪُن، انهن جي مڪڙين جهڙي حسن، انهن جي راندين، ٻاتن ٻولن ۽ انهن جي مسئلن ڪيو اهو ئي سبب آهي جو سندس لکڻ جي ابتدا آڪٽوبر 1978ع کان ٻارن جي ادب تخليق ڪرڻ سان ٿي ٻارن جي نفسيات ڄاڻڻ جي ڪري سندس شاعري ٻارن ۾ ڏاڍي مقبول وئي هن مهل تائين سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو طرفان ٻارن لاءِ شاعري جا سندس به مجموعا 01 مهڪار 02 موتي ۽ مڪڙيون ڇپجي ميجتا طور ايوارڊ ماڻي چڪا آهن اهي اسان جي پڙهڻ ۽ سائين جي پڙهائڻ وارا ڏينهن ئي هيا جو سائين پنهنجي پاڙي جي هڪ پري سان پريت جا پيچ پائي ويٺو ۽ پوءِ سائين جي تصور ۽ زبان تي هر پل اها الهڙ وينگس ئي هوندي هئي ۽ پوءِ جڏهن رسيس جي ٽائيم تي يا صبح جو اسيمبلي کان اڳ ۾ سائين پنهنجي دوستن اسڪول جي ٻين استادن سان ڪيڏي مهل پنهنجي عشق جي داستان جو ڪو باب کوليندو هيو يا ڪو شعر ٻڌائيندو هيو اهي شعر هيئنر وقت جي دز ۾ لٽجي ڌنڌلي عڪس وانگر ذهن جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ محفوظ آهن جن جون ڪجهه آڌو ڳابريون سٹون دماغ جي اسڪرين تي ترن پيون جيئن

شاهه تنهنجي بيت جهڙي ڇوڪري
موتئي جي ڪيت جهڙي ڇوڪري

—

هي چنڊ جو رستو آ يا هو
هي ڪو گلدستو آ يا هو

—

هو ئي ڏينهن رات آهي
منهنجي ڪُل ڪائنات آهي

—

آئي آهي نواڻ جيون ۾
ڪيڏو آهي مٺاڻ جيون ۾.

اسڪول ۾ منهنجو ۽ سعيده گوپانگ جو مقابلو هوندو هيو آئون اهو به اعتراف ڪيان ٿي ته سائين مونکان وڌيڪ سعيده ڪي پائيندو هو. سائين پڙهڻ لکڻ سان گڏ ڪلاس ۾ اسان جي سوالن جوابن واري ڇتاپيٽي ڪرائيندو هو. اسڪول جي پوئين ٽائيم ۾ جڏهن موڪل ۾ هڪ ڪلاڪ هوندو هيو ته بورڊ تي مختلف شيون ٺاهي ڊزائنگ ڪرائيندو هيو مونکي اڄ به ياد آهي ته سائين هڪ منٽ ۾ بورڊ تي صوف، واڱڻ، زيتون، گل، پکي، ڪجي جو وڻ، جهوپڙي ۽ جبل ٺاهي ويندو هيو ۽ پوءِ اسان اهي ٺاهيندا هياسين ڪڏهن ڪڏهن ساڳي ٽائيم تي نصيحت ڀريون ڪهاڻيون به ٻڌائيندو هيو. شاگردن کان راڳ ۽ شاگردياڻين کان لوڪ گيت ڇورائيندو هيو ڪڏهن ڪڏهن ته پاڻ ٻارن سان ٻار ٿي ويهي ڳائيندو ۽ تاڙيون وڄائيندو هيو سياري ۾ سائين اسڪول جي ميدان تي مختلف ايڪسرسائزون ۽ رانديون به ڪرائيندو هيو اهو سڀ ڪجهه هڪ خوبصورت خواب وانگر ياد اچي ٿو ۽ دل چوي ٿي ڪاش اڄ جا ڪمرشل استاد به ايڏو توجه ۽ پيار ٻارن کي ڏين ته هوند مستقبل جا هي معمار وطن ۽ قوم لاءِ ڪيڏا نه ڪارآمد ثابت ٿي پون. سائين خليل عارف اسان کان تقريرون به ڪرائيندو هيو ۽ لکي به ڏيندو هيو اسان جي ڪلاس مان سعيده گوپانگ سٺي تقرير ڪندي هئي ۽ اڪثر مقابلن ۾ کٽيندي هئي. آئون هينئر گريجوئيٽ ته آهيان پر هڪ روايتي گهريلو زندگي گذاري رهي آهيان جڏهن ته سعيده اڄ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حوالي سان هڪ اهم نانءُ آهي. مونکي ستين درجي کان وٺي ڪتاب، رسالا ۽ ميگزين پڙهڻ جو شوق رهيو آهي. جيڪو اڄ تائين قائم آهي اهوئي سبب آهي جو اڄ تائين ڪيسي خرچ لاءِ مليل پئسا وڳا، سينڊل، ميڪ اپ ۽ چوڙيون وٺڻ بجاءِ ڪتابن خريد ڪرڻ ۾ صرف ٿين ٿا. سائين خليل عارف کي ڪيترن ئي سالن کان مختلف اخبارن، رسالن ۽ ڊائجسٽن ۾ پڙهندي رهي آهيان. ڪافي سندس شعر پنهنجي پرسنل ڊائري ۾ نوٽ

پنهل سارهئي، علي بابا ۽ ٻين سان هڪ ادبي تقريب ۾

خليق ٻگھئي ۽ مبارڪ لاشاري سان گڏ

ٻ ڪندي آهيان سائين جي شاعري ۾ هڪ جادو لڪل آهي جيڪو پڙهڻ سان دل ۾ لهي وڃي ٿو ۽ اتي گهر ٺاهي ٿو. سائين جا ڪافي ائٽم مونکي پسند آهن پر هتي نموني طور ٻه ٽي آٽيان ٽي ڇاڪاڻ ته لکان ٻ پئي ۽ ڊڄان ٻ پئي ته ڪٿي مضمون طويل نه ٿي وڃي شعر ڏسو،

ڪاغذن جي بجاءِ دلين تي لهن
شاعري جي ڪجي لفظ اھڙا هجن

—

لڙڪ جو لفظ ٿي ڦِمي پيا
گيت وايون، غزل ٿهي پيا

—

عشق جاڳيو ته دل نگر جاڳيو
من ۾ خوشبو جو شهر جاڳيو
ڏات ۽ ڏانءُ مهرباني ڪئي
شاعري جو اکر اکر جاڳيو.

—

حياتي ۾ جڏهن تنهنجي ڪمي محسوس ٿيندي آ
اندر ۾ درد اکڙين ۾ نِمي محسوس ٿيندي آ

—

هڪ طرف ڪان شفاف شيشي جي
جڳ سڄو آ خلاف شيشي جي

-

ڦول خوشبو سمنڊ هوندو هيس
تنهنجي لاءِ ڪير ڪنڊ هوندو هيس
مونکي تون آسمان چوندي هئين
مان ڪڏهن تنهنجو چنڊ هوندو هيس

—

سمنڊ ناهيان هوا ٻه نه آهيان
اڪيلو آهيان خدا ٻه نه آهيان

—

محنت محبت جي ڪري، چمڪي ٿي چٽي
جو هي جي مِٽي، جَرڪي ٿي جهان ۾

—

جڳ گھٽو ٽٽو تماشو آ
هت ڄٽو ڄٽو تماشو آ

—

توسان ٻولڻ جي لاءِ لفظ گهرجن سٺا
ڪير جهڙا اڇا ماڪي جهڙا مٺا
ڪيئن لفظن ۾ مان سونهن تنهنجي لکان
لفظ آڏيان ڪٿان چنڊ جهڙا چٽا

هاڻ ته ڪافي عرصي کان ڪراچي ۾ سيٽل آهيون پر اڄ تائين ڪي ئي پيرا جوهي جي گرم جهولي وانگي دل ۾ جوهي شهر ان جي گهٽين اتي پوندڙ بارشن، ڪيڏڻ ۽ گهمڻ جا ڪيترائي منظر ۽ ڏنڌلا عڪس دل کي گرم ڪري وجهندا آهن ۽ رت ڄڻ نئين دوري وانگر رڳن ۾ ڊوڙڻ لڳندو آهي مونکي اهو ٻه ياد آهي ته سائين اسڪول ۾ ٻارن کي وڙهڻ اصل ڪونه ڏيندو هيو پر جيڪڏهن ٻار وڙهي ٻه پوندا هئا ته ڪين سُهٽي نموني سمجهائي پرچائي وٺندو هيو. سائين پنهنجي ڪيسي مان اسڪول جي ٻارن جي مدد ٻه ڪندو هيو جن ٻارن کي خرچي نه ملندي هئي تن کي شيءِ وٺي ڏيڻ خرچي وڃائيندڙ ٻارن کي پئسا ڏيڻ، سليٽ، ڪتاب، قلم گم ٿيڻ جي صورت ۾ ڪين وٺي ڏيڻ ايتري تائين جو ڪڏهن ٻارن کي چپل ٻه وٺي ڏيندو هيو. سعيده گوپانگ جي ٻه ڪافي مدد ڪندو هيو سندس همت افزائي ڪندو هيو جيڪا ڳالهه سعيده جو پيءُ چاچو رمضان سائين وٽ اچي مڃيندو ٻه هيو ته شڪريو ٻه ادا ڪندو هيو پر سائين ان کي ائين نِتائي ڇڏيندو هيو ڄڻ ته ڪجهه ٿيو ئي ڪونهي يا ڄڻ هن جيڪي ڪجهه ڪيو هيو سو پنهنجي اولاد لاءِ ڪيو هيو ۽ ڪنهن تي ٿورو ڪونه هيو ائين چاچو رمضان خوش ۽ مطمئن ٿي هليو ويندو هيو. سائين خليل عارف شاعري ته ڪئي پر شاعري لاءِ ماڻهن کي شاعراڻا ڏس ٻه ڏنا جيئن

پهريان ته پاڻ ۾ وڏي پيدا ڪا ڄاڻ ڪر
جي شعر ٿو لکين ته لکڻ ۾ نواڻ ڪر.

هڪ دفعي سائين جو انٽرويو هڪ اخبار ۾ پڙهيو هيم سائين جي هڪ ڳالهه دل تي پٿر تي اڪريل ليڪ وانگي ٻيهي وئي ته (پالتو هئڻ کان فالتو هئڻ بهتر آهي)مان سمجهان ٿي اهوئي سائين خليل عارف جي زندگي جو منشور ۽ دستور آهي. هون ٻه هُن جوهي ۾ احمد خان مدهوش، اڪبر جسڪاڻي ۽ عزيز ڪنگراڻي جهڙي ادب جي سرسبز ۽ قداوار درختن هوندي پنهنجي هڪ الڳ جاءِ جوڙي ورتي آهي جيڪو هن جو ٻولي سان محبت ۽ ڌرتي سان عشق جو ثبوت آهي. اها هن جي صلاحيت ۽ محنت ٻه آهي جنهن ڪيس بنا ڪنهن ٽيڪ ۽ سهاري جي اڄ سنڌ ۾ هڪ الڳ ۽ نرالي سڃاڻپ بخشي آهي. آئون ڪراچي جي هوائن کي چوان ٿي ته جڏهن ٻه ڪاڇي وڃو ته مون هڪ نياڻي جون دعائون سائين خليل عارف ڏانهن ڪنيو وڃجن ۾ آئون چوان ٿي ته اي الله سائين، پاڪ پروردگار، منهنجا سهڻا رب ستار منهنجي سائين کي خوش ۽ آباد رکجائين، منهنجي سائين کي پنهنجي حفظ ۽ امان ۾ رکجائين ڪيس ڪڏهن ٻه ڏکيو ڏينهن نه ڏيکارجان. آمين ثم آمين. ■

ڏيپ پرَندو رهي... جديد

عبدالحميد آس پير

سنڌي شاعري جو سائو ڪيت، جنهن مُند ۾ ڦولاربو، اُها مند هاڻوڪي دؤر جي اکين ۾ گلابي سپنن جهڙا رنگ پوکي رهي آهي.

سنڌي ادبي تاريخ جا ورق جڏهن ٻه اُٿلائبا ته، سنڌي شاعري سدائين ستابي ۽ پاڻيري حيثيت سان موجود نظر ايندي.

ويجهڙ جي گذري ويل ڪجهه دؤران مان (جن کي ڏهاڪن جي حدن ۾ بند ڪري ڏسبو ته) شاعري جو ميدان اسان کي هميشه تجربا آزمائي ۽ جديد ڪان تِهان جديديت ڏانهن پنڌ ڪندو محسوس ٿيندو.

فن هر دؤر ۾ نئين سجاڳي، شعوري جاڳرتا ۽ مستقل مزاجي سان نباهه چاهيندو آهي، هي دؤر تجريدي آرٽ کي وڌيڪ همٿائيندڙ ۽ هٿي ڏيندڙ دؤر آهي. جنهن اسان وٽ دنيا جون انيڪ ترقيون ڏنڊين آڱريون ڏيو ڇڏين ٿيون، اُتي تجريديت ٻه اسانکي ڏنڌلي عڪس جيئان مَس محسوس ٿئي ٿي.

آئون نٿو سمجهان ته سياڻي جي زندگي، سياڻي جون حالتون، هن دؤر سان مشبهه ٻه رهي سگهنديون، جڏهن ته سائنسي پير دنيا جا وڏا ڳجهه پُرجهي، دنيا کي مسلسل سوڙهو ڪري رهيا آهن ۽ ڳانڍاپي جون انيڪ سهولتون بتدريج وڌي رهيون آهن.

هڪ پاسي اظهار جا جديد طريقا (Introduc e) ٿَين پيا، ٻئي پاسي جوهري هٿيارن جو ٻج ٻه زندگي جي لَڏ مٿان سر بار وانگر گڏ گڏ پنڌ پيو ڪري توڙي جو مٿيون سڀ شيون سائنسي نقط نگاهه کان حقيقت تي مبني آهن. پر جڏهن اسين شاعري طرف ڏيان ڏيون ٿا ته شاعري پڻ اسانکي نون گسن تي هلندڙ مسافرن وانگر محسوس ٿئي ٿي. ٻنهي حالتن جي وارتائن ۽ يادگيرين جا انيڪ لمحا شعري تصوير ۾ محفوظ ٿيل ملن ٿا.

ادب سائنس ۽ زندگي ٽئي اهڙيون شيون آهن، جن کي گڏ ڪري، اسين جديد زندگي جو تصور ڪنداسين ته زندگي اسانکي شعور جي سگهارن ٿنڀن تي بيٺل محسوس ٿيندي. دؤرِ حاضر جي جديد سنڌي شاعري ڦوٽهڙي، رُت ۾ مهڪندڙ، ميندي ڪيت جهڙا سدا ملوڪ ۽ من کي وڻندڙ محسوس ٿيندي.

جيئن مون مٿي عرض ڪيو ته هي دؤر تجريدي آرٽ لاءِ وڌيڪ موزون ۽ اُن جي پلي لاءِ حالتون پيدا ڪري ڏيندڙ آهي، تنهن ڪري اهو بنهه ضروري آهي ته اسان (فن سان لاڳاپيل ڪلاڪار) پنهنجي شعوري، علمي قابليت آهر اُن طرف وڌيڪ توجهه ڏيون ته جيئن اڳتي جي ايندڙ دؤر جي حالتن کي ان نگاهه سان ڏسي سگهئون، جنهن سان سڃاڻپ جي تصوير چٽي ٿيندي آهي.

ويجهڙائي جي پيار، سفر دؤران گڏ ٿيندڙ مسافرن

جي ڏکي قطار ۾ خوبصورت شاعر خليل عارف سومرو هڪ ڪامياب ڪلاڪار آهي.

خليل عارف جي اک بہ اُن ويل ئي کلي آهي. جڏهن سندس پيڻگهي جي پرسان رنگن ۽ جذبن جي چترڪار سائين احمد خان مدهوش ڪنهن گيت جي تصوير پئي ٺاڪي- خليل جڏهن شعوري اک سان جاڳيو تہ هن وٽ اهڙو ماحول ضرور ميسر هو جنهن سان هُو پنهنجي هن سفر لاءِ اُسهڻ فطري حق جيئان محفوظ رکي سگهي ٿو. آئون سمجهان ٿو خليل عارف پنهنجي ورثي جي هن مُوڙي کي بيحد سهڻي انداز ۾ سانڍيو آهي.

1978ع ۾ لکڻ جي شروعات ڪندڙ هي شاعر محبت جي هن مسافري ۾ لاڳيتو هلندو پيو اچي. توڙي جو غربت جي تتي ريت سندس نازڪ پير چاليون بہ ڪيا آهن. پر پيار جي پنڌ لاءِ سِڪ جي ثمر ڪيس ڪڏهن بہ ٿَڪ جو احساس نہ ڏياريو آهي.

خليل عارف روايتي گس تي پير ڪٽندو جڏهن جديد فڪري لاڙن جي هڳائن ۾ واسجي ٿو تہ بيحد سهڻو سنگم تخليق ٿي پئي ٿو. هڪ اهڙو شاندار ڳانڍاپو، جنهن ۾ روايتي گل منجهان، جدت جي سُڳنڌ پنهنجو مُلهائتو واس پکيڙيندي محسوس ٿئي ٿي.

خليل عارف جي پورهئي ۾ ڏاڍا قول قولاريا آهن،

واءُ وانگر وجود وکريل آ
مان عجب هڪ سٽاءُ ۾ آهيان

يا

آڱرين تي خوشيون ڳڻي ويندس
ڏک ملِيا هن حساب کان ٻاهر

ڪيفيتن جو درد اندر جي رُتن تي جڏهن بہ هارجندو آهي، تخليقڪار جو اظهار بہ اُن کان بچي ناهي سگهندو. هونئن بہ موسم تہ انسان جي جذبن ۽ احساسن تي انيڪ نقش ڇڏيندي آهي. يادگيرين جا نقش، ڦٽن تي پهن جا نقش يا ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ ڪچن ڦٽن تان ڪڙيون اُکوڙيندڙ ايذاءُ جا نقش وغيره.

آئون جڏهن بہ اهڙي سٽ پڙهندو آهيان جنهن ۾ زندگي جو اهو رنگ محسوس ٿيندو آهي تہ هن ۾ پنڌ جي پيڙا سمايل آهي تہ مونکي زندگي جا اهي پير ياد اچي ويندا آهن جن هيٺان چنهبارن شيشن جا رستا پوکيل هوندا آهن.

ڪچي نندَ مان اُٿيل معصوم احساس جهڙو زندگي جو سفر ايڏو تہ ايذائيندڙ آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو زندگي جي حاصل ڪيل پيارن تي سوچيندي بہ موت ۾ پناهہ وٺڻ کي ترجيح ڏيندو آهي. خودڪشي توڙي جو بزدلي ظاهر ڪندي آهي، پر لاڳيتو جاڳيل اکين جي درد کان اُها بزدلي بہ بهتر سمجهي. اسان جهڙو ڪر روز خودڪشيون ڪري بہ جيئندا آهيون.

مون جهليو مس سوال جو شيشو
توکان آيو جواب پٿر ٿي.

ان کان وڌيڪ ٻي کهڙي ڪيفيت ٿي سگهي ٿي؟ آئون نٿو سمجهان تہ زندگي ۾ وڏو ايذاءُ ڪهڙي رنگ ۾ ايندو آهي. پر هي ضرور ڄاڻي سگهان ٿو تہ ايذاءُ بهرحال ايذاءُ آهي پوءِ اهو ڪهڙي بہ رنگ ۾ هجي.

جڏهن سوال شيشي جهڙو نازڪ هجي ۽ جواب پٿر سان ملي تہ ظاهر آهي اُن ڪيفيت ۾ احساس جو موت ٿي پوندو آهي. هونئن شاعر ڪٽي کو آواز دانهن يا



خليل عارف جهوني ڪهاڻيڪار ممتاز مهر سان

جذبن جي مُسافري هجي پر آئون وڌيڪ هئين بہ چئي سگهان ٿو،

شاعري انساني شعور ۽ فڪري لاڙن جي ڪارخاني ۾ هڪ قسم جي مزدوري بہ آهي، جنهن جو اجورو صرف پيار آهي تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو. ۽ اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ جنهن مزدوري جو اُجورو صرف پيار هجي، اُها دنيا ۾ ڏکي ۾ ڏُکي مزدوري آهي

حالتن جي ڏباءُ ۾ آهيان
باهہ جي ڄڻ اُلاءُ ۾ آهيان

ڪُنديءَ ۾ ڦاٿل مڇي، جڏهن پاڻي مان ٻاهر نڪرندي آهي، جڏهن سُتل ويڙهي جي ڪنهن جُهگي کي اوچتو باهہ وڪوڙيندي آهي تڏهن بہ زندگي مجبور نظر ايندي آهي- پر منهنجي نظر ۾ هڪ سوچيندڙ حساس ماڻهو جي ذهني اُٿل جڏهن سندس نازڪ دل مٿان ڪِرندي آهي زندگي تہ تڏهن بہ مجبوب پاسندي آهي.

خليل عارف، پنهنجي ذهني ۽ شعوري سجاڳي ۽ فڪري رستي تي پيرن سان بنهہ گهٽ هلندي محسوس ٿئي ٿو مونکي سندس ذاتي زندگي ۽ شاعري جي اپياس ۾ خليل بيحد پو ڳيندڙ ۽ حساس دل ماڻهو نظر آيو آهي.

مان سمجهان ٿو هن جيڪو سفر ڪيو آهي، اُهو پيرن سان گهٽ، اکين ۽ دل سان وڌيڪ ڪيو آهي،

هن محبت منگي، دل ٿي دولت گهري
ساهہ سڪندي ڇيو، سوجهرو سوجهرو

ساڳي شاعراڻي ڪيفيت ساڳيو فڪري اظهار ٻئي هنڌ هئين ٿو ڪري

ديپ ٻرندو رهي، ٻيو انهي مان ٻري
روشني روشني روشني ٿي ڪپي.

—

لاٽ مان لاٽ ٻاري ڪجن روشنيون
ٻاٽ کي جوت سان پاڻ جرڪائيون
گُگهہ انڌيري منجهان ٿي سهائي وڃي
روشني روشني، روشني ٿي ڪپي.

ڪوي لاءِ جتي داخلي ۽ خارجي احساسن ۽ وارتائن جا ڏنگ، يڪسر نندَ جي گوري جيئان اثر انداز ٿين ٿا، اُتي سندس ڪيفيتن ۽ جذبن جي مُند بہ پنهنجي موجودات ضرور ظاهر ڪندي آهي.

دؤرِ حاضر جي شاعري ۾ جيڪا چڱي روايت نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي، اُها آهي اظهار جي رنگيني، منظرن جي چٽي عڪاسي، ٻولي جي سلوٽائيپ ۽ نفاست ۽ منجهن جدت ۽ تازگي کي ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو تہ سندن اظهار جي تازگي ئي هن دؤر جي انفرادي رجحان طور ايندڙ دؤر لاءِ ڳڻي ويندڙ خوبي آهي.

شاعري لاءِ ميٿو آرنلڊ چيو هو، 'شاعري حياتي جي تنقيد ۽ تفسير آهي.' هن وڌيڪ چيو، 'شاعري جي وڏي ۽ اعليٰ خوبي ۽ سگهہ بہ ان جي ترجماني جي خصوصيت آهي. ان جو مقصد اهو هرگز نہ آهي تہ اها قوت يا سگهہ ڪائناتي نظام جي رازن کي پڌرو ڪري ٿي. پر موجودات کي اُن طرح پيش ڪري ٿي جو اُن سان نہ رڳو پاڻ آشنا ٿي وڃون ٿا، پر ان سان پنهنجي پاڻ کي پوري طرح لاڳاپيل بہ سمجهون ٿا. جڏهن شين جو اهو خارجي احساس اسان کي ٿئي ٿو تہ پوءِ اسان جو احساس پختو ٿي وڃي ٿو تہ اسان هن ڪائنات جي موجودات جا ڳُجهہ ڄاڻندڙ ۽ دوست آهيون. شاعري اسان جي اندر ۾ اهوئي احساس جاڳائي ٿي ۽ اهائي شاعري جي خصوصيت آهي.'

شاعري بنيادي طور اهڙو فن آهي، جنهن کي مختلف تشريحن سان ڪٽي چٽي ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وئي آهي پر مختلف راين جي روشني ۾ ڏسجي تہ شاعري جي مڪمل تشريح، ان جي جامع Definition اڄ تائين نہ اچي سگهي آهي. سنڌي شاعري لاءِ تہ هونءَ ئي الميو رهيو آهي تہ اُن کي کو مستند نقاد نہ ملي سگهيو آهي. جيڪي ڪجهہ کي ماڻهو پنهنجي ذوق ۽ پسند مطابق اُن تي ڪٽي ٿورو ڪم ڪيو بہ آهي تہ اُهو مڪمل نظر نٿو اچي.

ان صورت حال ۾ بہ سنڌي شاعري هر دؤر ۾ پنهنجي خطي جي حالتن پٽاندڙ سُنو آواز ٿي اُڀري آهي. شاعري جي فن کي سمجهڻ لاءِ ان جي قاعدن کي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي. ان ڪانسواءِ شعر نہ تہ ايڏو پُراثر لڳندو ۽ نہ ئي ان جو آواز سمجهي سگهبو. شعر جي ٻولي بنيادي طور تي ٽن معنائن ۾ استعمال ٿيل هوندي آهي. پهرين لفظ جي لغتي يا بنيادي معنيٰ جنهن کي simple reprense يعني رواجي مطلب چئبو آهي. ٻي سماجي يا ڪلچرل معنيٰ جيڪا Sign نشان ظاهر ڪندي آهي، ٽين شاعراڻي معنيٰ جيڪا symbolic

آهي جيڪا اهڃاڻ ڪي جنم ڏيندي آهي. جهڙي ريت ان ۾ Language Disciplines ٻولي جا ضابطا ۽ Word orders لفظي سرشتا ٻه وڏي اهميت جا حامل آهن.

شعر کي سمجهڻ لاءِ The art of Analysis تقطيع، وَڍ ٽُڪ جي ڄاڻ هجڻ ضروري آهي، انهن ڳالهين جي روشني ۾، دوست خليل عارف جي شعر کي جيستائين پُرجهڻ ۽ ان جي تهه تائين لهڻ جو سوال آهي ته آئون پنهنجي فهم ۽ سمجهه آهر اهو چئي سگهان ٿو ته خليل عارف جي اظهار جي ڪئميرا پنهنجي دؤر جي حالتن جي ڪنهن به وارتا جو چڱي ريت عڪس وٺي سگهڻ جي سگهه رکي ٿي. جيئن سندس هڪ شعر آهي،

رنگ، خوشبو، روشنيون سڀ ڀُونءِ تي
بس رڳو هڪ آجپو ڪونهي مٽي

يا سندس شاعراڻي زندگي جو فوڪس ئي ڏسو،

شاعري ۾ مان به ٿيان مشهور پر
ميڊيا سان رابطو ڪونهي مٽي

اهڙي طرح سندس شاعري ۾ رومانس به موجود آهي. مونکي خليل عارف جو way of expression ڪٿي ڪٿي روايتي گس ڏي جُهڪيل محسوس ٿئي ٿو، جڏهن ته هي دور شاعريِ لاءِ وڏيڪ جوت جو قائل آهي. خليل عارف جا ڪجهه چُونڊ اظهار،

درد چاهي هجن،
مسڪرائي هلو

يا

رڳو من سڄي رات بي چين هو
هئا در، ڳليون، رهگذر ماٺ ۾.

—

سوچ ڪر چو ٿي غريبن کي وٽي
ماني، ڪپڙي ۽ اجهي جي شاعري

—

ڪئي ننڊ وارن جي جنهن ڇانوَ ۾
سو تقدير ڪئين ٿو سنواري سگهي.

—

جوت ڪا جرڪائجي
روشني ڦهلائجي

يا سندس اک-ڪئميرا جو ورتل هي فوڪس به ڏسو،

رات حويلي جو ڪا اوچو ڪوٽ ٽپي
ٻاهر بيٺل ماڻهو ۽ هُو ڀڪجي ويا.

شاعري ڪيفيتن جي مينهو ڳي آهي، جذبن جي مند جڏهن به خزان جيئان اندر جي ساوڪن کي زرد ڪندي آهي تڏهن ڪويءَ جو اظهار ڪجهه هيئن به ٿيندو آهي، جيئن:

ٿيئي هڪجهڙا آهن
عاشق، پاڳل ۽ عارف

يا

نفرتن جا جهول سڀ ڪنهن وٽ هئا
پيار جو ڪنهن وٽ نه ڪو گُفتو ڏٺم

هتي لفظن جي تُز يا لُغتي معنيٰ سان ڏسجي ته ’گفتو‘ ڏسي ناهي سگهبو پر ٻڌي سگهبو آهي جڏهن ته شعر جي شاعراڻي يا Myth Mean اُن جي اندروني معنيٰ شاعر جي اظهار کي واضح ڪري ٿي. اهڙو ئي هڪ اظهار خليل عارف جي هن ٽيڙو ۾ موجود آهي،

ڏاڍو سيءُ آهي
ٻارو! ٻاهر نا هلي
ويهون ٽڙڪي تي.

’ٽڙڪي تي ويهڻ‘ اسان وٽ اصطلاحن به استعمال ٿيندو آهي. پر هتي شاعر اُن کي Scientific Mean ۾ استعمال ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته سردي ۾ ٽڙڪو وٽندو آهي ان ڪري شاعر اهو اصلاح هن Way ۾ ڪتب آندو آهي.

جڏهن ته ’ٽڙڪي تي ويهڻ‘ وارو اصطلاح ان ڪان مختلف معنيٰ ۾ يا اظهار لاءِ ڪتب ايندو آهي.

اهڙي ريت خليل عارف جي سموري شاعري ڪجهه نه ڪجهه سو چرائي ٿي، ڪٿي نه ڪٿي پاڻ ڏانهن خيال ڇڪرائي ٿي.

ڇاڪاڻ ته خليل عارف جي شاعري محبتن، يادگيرين، المين ۽ اداسين جي ڪيفيت ۾ سرجيل شاعري آهي. جهڙي ريت خليل جي پنهنجي ذاتي زندگي سادگي ۾ سونهن جيئان وٽندڙ آهي، تيئن ئي سندس شاعري به پنهنجو هڪ منفرد اثر ڇڏيندڙ آهي. سندس خوبصورت اظهار منجهان ڪجهه انتخاب هيٺ ڏجن ٿا:

اٽو، ڪپڙو، اجهو گُهر جي
حفاظت جان جي گُهر جي.

—

جڏهن رات تنهنجي خطن کي چُميم
لڳو چڻ ڪنوارن هٿن کي چميم

—

اکرن ۽ لفظن ۾ عارف
هوندي آ جذبن جي خوشبو

يا سندس ڪجهه واين مان هيٺيون انتخاب پڙهو،

هُو المنظر تي
سپني وانگر ٿي لڳي.
جوڙا جوڙا رونقون
سانجهي ساگر تي
سپني وانگر ٿي لڳي.

—

رلي ٽوپيندي
ساريو هوندئي سانوري
سرتين سان گڏ کوهه تي
پاڻي ڀريندي
ساريو هوندئي سانوري

—

يا سندس هي اظهار ڏسو:

رشتا پيار پريت جا
نئون نڪورو نينهن
آهي ڌرتي جي ٻلي
ٽاڪي ڪا واٽوپ ۾
سپنا پوئي ٿي
وينگس وڻ جي ڇانوَ ۾

ان ريت خليل عارف جي شاعري ۾ روشنين، محبتن ۽ احتجاجن جو يڪسرو نه مٽجندڙ، گُم نه ٿيندڙ آواز پنهنجي سموري جوت ۽ اوت سان منظرِ عام تي پهچندو رهي ٿو.

ديپ ٻرندو رهي، ٻيو انهي مان ٻري
روشني، روشني، روشني ٿي ڪپي. ■

خليل عارف سومرو

لَهي، ٿو چنڊ
اسان جو من ڏُکي ڏُکي
سمنڊ کي چُميون ڏئي
ٿهي ٿو چنڊ
اسان جو من ڏُکي ڏُکي
اسان جو ڪنهن جي گهر الئہ
رَهي ٿو چنڊ
اسان جو مَن ڏُکي ڏُکي
الئہ ته ڇا جهان کي
ڪَهي ٿو چنڊ
اسان جو من ڏُکي ڏُکي
ڏسي ٿو سُور سنڌيا
سَهي ٿو چنڊ
اسان جو من ڏُکي ڏُکي
خليل ڪان جُدا پلا
نَهي ٿو چنڊ
اسان جو من ڏُکي ڏُکي.

*

مان جيئان ٿو
ديپ ٻَرندو ٿو رهي
آ ڏُکيو هي وقت پر
سچ چوان ٿو
ديپ ٻَرندو ٿو رهي
پيار واري پنڌ ڏي
وِک کڻان ٿو
ديپ ٻَرندو ٿو رهي
شاعري آ آرسي
۽ ڏسان ٿو
ديپ ٻَرندو ٿو رهي
سِنڌ توڙي سُونهن تي
پيو لکان ٿو
ديپ ٻَرندو ٿو رهي
پرهه جي عارف ڪريان
آجيان ٿو
ديپ ٻَرندو ٿو رهي. ■

درد نگر جو رهواسي...



ميهر فقير

لفظ 'درد' ڪي ابتو ڪريو سبتو ڪريو درد جو لفظ درد ئي رهي ٿو. لکڻ جي ٻين سببن سان گڏ درد به هڪ اهم محرڪ ٿئي ٿو. خليل عارف جي شاعري ۾ سنڌ، سچ، سونهن ۽ شعور گڏ گڏ ملن ٿا. پر درد جو به هڪ اهم ڪردار طور نظر اچي ٿو.

چنڊ اهڙي جهان جو آهيان
جنهن جي لاءِ آسمان ڪونهي ڪو

هيڪلائي ۽ درد جي اها ڪيفيت اڪين ۾ پاڻي آڻڻ لاءِ ڪافي آهي خليل عارف جو ننڍپڻ ۽ جوين منهنجي اکين جي آڏو گذريو آهي سندس والد احمد خان مدهوش سان منهنجو پاڇي جو رشتو آهي ان ناتي هو مونکي چاچا چوندو آهي ۽ مان به ڪيس پنهنجي اولاد وانگر پائيندو آهيان. سندس گُڻ ۽ لچڻ اهڙا آهن جو هڪ دفعو هُن سان جيڪو ملندو هميشه ڪيس جيءَ ۾ ويهاري ڇڏيندو. هي بافضيلت ۽ مرڪندڙ ماڻهو غمن جا انبار ڪنيو دل ئي دل ۾ ريهون ڪندو رهي ٿو پنهنجي جي هٿان شڪار ٿيڻ جي شڪايت به ڪري ٿو.

دشمن سارو گهر ۾ مان
هر پاتي پٽر ۾ مان

اوپرو هي جهان ٿي ويو آ
پاڻ لاءِ ٻيو عذاب کهڙو ٿئي

مون وانگي دربدر ڪو به ناهي جهان ۾
وکريل ۽ منتشر ڪو به ناهي جهان ۾

مان سندس اوجاڳن جو به شاهد آهيان ته سندس راتين جي رولاڪي به مون ڏٺي آهي مونکي چا سندس رولاڪي هن شهر جي آسمان ۽ آسمان جي چنڊ کان به گُجهي ڪانهي جوهي شهر جون گهٽيون ۽ رستا سندس هيڪلائي جا ساٿي رهيا آهن.

رات پر پاڻ کي رلائي ٿو
خاڪ رستن جي ڪو اڏائي ٿو

هو رستن جي خاڪ ڪونه اڏائي ها پر هن جا خواب جو سڙيل ڪکن وانگر خاڪ ٿي ويا ته اها رج نه رڳو سندس اکين ۾ پر دل ۾ به لهي آئي.

سانجهه سارون اکين ۾ پاڻي آ
پيار تنهنجي عجب ڪهاڻي آ

آنءُ تنها ياد جي بنواس ۾
نيڻ منهنجا رات پر آڪاس ۾.

يادن جي سهاري جيئندڙ ماڻهو جي پيڙا ڪو اهل دل ئي محسوس ڪري سگهي ٿو اهو به شڪر جو خليل لکڻ طرف آيو جو اندر جي ڪجهه باهه لفظن ذريعي ڪڍي ته سگهيو ۽ ڪتاب سندس زندگي جا سچا ساٿي ثابت ٿيا چوته انهن ڪتابن هن ڪي اڄ تائين نه ڇڏيو آهي نه ڪو ڇڏيندا.

پيار جو ذائقو چکي ويٺس
درد سان دوستي رکي ويٺس
هيڪلائي اپاڪائي ۾
مان ڪتابن سان دل ٻڪي ويٺس

مون کي هڪ پيري هن هڪ غزل ٻڌايو،

درد جي ناڻ ڪان به ڊڄندي آ
ايتري دل حساس ٿي وئي آ.

هن سان زندگي ايتريون ته مزاڪون ڪيون آهن جو جن جي مان ڪٿ به ڪري نٿو سگهان. مونکي خبر نه ٿي پوي ته خليل اجان تائين چريو چوڻ ٿيو آهي. هن ڪي ته ماستر بجاءِ درويشن وانگر دونهون دُکائي ويهڻ کپندو هو ڪيس رانجهي وانگي الفي ڳچي ۾ وجهي بانسري ڪڻي در در سين هٽڻ کپندي هئي. پر سندس من جي مرلي شاعري تخليق ڪئي. سندس ساهه جا سُر آلاپ بجاءِ لفظن جو روپ وٺي شعر بڻيا،

هر ڪا تخليق درد ڏيندي آ
شاعري روح کي نپوڙي ٿي

ڪيئن جدائي وڏي سهي سگهندس
آئون دل جو نفيس ماڻهو هان

هن دل جي نازڪ ماڻهو جا احساس ۽ جذبا به آئيني کان اجرا، نازڪ ۽ ظالم دنيا پٿر جي. بي سمجهه بي عقل انڌي دنيا. ۽ اونده جي دنيا ۾ هن چرئي شاعري جا ڏيئا ٻاريا آهن. ڪيس خبر به آهي ته انڌن جي شهر ۾ آرسي جي قيمت ڪانه ٿيندي آهي. پر پوءِ به هو پيار جا موتي پوئي رهيو آهي. ڪنڌن ڪاون تي هلي رهيو آهي، اميد ڪي نٿو ڇڏي. اها هن جي وڏي خوبي آهي ته مايوسي کي ويجهي اچڻ نٿو ڏئي حد درجي جا ڏک برداشت ڪندو رهي ٿو لڙڪ لڪائيندو مسڪرائيندو رهي ٿو شاباس آهي هن کي جو جيئرو رهي ٿو. خدا ڪري ڪنهن جو به جيون ساٿي جدا نه ٿئي. خليل سان ته ويڌن ٿيل آهي هن جنهن سان بي پناهه پيار ڪيو تنهن سندس سات نه ڏنو. هن جنهن سان سچائي ڪئي تنهن ساڻس وفا نه ڪئي هن پاڻ کي جنهن جي نالي ڪري ڇڏيو اها هميشه لاءِ ٻي جي نالي ٿي وئي، خير ان جي زندگي ٿهي وئي پر رلي ته راهه ۾ هي همراهه ويو. هي ته هُن کي پنهنجي خيالن ۽ خوابن مان ڪڍي به نٿو سگهي هن جو نالو برابر خليل ۽ تخلص عارف اٿس پر منهنجي دل چوي ٿي ته هن ڪي بسمل سڏيان يا اڌ ڪٺل! جيڪو نه مرڻ جهڙو نه جيئڻ جهڙو، صرف ڦٿڪڻ جنهن جو مقدر هي سيني خوشين کان پري هوندي به هُن کان پڇي ٿو...

گل ڙيا دلڪشيون ڪٿي آهن
تون ڪٿي آن خوشيون ڪٿي آهن. ■

مرحومين نواز رڪٽائي ۽ استاد بخاري سان گڏ هڪ يادگار تصوير



خليل عارف جو تخليقي جوهر...

عزيز ڪنگراڻي

خليل عارف سومرو پنهنجي ڪردار، منصب، روش ۽ ميل جول ۾ ڪيترو متوازن ۽ مٺاهون آهي اها شاهدي سندس شهر ڏئي سگهي ٿو، شاعر ڪيڏو وڏو آهي سا وري سندس شاعري ساک ڀريندي.

مان صرف چند گذارشون عرض رکندس، خليل عارف سان ڏيٺ ويٺ تمام پراڻي آهي. لڳ ڀڳ اٺاويهه سال! خليل ڀل ٻين دوستن وانگر اعتراف نه ڪري پر اهو چوندس ضرور ته روشن خيال ڌارا ڏانهن سندس رغبت مون وڌائي. شروع شروع ۾ عاجز جمالي وانگر شعر ٻُڌائيندو هيو ته سندس شعر جي فڪري پهلوئن تي بحث ٿيندو هيو ڪيس ٻه ياد هوندو.

1980ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ جڏهن ادبي سنگت جوهي جو بنياد رکيوسين ته پهرين سيڪريٽري طور ڪاروائي مونکي سنڀالڻي پئي هئي ۽ خليل ٻه جوائنٽ سيڪريٽري طور ادبي سنگت سان سلهاڙجي ويو هيو.



منهنجي ڪوشش ۽ جاکوڙ سان ادبي سنگت جي محاظ تان هڪ ادبي ڪيپ نڪري نروار ٿي، سو خليل علم عروض جا قالب ۽ ڪارب پلي ڪٿان ٻه هٿ ڪيا هجن پر روشن خيالي، ۽ ترقي پسند سوچ فڪر جي حوالي سان سندس تربيت ۾ ادبي سنگت جوهي جو اهم ڪردار آهي، ڪيس چند وديا، شعر جي قومي ۽ سماجي ڪارج ڪان ادبي سنگت ئي روشناس ڪرايو ۽ اها ساڃاهه ادبي سنگت جي ويهڪن ۾ ئي ڪيس نصيب ٿي.

خليل عارف سومرو نه لئي مان لٽ پڇي شاعر ٿيو آهي ۽ نه ڪي آڱر وڍائي شهيدن ۾ شامل ٿيو آهي. هي پنهنجي جوهر ۾ تخليقڪار آهي، جيڪڏهن پنهنجي جوهر ۾ تخليقڪار نه هجي ها ته گهڻن وانگر وارا وڄائي سُنڌ جي ۽ مُنڌ جي ويهي وڃي ها.

هي جُهد مسلسل مان گذريو آهي، پچي، رچي ۽ مچي شاعر ٿيو آهي، سندس پورهيو رائگان نه ويٺو آهي نه ڪيس زمانو روڪي سگهيو آهي نه ڪيس رنڊڪون، رڪاوٽون ۽ منافقيون رنڊائي سگهيون آهن ۽ نه ڪي سندس ذات جو ڏيئو بغض معاويه جو ڪو طوفان اُجهائي سگهيو آهي. هيٺين ريت خود ٻه اظهار ڪيو اٿس.

اجايو ڪي ماڻهو انا تا رکن
دليون پتڪڙيون ٻُت وڏا تا رکن
انهن ڪي جبل پِي نه روڪي سگهيا
وڏڻ جا جيڪي حوصلا تا رکن

سو امر پورهيو امر رهڻو آهي، محنت رائگان نه وڃڻي آ، باقي ماڻهو پاڻ اهڙو ٿي ڏيکاري جو محبت لائق ٻڻجي سگهي. اها البت، عزت، شهرت ۽ ميڄتا گهري وڻڻ سان درٻاري دان برابر ٿي پوندي آهي، زوري داد ۽ ميڄتا وڻڻ ڪان ته بهتر آهي ته ماڻهو لکڻ ئي ڇڏي ڏئي. ميڄتا لائق هئڻ جي باوجود ميڄتا نه ملي ته ماتم ڇو ڪجي؟

مون اڳ ۾ گذارش ڪئي ته خليل عارف پنهنجي جوهر ۾ شاعر آهي، بلڪ پلوڙ شاعر آهي نه هجي ها ته هن مهل تائين دفن ٿي وڃي ها، سندس قلمي ۽ تخليقي پورهيو قابل داد آهي، فني حوالي سان نهايت پُختو ۽ پڪو شاعر آهي ڪٿي ڪٿي سندس واين ۽ بيتن ۾ چند وديا جي ماترائن ۽ رڌم ۾ جهول نظر آيو، ليڪن stress يا اينگهه سان اُچارڻ سبب اهو جهول ٻه جهٽجيو وڃي. سندس بيت ۽ وايون، دوها چند، سورٺا ۽ دوها، سورٺا ميل چند تي آڌاريل آهن. واين ۾ هُن نوان تجربا پڻ ڪيا آهن ۽ نئين روايت موجب علم عروض جي قاعدن ۽ ضابطن ۾ ٻه سندس خوبصورت وايون سرجيل آهن.

علم عروض جي لحاظ ڪان ته هون ئي وٽس پُختگي جهلڪي ٿي. خليل عارف بنيادي طور مونکي غزل جو خوبصورت شاعر لڳندو آهي، هن نه صرف ٻوليءَ جي مزاج وٽان غزل لکيا آهن پر انهن ۾ رواني ۽ سوچ ۽ فڪر خوب سمايل آهي. خليل جهڙو انصاف غزل جي صنف سان ڪري سگهيو آهي، تهڙو بيت ۽ وائي سان نڀائي نه سگهيو آهي، سچ اهو آهي ته فڪري يا ٻولي جي حوالي ڪان ٻه خليل عارف جيڪي غزل سرجيا آهن سي احمدخان مدهوش جي غزل ڪان ٻه مٿانهان نظر اچن ٿا. ڪيس غزل جو تمام پلو شاعر چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو.

ڌرتي ۽ آسمان اڪڙين جو
آ انوکو جهان اڪڙين جو
ڪير ناهي ڪٿي سگهيو ڪڏهين
فائدو يا زيان اڪڙين جو

—

سردي گرمي سُور ۾
جُهڳيون ڪڪاٽيون ٿيون لڳن.

—

جُدائي ڪي عارف صديون ٿي ويون هن،
اڃا دل تي تنهنجو آ نالو اچي ڏس.

اڳ ۾ عرض ڪري آيو آهيان ته زوري ميڄتا وڻڻ درٻاري دانَ ڪان ٻه بدتر آهي هڪڙي درٻار مغلن جي هئي، جنهن ڪي سرڪاري ڪونجي، ٻي بيوروڪريسي جي درٻار ٿيندي آهي، ٽين ياري باشي، حاجي قاضي واري درٻار ٻه ٿيندي آهي. ائين ڪٿي چوان ته درٻاريت هڪ نفسياتي بيماري آهي جنهن ڪان گهٽ ۾ گهٽ سچي ۽ کري تخليقڪار کي بچڻ گهرجي ۽ خليل عارف ان موذي مرض ڪان بلڪل بچيل آهي، ڪيس درٻاري راڳ ڪانسواءِ ٻي ڪا ٻه درٻاري شيءِ پسند ڪانهي.

راڳ وڻي ٿو درٻاري بس
ٻي ڪل درٻاريت ڪان توبهه

خليل عارف جي تخليق ۾ جوهر آهي، جيڪو اڃان ٻه اڳتي هلي مشاهدي ۽ مطالعي سبب وڌيڪ نکرجي سامهون ايندو، خليل عارف جو هڪ قول ٻه آهي ته 'پالتو هئڻ ڪان فالتو هئڻ بهتر آهي' شايد ان ڪري ئي چوي ٿو،

سوجهري جي سفير سان گڏ
ڪوبه ناهي فقير سان گڏ
ڪوڙ سارا عذاب ملنديئي
تون رهي ڏس ضمير سان گڏ
سنڌ تنهنجو خليل عارف
پير سان گڏ نه مير سان گڏ

ساڳئي قافيئي سان سندس ٻئي غزل جا خوبصورت بند ٻه ڏسو:

شهر ۾ هڪ فقير زنده آ
اڄ ٻه جنهن جو ضمير زنده آ
ٻاٽ مارڻ گهري ٿي هُن ڪي پر
سوجهري جو سفير زنده آ

۽ اهو جيڪو زنده آهي اهو صرف ۽ صرف پنهنجي تخليق جي جوهر جي زور تي زنده آهي. خليل عارف بلاشُبه پلوڙ شاعر آهي سندس شاعري ۾ سونهن، سوڀيا، سچ، ڌرتي سرتي، قوم ۽ انسان ذات ٻاتب اُپٽار ٿيل آهي.

وٽس قومي جذبو ٻه آهي ته نينهن جون نوخيز مهميزون ٻه آهن، پيار جون حسين پناهه گاهون ٻه آهن ته احساس محروميون ۽ بيوسيون ٻه جهلڪن ٿيون، ليڪن ايڏو وڏو مقام يا رتبو نه ٿو رکي جو پاڻ لاءِ پنهنجي شاعري لاءِ هيٺين ريت چوڻ ۾ هٻڪ ٻه محسوس نه ڪري.

پنهنجي لاءِ پاڻ راءِ قائم ڪرڻ دانشمندي ناهي، چئي ٿو ته

خوشبو جهڙا خيال ۽
واهوندي جو واس
مان جي شعر لکان پيو.

هي جا منهنجي شاعري، آهي خوشبوءِ ڪيت،
پل ڪو منجها بيت، پيٽي سونهن سڳنڌ سان.

ضمير جي ڪٽهڙي ۾ بيهي مون گذارشون رکيون آهن، هضم ٿين يا نه، دُرست لڳن يا نه. انهن گذارش رکڻ جو حق ٻه مونکي خليل عارف پاڻ ڏنو آهي. مونکي پاڻ هُشي ڏيندي چيائين:

جڏهن ٻه اعتراض يا اختلاف لک
سچائي سان اي دوست صاف صاف لک
اول پنهنجي ضمير ڪان پُڇي ڪري
پلي ته پوءِ جنهن جي وڻئي خلاف لِک. ■



صوفياڻي رنگ جو شاعر...

پاجهي لغاري

شاعري لفظ جو جڙاءُ ۽ اظهار جي آزادي جو نالو آهي. شاعر قومن جا ترجمان. امن ۽ محبت جا سفير هوندا آهن. تڏهن ته استاد بخاري چيو آ،

مرغوب تخلص جو ليڻ آسان آ
پر شاعر محبوب ٿيڻ مشڪل آ
مفعول مفاعيل سکڻ آسان آ
جذبات کي لفظن ۾ وجهڻ مشڪل آ
اخبار ۽ رسالن ۾ اچڻ آسان آ
پر قوم جي سيني ۾ رهڻ مشڪل آ

ڳولي ڪوئي تخلص رکڻ يا مفعول مفاعيل سکڻ ته اسان آهي پر ڳالهه آهي قوم جي سيني ۾ رهڻ جي. ادل سومري پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي، ’سنڌ ۾ تقريباً ٽيهه پنجٽيهه هزار شاعر آهن جيڪي پنهنجي شاعري جو ڪيت ڪيڙي رهيا آهن.‘

ظاهر آهي سيئي شاعر ته قوم جي سيني ۾ نه رهندا قوم جي سيني ۾ اهي شاعر رهندا جيڪي هن ڌرتي ۽ ڌرتي ماروئڙن جي ڏکن لاءِ سچي ۽ نيڪ نيتي سان پنهنجي قلم کي استعمال ڪندا اهڙا تمام ٿورڙا شاعر آهن. جن جي سٽن مان محبت به امن. آجپي جي خوشبو ايندي آهي انهن شاعرن جي لسٽ ۾ سائين خليل عارف جو نالو سِرفهرست آهي.

سائين سان منهنجي ملاقات 1990 ۾ منهنجي پياري دوست گهايل لغاري جي معرفت ٿي هن جي عارفاڻي طبيعت مون کي تمام سٺي لڳي هن جو هڪ غزل مون ماهوار ڪينجهر پڙهيو هو. جنهن جو مطلع هو،

توسان ٻولڻ جي لئه لفظ گهرجن سنا
ڪير جهڙا اچا ماکي جهڙا مٺا

سچ ته اهي عارف جا محبوب سان اظهار ڪرڻ جا عارفاڻا خيال هئا جن مون کي متاثر ڪيو. مون شروعاتي دؤر ۾ سائين خليل عارف کان ڪجهه شعر اصلاح ڪرايا سندس هن شعير ۾ تکوف جو رنگ به ملي ٿو سندس صوفياڻيون سٽون آهن،

صفا سادا سودا نه آهيو مهانگا
اسان ملنگ ماڻهو اسان يار نانگا

سندس ڪجهه شاعري ذهن تي تري رهي آهي،

ٻيو ولهوڻو سندس پيٽ ۾
اک اٿس سنڌ جي ٻيٽ ۾

—

شاعري جهڙا اکر
آرسي جهڙا اکر
حرف تنهنجي ناءَو جا
روشني جهڙا اکر

—

عاشقي آهيون اسين
روشني آهيون اسين

—

ڇا الائي سماج چاهي ٿو
ظلم هوندي خراج چاهي ٿو
ها، چريو آ خليل عارف جو
محبتن جو رواج چاهي ٿو

—

پاڻ کان بي خبر ته ناهيان
روشني جو سفر ته ناهيان
هڪ گهڙي ۾ پڙهڻ گهرو ٿا
ايترو مختصر ته ناهيان



ڪهاڻيڪار صديق منگئي صاحب سان

مارو جمالي سان گڏ

عزيز ڪنگراڻي، احمد خان مدهوش، امر لاشاري سان گڏ

ڇائي ڇم کان شريف هوندي
شهر ۾ معتبر ته ناهيان
شهر ڪيڏو خليل عارف
ڪنهن کي ايندو نظر ته ناهيان

—

شاعري جو سفر هيو
ڌرتي جو سفر هيو

—

سوجهري جي سفير سان گڏ
ڪوبه ناهي فقير سان گڏ
ڪوڙ سارا عذاب ملندئي
تون رهي ڏس ضمير سان گڏ

—

انهن سٽن مان سائين خليل عارف جي شاعراڻي پختگي واضح نظر اچي ٿي سندس هر سِٽ ۾ لفظن جو بهترين جڙاءُ آهي اهو فن ڪنهن ڪنهن شاعر ۾ هوندو آهي سندس شاعري فڪر جي گهرائي سان ڀرپور آهي هڪ غزل مقطع آهي

اڄ به عارف هڪبئي کي ڪاٽي جي ڏسندا آهيون
ڪيڏي ٿيندي آ خوشي هڪ توکي ٻي مون کي خبر

هڪ ڪچهري ۾ هن چيو، ’مون تقريباً چار هزار شعير لکيا آهن.‘ مون کي عجب لڳو اهڙي شاعر کي ميڊيا ڇو پري رکيو آهي؟ ڪنهن اداري کان هن جو ڪتاب ڇونه ٿو ڇپجي؟ ڪوبه ادارو پنهنجي قومي ذميواري محسوس ڪندي اڳتي وک وڌائيندو ته اها ان جي عملي خدمت هوندي. ■



ٻارن جو شاعر...

استاد انجم لغاري

ٻارن جو ادب، ادب جي بنياد وانگر آهي، پر الائي ڇو بدقسمتي سان اسانجي سنڌ ۾ هن ادب ڏانهن سنجيدگي سان توجهه نه ڏنو ويو آهي. ان ڪري ٻاراڻو ادب اسان وٽ ٻي ڏياني، نظراندازي عدم توجهي ۽ ويڳاڻپ جو شڪار آهي. ڄڻ ته ڇوري ڇني ٻار وانگر يتيم ۽ بي وس هجي.

ڪو زمانو هيو جڏهن محمد صديق مسافر، مرزا قليچ بيگ، موهن ڪلپنا، ڪشن چند بيوس، شيخ اياز، علي بابا، علي احمد بروهي، ابراهيم جويو، قمر شهباز، غلام مصطفيٰ قاسمي، سراج ميمڻ، الطاف شيخ، مراد علي مرزا، تنوير عباسي، حميد سنڌي، شمس الدين عُرساڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، احمد خان مدهوش ۽ استاد بخاري جهڙن شاعرن به ٻارن لاءِ لکيو ۽ خوب لکيو، پر اهو به ڪو وقت هيو. شايد ٻارن جي ادب جو سُنهري دؤر اهو هيو. جن شاعرن ۽ اديبن ڪي ٻارن جي ادب عزت ۽ شهرت عطا ڪئي ۽ اهي ٻارن لاءِ لکڻ جي حوالي سان مطمئن به نظر آيا پر تن به وقت سان گڏ اڳتي هلي ٻاراڻو ادب سِرجڻ ڇڏي ڏنو. انهن ۾ ذوالفقار سيال، ادل سومرو، اياز گل، نصير مرزا، مختيار ملڪ، نياز پنهار، ظفر عباسي، عزيز ڪنگراڻي ۽ ٻيا اهڙا ڪوڙ اچي وڃن ٿا، جن ۾ آغا قيوم، ناز سنائي، اياز پاٽولي، قربان منگي، نثار حسيني، الطاف ملڪاڻي، محمد علي ماجد وغيره اچي وڃن ٿا. اڄ تائين ٻارن جي ادب سان جيڪي ماڻهو ٿورو گهڻو نڀائي رهيا آهن، تن ۾ اسرار شام، خليل عارف، غلام محمد غازي، عبدالحئي پيٽو، علي محمد سولنگي، غلام مصطفيٰ سولنگي، بيخود بلوچ، ملهار سنڌي، مشتاق بخاري ۽ ذوالفقار سيال اچي وڃن ٿا. ڪنهن زماني ۾ اڳوڻي تعليم جي وزير پير مظهر الحق به ماما موجي جي نالي سان ٻارن لاءِ لکيو: اڪبر جسڪاڻي ۽ عرفان مهدي به هن سلسلي ۾ سٺو پنهنجو پاڻ ملهائي ويا.

اڪبر جسڪاڻي جي شهر جوهيءَ سان تعلق رکندڙ خليل عارف ٻارن جي ادب سان به خوب نڀايو آهي، پر الائي ڇو اڄ تائين سندس ان ادبي پورهئي تي قلم نه کنيو ويو آهي. شايد ماڻهو جيئن ٻارن تي لکڻ ۽ ٻارن لاءِ لکڻ ۾ هيڪ محسوس ڪن ٿا تيئن ٻارن جي ادب تي لکڻ ۾ به ڪين دقت محسوس ٿئي ٿي. يا شايد ادب جي ٻين صنفن وانگر هي صنف يا ادب جو هي قسم گليمر وارو نه آهي. حالانڪ ٻار مستقل جا معمار ۽ آئيندي جا اڳواڻ آهن. انهن جو ادب معياري هجڻ سان گڏ دلچسپ ۽ معلوماتي هئڻ گهرجي ۽ اهڙي ادب کي موٽ، ميڃتا يا پذيرائي ضرور ملڻ گهرجي.

خليل عارف سومرو جو پهريون ٻارن لاءِ شاعري جو مجموعو 'مهڪار' 1984ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو ۽ اهو ايترو ته مقبول ويو جو، اُن جا پوءِ هڪ هزار کان تعداد وڌائي چار ايڊيشن شايع ڪيا ويا ۽ ان مجموعي تي 1992ع ۾ ڪيس جنگ پبلشرز ڪراچي طرفان بهترين شاعر جو ايوارڊ به ڏنو ويو. اهو ايوارڊ سائين مظفر شاهه وزير ڪيس ڪراچي جي ميرٽ هوٽل ۾ ڏنو.

ان کانپوءِ خليل عارف جو ٻارن لاءِ لکيل ٻيو ڪتاب 'موتي ۽ مکڙيون' 2010 ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو جنهن کي پڻ ٻارن جي بهترين ڪتاب جو

مونس اياز ۽ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي سان

ايوارڊ ثقافت کاتي سنڌ ڏنو، هي ايوارڊ خليل عارف سسئي پليجو کان حاصل ڪيو.

اهڙي طرح ٻارن لاءِ شاعري جو سندس ٽيون ڪتاب 'جنت جا گل' ڇپائي هيٺ آهي. خليل عارف ٻارن لاءِ شاعري کان علاوه ٻارن لاءِ ڪهاڻيون به لکيون آهن جن مان ستاويهه ڪهاڻيون هن مهل تائين مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چُڪيون آهن، ان سان گڏ هن ٻارن تي ۽ ٻارن لاءِ ڪوڙ سارا مضمون به لکيا آهن، جيڪي نه رڳو پسند ڪيا ويا آهن پر ساراهيا به ويا آهن. اصل ۾ هن ٻارن لاءِ، ٻارن وٽان لکڻ جو ڏانءُ پرايو آهي. ٻارن لاءِ لکڻ مهل هو انهن جي ذهني سطح جو خاص خيال رکي ٿو. سندس لکڻيون نصيحت آميز ٿين ٿيون جن مان ٻار سبق پرائن ٿا، جيئن ته پاڻ پرائمري ٽيچر آهي ۽ سندس سڄو ڏينهن ٻارن سان گذري ٿو تنهن ڪري هو ٻارن جي نفسيات ڪي، ٻارن جي مزاج کي ۽ ٻارن جي پسند کي به سمجهي ٿو. هن کي اها به خبر آهي ته ٻارن کي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي. هو اهي سڀئي ڳالهيون دل ۾ رکي ذهن ۾ آڻي، ٻارن لاءِ ٻار ٿي پوءِ لکي ٿو. ڪيس ٻارن سان تمام گهڻو پيار آهي. محمد صديق 'مسافر' وانگر هو ٻارن سان گڏ کيڏندو، گهمندو ۽ نچندو به رهيو آهي.

سيد زوار نقوي سندس هڪ مجموعي ۾ راءِ ڏيندي لکيو آهي، 'خليل عارف جي ٻاراڻي شاعري ۾ ڪيترائي باتصوير، حمد، نعت، نظم ۽ گيت آهن جن ۾ نصيحت ڀريا نڪتا. سائنسي، سماجي ۽ تفريحي معلومات پڻ موجود آهي.'

اها حقيقت آهي ته خليل عارف جي ٻارن لاءِ ڪيل شاعري ۾ اهي سڀ شيون موجود آهن جيڪي اڄ جي ٻار لاءِ لازمي آهن.

عزيز ڪنگراڻي خليل عارف جي ٻئي ٻاراڻي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، 'سائين احمد خان مدهوش جي جهوپڙي ۾ جنم وٺندڙ شاعرا بن شاعر خليل عارف سومرو باصلاحيت نثر نويس ۽ شاعر آهي. شاعري کي ڇمار ڏيندڙ هن شاعر شاعري جي شروعات ننڍپڻ ۾ ٻارن لاءِ شاعري سان ڪئي. سندس شاعري ۾ خاص طور گيت ۽ غزل احساسن کي ڇُهندڙ هوندا آهن. خليل عارف جي شاعري ۾ ڪم آيل عام ۽ سادي سلوڻي ٻولي ۾ موجود تخليقي عنصر ڪيس بهترين شاعرن جي صف ۾ آڻي بيهاري ٿو.

سندس شاعريءَ ۾ شامل رنگين احساس پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي احساسن کي به رنگين بڻائي ڇڏن ٿا. سندس شاعري ۾ موزونيت ۽ موسيقيت به مڪمل نظر ايندي آهي. خليل عارف جي ٻارن لاءِ ڪيل شاعري تمام گهڻي مقبوليت ماڻي آهي. ٻارن لاءِ ڪيل سندس شاعري جي بهترين خوبي اها به آهي جو هن ٻار جي سمجهه، سوچ، ذهني سطح ۽ سندس ٻوليءَ کي ذهن ۾ رکي 'شاعري' ڪئي آهي، سندس ٻارن لاءِ ڪيل شاعري جي مقبوليت جو راز به اهو آهي.'

آئون سائين عزيز ڪنگراڻي جي راءِ سان سؤ سيڪڙو سهمت آهيان، مون خليل عارف جي شاعري ۾ اها حسناڪي ۽ رواني ڏٺي آهي جيڪا ٻارن کي ڪشش ڪري ۽ وٺي. سندس هڪ گيت، 'چند ماما' P.T.V تان الائي ڪيترا ڀيرا نشر ٿيو. 27 کان مٿي سندس گيت ٻارن جي P.T.V پروگرام روشن تارا ۾ نشر ٿيا. ٻين چئنلن تي پڻ سندس ڪافي ٻارن جي شاعري ڳائي وئي آهي. مان ته چاهيان ٿو ته اهڙي خوبصورت شاعري کي ٻارن جي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي. ■

پَرم پليرو انسان- وفا صالح راڄپر...



محمد صديق منگيو

جيون رَند ۽ پندَ ۾، پانت پانت جي ماڻهن سان ميل جول ٿيندو رهي ٿو. ماڻهن جي اُن ميلي ۾، ڪي اهڙا ماڻهو به ملندا آهن، جيڪي پنهنجي سوچ لوچ، ساءَ سپاءَ ۽ خيال خوشبوءِ ۾ ٻين کان گهڻو الڳ هوندا آهن. انهن جي دنيا ئي پنهنجي هوندي آهي. گهرُئي ڌار. وصفين به نيارا ته لڇڻين به نرالا.

'وفا' صالح راڄپر سان منهنجي ڏيٺ ويٺ، ڪا گهڻي پراڻي به ڪانهي. ورهين جا پڳ مٽ يا راڻا به ناهن ساڻس. اُن جي ڪا گهڻي گهرج به محسوس ڪانه ٿي آهي. ان ڪري ته ڪنهن جي جيءَ ۾ جاءِ والارڻ لاءِ سال، مهينن ۽ مُدتن جي محتاجي به ڪهڙي؟ ماڻهوءَ جي اڪين جو پاڻي مُئل نه هجي، ته ڪنهن کي پرکڻ لاءِ اڌو گابري ملاقات به ڪوڙ آهي. ان ڪري ته گفتگو مختصر چونه هجي، پر پرک جي اهڙي ڪسوٽي هوندي آهي، جنهن سان يا ته ڪو ماڻهو دل ۾ لهي ويندو آهي يا وري دل تان ئي لهي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ٿيندو آهي ته اڻ ڏٺي، رڳو ٻُڌ سُڌ تي به ڪو ماڻهو پر پٽ به من ۾ واسو ڪري، پنهنجائپ جو احساس ڏياري ويندو آهي. ائين، جيئن 'وفا' صالح ۾ آئون.

سال 2005ع ۾ منهنجو ڇپيل پهريون ڪهاڻي ڪتاب، 'پکين جو وطن' ساڻس ويجهڙائيءَ جو ڪارڻ بڻيو. دادوءَ ۾ مشتاق پرڳڙيءَ جي ذاتي لائبريريءَ ۾، جڏهن مشتاق جي چوڻ تي هن منهنجو ڪتاب رات دير تائين پڙهي پورو ڪيو ته ان رات ئي خط لکي مون تي پنهنجي غير مشروط محبتن جي ورڪا ڪئي هئائين ۽ پوءِ ڪيئي مهينا خطن جي آرسين ۾ هڪٻئي کي پڙهندا ۽ پرجهيندا رهياسين. خطن جي متن ۽ عبارتن ۾ هڪٻئي کي سمجهندا رهياسين. خط رڳو اڌ ملاقات به ته ڪانه هوندي آهي، پر خط جي متن ۾ ماڻهو پنهنجي سوچ، ڄاڻ، ذهني، فڪري اپروچ ۽ لاڙن ڪانسواءِ ڪردار سميت پاڻ موجود هوندو آهي. ساڻس پهرين ملاقات سال 2006ع ۾ مشتاق پرڳڙيءَ جي اپياسي ۽ تنقيدي مضمونن جي ڪتاب 'لفظ نه آهن ڪيڏوڻا' جي دادوءَ ۾ ٿيل مهورتي تقريب ۾ ٿي هئي. اهو ڏينهن ۽ اڄوڪو ڏهاڙو. ساڻس سڪ پريت جون جيءَ جڙون جُڙيل آهن.

ماڻهو، ڪو به مڪمل ٿيندو ئي ڪونهي. ائين، جيئن هر ڳالهه سمورو سچ نه هوندي آهي. پورنتا، ماڻهوءَ جي منزل آهي نه مقدر ۽ نه ئي معراج. 'وفا' به انسان آهي. خاڪ، مٽيءَ جي مُٺ ۽ خطا جو پُتلو. خاڪي انسان هئڻ ناتي، هن ۾ به ڪي ڪچايون ڦِڪايون هونديون ۽ آهن. پر سندس ذات جي انهن خامين کي سندس شخصيت جي اُنهن اُپريل خوبين تان گهوري سگهجي ٿو. جيڪي سندس سڃاڻپ جو سگهارو حوالو بڻيون آهن.

ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ 'وڏي وهٽيءَ' ۾ سال 1975ع جي ٿڌي گهڙي جهڙي نومبر مهيني جي سورهين ڏينهن تي، هڪ غريب پورهيت جي گهر ۾ اکيون کوليندڙ 'وفا' صالح، پاڻ به پورهيت آهي. جنڊ جهڙي غُربت جي ڪِيرَ سان سلهاڙيل 'وفا' کي غُربت، ڌوٻيءَ جي ڪپڙي جيان ڌاٻڙن تي سَٽيو ۽ نپوڙيو ته آهي. پر مات نه ڏئي سگهي آهي. هو غربت جي آويءَ ۾ پڪي ٺانءَ جيان پچي راس ٿي نڪتو آهي. ان ڪري هو غريب ته آهي پر ذهني غريب به نه آهي. غريباڻي حال واري موروثي اٿوند ۾ ڏِکي ڏوڙي انٽر تائين تعليم ته ورتائين، پر نوڪري نه وٺي سگهيو آهي. نوڪري ته ملڻي به ڪانه هئس. ان ڪري ته ميرٽ جي ڏپ ڪري ويل لاشي تي چار قُل پڙهي، سورس، فورس، رشوت ۽ چاپلوسيءَ جي بدعت کي رائج ڪرڻ واري سياسي خلق وٽ 'وفا' جهڙا ماڻهو ڪٿي ٿا اگهامن؟ نوڪرين جي نيلام گهر ۾ واڪ ڏيڻ لاءِ وٽس ڏوڪڙن جي پِڙي به ته ڪانه هئي.

'خوشامد ۾ به آمد آهي.' جهڙي ڪارائتي چوڻيءَ کان به آشنا نه هو. نه ته جتي سندس جهڙا ٻيا ڪوڙ گلم جاتوبچي، واهه واهه جا هُنر هلائي ۽ ٽُڪ جون ڦُليون ڏئي، سياسي پوتارن جي ڪوٺا مان پاڳو وٺي وڃي ڏنڌي ڏاڙيءَ سان لڳا، اُتي هيءُ غريب جو ٻارُ به اگهامي وڃي ها. ڳيو پاڻيءَ ڏُک ۾ ٻوڙي ڪاٽڻ واري خودداريءَ ڪيس ائين ڪرڻ نه ڏنو ۽ هن همت هارڻ بدران، ڏهاڙي اُجرت تي پگهر پورهئي سان تغاري مٿي تي کڻي، اوچو ڳاٽ ڪري جيئڻ جو فيصلو ڪيو.

عشق حقيقيءَ جي تشريح به اهائي آهي ته عزت پرئي جياپي لاءِ پنهنجي ذات جي انا کي ماري مُڇَ ڪري ڇڏجي. اشفاق احمد چواڻي، 'مون کي گهڻي جستجو هئي ته عشق مجازي ۽ عشق حقيقيءَ جي فرق کي ڄاڻي سگهان.'

هڪ ڏينهن بابا سائين ٻڌايو، 'اشفاق، پنهنجي انا کي ڪنهن هڪ ماڻهوءَ اڳيان ختم ڪرڻ عشق مجازي ۽ پنهنجي انا کي سڀني اڳيان ختم ڪرڻ جو نالو عشق حقيقي آهي.'

هو اڄ به لڳ لهيندڙ جهولن ۽ اکَ جون به پنڙيون ساڙيندڙ پوهه جي پارن وارن ڏهاڙن ۾ به هٿن پيرن جي پورهئي واري سنت کي جياري ٿو. سندس جيون ڪٿا جو اهو اتساهڪ پاسو آهي. گڏو گڏ نئين نسل جي اُنهن نوجوانن لاءِ مثال به آهي. جيڪي نوڪري نه ملڻ تي مايوس ٿي پنهنجي املهه زندگيءَ جو ڏيئو پاڻ ئي گل ٿا ڪري ڇڏين.

'مايا، ڇايا آهي.' اها چوڻي پنجوءَ جي پيٽ وارن مال مستن لاءِ ته ٺيڪ آهي، پر ماڻهپي جو معراج، ڌن دولت نه، پر ماڻهوءَ جو ڪردار هجي ٿو. اهو اُن مالها جيان هوندو آهي، جو ڇڄي پوي ته ماڻهو داڻن جيان وکري ويندو آهي. ان ڪري ته پئسي جو ٻرُ ۽ رُتبي جو پَرُ، وڏ ماڻهپي جو وقتي مانُ ته ڏئي سگهي ٿو، پر ان ۾ دلي جذبا شامل نه هوندا آهن. پر ڪردار اهڙي امرت وٽ آهي جنهن سان ماڻهو سدائين لاءِ وڏ ماڻهپي جي معراج ماڻي ٿو وٺي ۽ ماڻهوءَ جي ان ڪردار کي پرکڻ لاءِ ڪنهن فلسفي يا عربي فارسيءَ جي گهرج به ڪانه ٿي پوي. اهو ته ماڻهوءَ جي گفتار ۽ عمل مان ئي پڌرو ٿئي ٿو.

'وفا' کي جيئن مون اکين جي ساهميءَ ۾ توري تکي ۽ دل دماغ سان محسوس ڪيو آهي ته هو پَرم پُريل نه پر پرم پليرو انسان آهي. گهڻن کان گهڻو مختلف. سندس شخصيت جي اها انوکائپ ئي ته آهي، جيڪا پرم پُريل ماڻهوءَ ۾ جياپي جو موهه جاڳائي ٿي ڇڏي. هن بي ضرر انسان، پنل اکين ۽ پگل دل سان

جيئڻ جو ڏانءُ سکي ورتو آهي. ٿهڪن جي ٽانگر ۾ ٽڙندڙ ڇهري تي ٻاراڻي معصوميت، جنهن ۾ زندگيءَ جا ڏک ڏولاوا، تجريدي آرٽ جيان چٽيل هوندا آهن. رشتن جو ڀرم رکي ڇاڻندڙ 'وفا' جي نماڻين ۽ اوجاڳيل اکين جي انگي حساب ۾ جيون اٽيور جا ڪيئي منڊل حساب آهن، جن کي ڪنهن به انگ جي ڪوڙي سان ونڊ ضرب ڪجي ته به درد جو ٻاچي ضرور بچي ٿو. جيون جا ڏک ڏاڪڙا، سهپ ڪان سجيهه تي ويندا اٿس ته هانءُ هاري، ٻئي هٿ مٿي تي ڏئي، مايوسين جي پولار ۾ الوپ ٿيڻ بدران، ڏکن کي سگهه بڻائي، ٽهڪن ۾ جيئڻ جا جتن ڪندو آهي. سرءَ جي ڪابه مُندَ، سندس چپن تي وڪريل مرڪون روڙي نه سگهي آهي.

هو پنهنجي تخلص جيان وفا جو پُتلو آهي. ڪٽڪائون رنگُ، ٻُت بوتي ۾ ڇيڙهو ۽ پورو پُنو. ڏاڙهي مڇون، ٻئي ڇَٽَ. ڪلين شيوَ. سادن سودن ڪپڙن ۾. سدائين چنبيل ڦوڪيل ۽ اڇو اُجرو. مال غني ڪونهي. پر دل جو مرچوٽُ به ڪونهي. لائي، توڙ نڀائڻ جي ڄڻ تنجٽن ۾ سُتي پيل اٿس. هڪ سُخنو. وعدو ڪيائين، ته مُنديءَ تي تِڪَ. مري جهري، مَٿا ڏئي به پورو ڪندو. اندر جي اڇائي، اکين مان اُجلون ڏئي عيان ٿيندڙ. منافقي ۽ ٻچا پڙائيءَ کان ڪوهين ڏُور. سنگت ۾ سچ چئي ڏيندڙ هيءُ سادڙو ۽ کرو انسان، مالي حوالي سان ڀلي غريب هجي، پر پيار ڏيڻ ۽ پيار ونڻ جي معاملي ۾ تونگر آهي. پيار جا وٿس پَل پريل آهن. پيار ۾ رسڻ سندس ريت ۽ پاڻهي پرچڻ سندس پريت آهي. جنهن سان روح ريجهي ٿو وڃيس، ان سان جيءُ جون جڙون ڳنڍيرجي ڳنڍين جيان ڳنڍجي ٿيون وڃنس. اهو سندس محبوب جيان هوندو آهي. پوءِ عاشق به پاڻ هوندو آهي ته معشوق به پاڻ. 'عشق ۾ منهنجا مٺا، جي تو ڪٽيو، ته به مون ڪٽيو.' وارو هن جو نينهن مون کي لطيف سرڪار جي هنن امر سٽن جي تشريح لڳندو آهي،

رُئي هوند رهان، سرتيون سري، ڪينڪي
پاڻهي ٿي پرچان، ڏسو نرِجايون نينهن جون

هونئن ته سنڌ جي ڪُندڪُڙڇ جي اديبن سان سندس ٻانهن ٻڌي واٽ آهي، پر مرهيات مشتاق پيرڳڙي، مرهيات منٺار سولنگي، يوسف سنڌي، ذوالفقار گاڏهي، مارو جمالي، پيچو فقير، راجن مگريو ۽ آئون سندس اهڙا دل گهريا دوست رهيا آهيون جن سان حُجتون به ڪندو آهي ته انگل آرا به ڪندو آهي ۽ هوڏي ٻار جيان ميڃرائي به ونندو آهي. پوءِ ڪڏهن وڙهي، ته ڪڏهن روئي. سندس انهن انگلن آنٽن ۾ به اهڙي پنهنجائپ هوندي آهي جو مٿس پيار اچي ويندو آهي.

'وفا' اديب به آهي، ته ادب دوست به. شاعر به آهي ته ڪهاڻيڪار به. هو اپياسي مضمون به لکي ٿو ته خاڪا ۽ پروفائيل به. نه رڳو ايترو، پر تنقيدي سُرت ۽ ساڃاهه به رکي ٿو. ادب سان پاڻ ارپڻ جي حد تائين لڳاءُ رکي ٿو. ادبي سنگت جون چونڊون هجن يا ادبي پروگرام ۽ سرگرميون، هو سرگرم ۽ ڪميٽيڊ ڪارڪن جيان اڳيان اڳيان هوندو آهي. هو سنڌ جي اديبن ۽ ڏوڪري، باڊهه جي اديبن وچ ۾ ائين رابطي جي پُل بڻيل آهي جيئن مرهيات مشتاق پيرڳڙي سنڌ جي اديبن ۽ دادو ضلعي جي اديبن وچ ۾ ڳانڍاپي جو سِهو بڻيل هو.

هو، نه ته پنهنجي نثري پورهئي ۾ لانئون آهي، نه ئي نظم واري پاسي ڪچو. آئون سندس بابت ڪا وڏي هامَ ته نٿو هڻان، ته هو ادب ۾ عقل ڪُل آهي ۽ لهي اُڀري ئي هن تي پيو. اهڙي هامَ ته هن پاڻ به ڪڏهن ڪانه هنئي آهي. پر ان ڳالهه ۾ ڪو به وڌاءُ ڪونهي، ته هو ادب جي سمورين نثراڻين توڙي نظماڻين صنفن جو چڱو مطالعو به رکي ٿو ته ڄاڻ ۽ ادراڪ به. هن ڀلوڙ ڪهاڻيون لکيون آهن. جن ۾ 'سُريت'، 'رکوالي'، 'محبت'، 'خواب'، 'اکيون ۽ عشق'، 'اجازت' ۽ 'ڪارو ڏڳو' ڀلوڙ ڪهاڻيون آهن. ان ڪانسوءِ سنڌ جي برجستي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار فياض چنڊ ڪليري ۽ بکو ديرو جي نوجوان، صدام جتوئي تي آرٽسٽڪ انداز ۾ لکيل خاڪا 'پرينءَ جي سار جهڙو فياض چنڊ' ۽ 'بکو ديرو جو سقراط' ۽ ڀلوڙ ڪهاڻيڪار راجن مگريو جي ڪهاڻي ڪتاب 'روين جو چهرو' تي سندس لکيل اپياسي مضمون پڙهڻ وٽان آهن. سندس نثري نظم به ڏاڍا سگهارا آهن. ڏينهن جي هڏ اُلوڙيندڙ پورهئي کان پوءِ، گهرجي بتيءَ جي جهيڻي روشنيءَ ۾ ادبي پورهيو ڪري ٿو، ته ڏات ديويءَ کي مٿس پيار اچي وڃي ٿو ۽ پوءِ پورهيت هٿن جون ڪُهريون آڱريون، قلم کي زبان ڏين ٿيون ته ڪومل احساس، لفظن جون پوشاڪون اوڍي اُجاگر ٿي پون ٿا.

اي خدا،
منهنجي ڀاڳي جون،
سموريون خوشيون
ڏکن ۾ ميساري ڇڏ.
ته جيئن،
اجان به وڌيڪ
منهنجي لکڻين ۾ گُهرائي پيدا ٿئي.

نظم هجي يا نثر، 'وفا' جي تخليقي جوهر ۾، جتي نفاست آهي، اُتي ڪڙاڻ به ملي ٿي. اهائي سندس اسلوبي سڃاڻپ به آهي. اهو ان ڪري ته هو پنهنجي سوچ، فڪر ۽ وهنواري جيون ۾ نه ته ڪوڙو ۽ ڪُپتيو آهي، نه ئي منافق ۽ ٻهروپيو. هو پنهنجي تخليقي پورهئي ۾ به ايترو ئي کرو آهي، جيترو پنهنجي ذاتي جيون ۾. وٽس نه ته هاٿيءَ وارا ڪائڻ ۽ ڏيکارڻ وارا ڏند آهن. نه ئي طوطي واريون ڦرندڙ گهرندڙ اکيون. هو پورهيت اديب آهي. پنهنجي پگهر پورهئي تي ناز ڪري ٿو. ان ڪان به وڏي ڳالهه، ته هو پنهنجي ان پورهيت حيثيت کي لڪائي به نٿو. پنهنجي قد ڪاٺ، حال حيثيت ۽ ڪارِ ڪرت ۾ جيڪو ڪجهه آهي، ڏک به اوتري ئي ڏئي ٿو. پاڻ کي ڏيڏر جيان ڦوڪي، آپي مان نڪرڻ جو گُناهه نٿو ڪري. سچ ته سندس اهائي ادا، مون کي موهي وجهندي آهي. ڪنهن ادبي پروگرام ۾ هڪ ئي وڳي کي ڏُٺاري ڪلف ڏئي پاتل ۽ قميص هيٺان ڦاٽل گنجي ۽ جورابن مان آڱوٺا ٻاهر نڪتل اديب کي، ڪوڙي وڏائيءَ ۾ ٻُت بوتي ڪان وڏا نڪاءَ هٽندي ڏسندو آهيان، تڏهن سچ ته 'وفا' لاءِ دل ۾ پيار اجان به وڌي ويندو اٿم.

ڪنهن ڏاهي چواڻي، 'ڪپڙا ڀلي پراڻا پهريو، پر نئون ڪتاب ضرور خريد ڪريو. ان ڪري ته خيالن جي جنگ ۾ ڪتاب، هٿيارن جو ڪم ڏيندا آهن.'

اها چوڻي 'وفا' تي سورهن جا ارڙهن آنا ٺهڪي ٿي اچي. ان ڪري ته هو مطالعي جو ڪوڏيو آهي. ڪتابن سان ڄڻ عشق اٿس. جتي هوند سُوند وارا، پڙهيل لکيل سرند ماڻهو، ٻن هزارن جو جوتو ونڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا، پر مهيني ۾ سؤ روپين جو ڪتاب يا پنجاهه روپين جو سنڌي رسالو خريد ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. اُتي 'وفا' جهڙو پورهيت پنهنجي پگهر پورهئي جي ڏهاڙي اُجرت مان پيٽ کي تسيا ڏئي ۽ خواهشن جو ڳاٽو مروٽي ڪتابن ضرور خريد ڪري ٿو. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ سان ان کان وڌي واڳنا (ڪمٽمنٽ) ڪهڙي ٿيندي؟

'وفا' سونهن پرست آهي. جنهن کي عوامي ٻوليءَ ۾ 'پياسڙي' به چوندا آهن. سونهن سندس ڪمزوري آهي. پر هو پنهنجي ان ڪمزوريءَ کي لڪائي نٿو. سونهن، ڪنهن کي نٿي وڻي؟ اها ته ادب جي تخليقي اساس، ڪائنات جو روح ۽ انساني جياپي جو موهه آهي. سونهن ته رب ڪائنات کي به وڻي ٿي. تڏهن ته قرآن جي زبان ۾ چيائين، 'الله، پاڻ به حسين آهي ۽ حُسن کي پسند ڪري ٿو.' سونهن جي سچي چاهنا ۽ واڪاڻ به اهائي آهي ته سونهن سان پيارُ، پوپٽ ۽ مالهيءَ وارو هجي، گل فروش وارو نه.

'وفا' جي لکڻين ۾ جيتري جذباتيت ۽ ڪڙاڻ نظر اچي ٿي، ان جي اُبتڙ ذاتي زندگيءَ ۾ حساس هِردو رکندڙ نفيس انسان آهي. آڪاس جي وشال وُسعتن جهڙي امڙ جو ٻاجهارو سائبان جڏهن سِر تان کڄي ويو هئس. تڏهن ڏاتار جي ڏنل ڏکن کي جهوليءَ پائي جهلڻ وارو 'وفا' ڪيڙيءَ جي ڀُرٽي پتر جيان ڀُري پيو هو. دعائن جي ان بند ٿي ويل دروازي جي ڏک ۽ پيڙا واري ڪيفيت ۾ جڏهن موبائيل فون تي مون سان ڳالهائيندو هو، تڏهن مون کي حضرت موسيٰ جو اهو واقعو ذهن تي تري ايندو هو. ته امڙ جي لاڏاڻي کان پوءِ موسا جڏهن طور سينا جبل ڏانهن ويو پئي ته هلندي ٿاٻو اچي ويس. ٺيڪ ان مهل غيبي آواز آيو، 'اي موسيٰ! پيرُ سنڀالي ڪڻ. تو لاءِ دعا جا هٿ ڪٽڻ واري امڙ هاڻي هن دنيا ۾ نه رهي آهي.' امڙ جي وڇوڙي ڪانپوءِ هن پنهنجي اندر جا اُڌما مون سان شيئر ڪرڻ لاءِ جيڪو خط لکيو هو، ان خط مون کي رئاڙي ڇڏيو هو. ان ڪري ته امڙ جي وڇوڙي جو درد ڪهڙو ٿئي ٿو؟ اهو مون جهڙن انهن سمورن کان وڌيڪ ڪير محسوس ڪري سگهي ٿو، جن جون مائرون ٻاروتڻ ۾ وڇڙي، ساري ڄمار لاءِ يادن جا ڏنب ٻڌجي، چورو چنو ڪري وينديون آهن.

هو انتيهن ورهين جو سدا ملوڪ ۽ سدا بهار ڪنوارو نوجوان آهي. هو 'واڻ ڪائي واڏڻ کي نه لڳو آهي.' جوانيءَ جا ڏار اجان سلامت اٿس. ان ڪري ته اجان نه ڦِٽو آهي، نه ڦاٽو آهي. ائين به ڪونهي ته هن جي دل جي دروازي جو ڪنهن ڪڙو نه ڪڙڪايو آهي. هن جي من آڱر ۾، ڪنهن جي سار جا ٻاريل ديپ اجان اُجهاڻا ناهن، پر سندس دل جي دستڪ کي اجان ٻاپوهيل وراڻيءَ جي موٽ نه ملي سگهي آهي.

'وفا' منهنجو اهڙو دل گهريو دوست آهي، جنهن تان آئون هزار منافقن کي ائين گهوري سگهان ٿو، جيئن ڪنهن نظر واري ٻار جي نظر لاهڻ لاءِ وڏڙيون ڪُڪڙ جا آنا مٿانئس گهوري اڇلائينديون آهن. آئون جڏهن به ساڻس مليو آهيان، وٽانئس جياپي جو نئون اُتساهه ماڻيو اٿم. سندس جيون ڪٿا، ڪردار، صحبت ۽ محبت مان گهڻو ڪجهه پرايو اٿم، سواءِ هڪ نقصان جي، ته يار منهنجو ٻاتو آهي. جڏهن به ساڻس موبائيل فون تي ڳالهائيندو آهيان ته هن جي ٻاتائپ ڪري، فون جي بيلنس کي ڄڻ اُڏوهي لڳي ويندي آهي. ■



استيل جا پنج گلاس...

ڊاڪٽر رسول ميمڻ

ناني ان ئي وقت ڳوٺ واپس وڃڻ جو ارادو ڪيو. ڪنهن جي هڪ نہ ٻڌي. اها نماشام هئي. در تي وڃي واپس موٽي آيو ڪيس احساس ٿيو تہ هن وقت ڳوٺ لاءِ ڪابہ سواري نہ ملندي. واپس اچي ڪٽ تي ويٺو ۽ امڙ شيشي جا ٽڪر ميڙڻ لڳي. بابي اسان کي ڏک مان چيو، 'خيال سان گهمجو متان پير ۾ شيشو نہ لڳي وڃيوَ.'

نماشام جو ڳوٺ ڏي هڪ بہ گاڏي نہ ويندي هئي. سکر کان شڪارپور ويندڙ روڊ پندرهن فٽ ويڪرو مس هوندو هيو. اهو ڪٿي ڪچو تہ ڪٿي پڪو هوندو هيو. جڏهن هڪ گاڏي لنگهيندي ۽ سامهون ٻي گاڏي ايندي هئي تہ هڪ گاڏيءَ کي روڊ جي پاسي کان بيهاري ٻي گاڏيءَ کي رستو ڏنو ويندو هيو. ڳوٺ مان لڏڻ کانپوءِ بہ ان سان رشتو ختم نہ ٿيو هيو. مهيني ٻئي ڳوٺ وڃڻ ٿيندو هيو. سکر ۾ شڪارپور بس اسٽينڊ تي لوهہ جي چادرن وارو انتظار گاهہ هوندو هيو جنهن ۾ بسن جون ڀڳل سيٽون رکيل هونديون هيون. اتي ڏگهي منهن واريون ٽرڪ جهڙيون بسون هونديون هيون جيڪي چاٻيءَ سان اسٽارٽ ٿينديون هيون. جيڪڏهن چاٻيءَ سان اسٽارٽ نہ ٿينديون هيون تہ انهن کي ڌڪا ڏئي اسٽارٽ ڪيو ويندو هيو. هڪ دفعي ڳوٺ ۾ امڙ جو ڪو ويجهو عزيز فوت ٿي ويو. ان ڏينهن مينهن وسي رهيو هيو. ڳوٺ وڃڻ بہ ضروري هيو. مينهن جهڪو ٿيو تہ اسان سڀ ٻار امڙ ۽ بابي سميت اچي بس اسٽاپ تي پهتاسين. قسمت سان ان ڏينهن بس بہ ملي وئي جنهن لکيءَ واري اسٽاپ تي چڙهيو. اسان جو ڳوٺ اتان هڪ ميل پري اوڀر طرف هيو. مون کي ياد آهي اسان ٻارن مان ڪنهن کي پيٽي ساڻ هئي، ڪنهن کي مٿي تي هڙ رکيل هئي. مينهن ڪري ايڏي گپ هئي جو پير زمين تي نہ پئي ٽڪيا. اهو هڪ ميل ڪچو رستو اسان ڏاڍو ڏکيو پار ڪيو. ڪو ٻار هڙ سوڌو هيٺ پيو آهي تہ ڪو پيٽي سوڌو. ٿيڙ کائيندا ڳوٺ پهتاسين. مرحوم جي ڪفن دفن کانپوءِ جڏهن سکر وڃڻ لاءِ واپس اسٽاپ تي پهتاسين تہ اها ٽيهري هئي. پري پري تائين ڪنهن بس جو نانءُ نشان نہ هيو. اسان گهڻي دير استاپ تي ويٺل هياسين. اتي هڪ گاڏي وارو هيو جنهن کان هر هر پيڙا وٺي پئي کاڌاسين. پيڙا اهڙا تہ ذائقيدار هيا جو دل هر هر وٺي کائڻ پئي چاهيو. اهو پيڙن وارو هڪ مهاجر هيو جيڪو گهڻو عرصو ڳوٺ ۾ رهڻ ڪري صاف سنڌي ڳالهائي رهيو هيو. اها ڳالهہ مون کي گهڻو وقت پوءِ ڳوٺ جي هڪ شخص ٻڌائي هئي. اهو مهاجر ڪٽنب هجرت کانپوءِ لکيءَ ۾ رهيو هيو ۽ سنڌين سان گڏ سڌي ٿي ويو هيو. بس جي انتظار ۾ وقت ئي نہ پئي گذريو. پٽرن مان ٺهيل انتظار گاهہ ٻاهران ٻڙ جو وڻ هيو. اسان سڀ ٻار هر هر ان جون لڙڪندڙ پاڙون پٽي رهيا هئاسين. امڙ دانهن پئي ڪئي، "اها ٻڙ جي ڏاڙهي آهي نہ پٽيو." امڙ جي ان ڳالهہ جو اسان تي ابتو اثر ٿيو. ڪاوڙ مان اسان اهي پاڙو اڃا بہ تيزيءَ سان پٽڻ لڳاسون. سج صفا لهي ويو. بس نہ آئي. اسان سيني کي واپس ڳوٺ موٽڻو پيو. ڳوٺ ۾ رهڻ سان ڏاڍي خوشي محسوس ٿيندي هئي. ڳوٺ ۾ اسان شهري ڇوڪرا ڄاٽي واٽي سٺا ڪپڙا پائي گهمندا هياسين، جنهن ڪري سڀ ٻار حسرت ۽ نماڻائيءَ مان ڏسندا هئا. انهن جا منهن ميرا ۽ وارن کي ڦڻي ڏنل نہ هوندي هئي. پراڻي قميص ۽ لنڊي ڳوڏ ٻڌل هوندي هئي. انهن جا پير اگهاڙا ۽ ڌوڙ سان ڀريل هوندا هيا. پر ڪجهہ ڏينهن رهڻ کانپوءِ اسان بہ انهن جهڙا ٿي ويندا هئاسين. مٽيءَ ۾ وڙهي جڙي صفا ڀوت بڻجي ويندا هئاسين. هڪ دفعي منهنجا ٻہ ڀائر ڳوٺ جي ڇوڪرن سان ڪنهن ڍنڍ تي وڃي ننڍين مڇين جون جهولون ڀري آيا. اهي ڪلندا پئي آيا تہ امڙ ڏسي خوش ٿيندي. انهن جي جهولن مان ڇيڪڙ هيٺ پئي وهي. شايد انهن ڪنهن سڪل ڍنڍ جي ڪناري گپ مان اهي مڇيون ميڙيون هيون. امڙ جي نظر انهن تي پئي تہ ڪاوڙ ۾ ڀرجي وئي، انهن کي ٺڦون وهائي ڪڍيائين ۽ مڇيون ٻاهر اڇلائي، برمي هيٺان ويهاري سندن لڳ صاف ڪيائين. اتي اسان قبرستان ۾ وڃي ڪٻرن جي ڏارن ۾ سوراخن اندر هٿ وجهي طوطن جا آنا ٻاهر ڪڍي ڏسندا هياسين. جيئن طوطو خوبصورت پکي آهي ايئن ان جا آنا بہ خوبصورت آهن. سائي رنگ جا آنا دل کي وڻندا هئا. اسان جي اهڙي حرڪت تي ڳوناڻن سمجهايو، 'ائين نہ ڪيو. ڪڏهن ڪٻرن جي سوراخن ۾ نانگ بہ لڪيل هوندا آهن، جيڪي هٿ وجهڻ سان ڏنگي سگهن ٿا.'

اهو قبرستان ايڏو تہ پراسرار لڳندو هيو جو مان ان کي وساري نہ ٿو سگهان. اهو منهنجيءَ ڌڙڪندڙ دل تي نقش آهي. جڏهن بہ ڪا اهڙي ڪهاڻي لکندو آهيان جنهن ۾ قبرستان جو ذڪر هوندو آهي تہ اهو ساڳيو قبرستان منهنجين نظرن اڳيان اچي ويندو. اتي اسان جي وڏڙن جون قبرون آهن، جن تي ڪوبہ ڪتبو لڳل نہ آهي. ڳوٺ ۾ گهڻو ڪري قبرن تي نالو نہ لکيو ويندو آهي. اهي بي نانءُ قبرون هڪجهڙيون ڏسبيون آهن. ڪن خاص نشانين سان قبرون سڃاتيون وينديون آهن. اسان جي پرڏاڏي جي قبر قبرستان جي ٻين قبرن کان ڊگهي هئي. چون ٿا ان جو قد ستن فٽن جي لڳ ڀڳ هيو. وڏو سيلاني شخص هيو. سنڌس پيڏيون سجيل هونديون هيون جنهن ڪري اهو پيرن کان مٿي پٽيون ويڙهيندو هيو. ڪمائيندو ڪجهہ نہ هيو. پرڏاڏي سانجهيءَ جو چلهہ تي سڪٽي ڪني چاڙهيندي هئي جيئن ماڻهو ائين نہ سمجهن تہ کين کائڻ لاءِ ڪجهہ نہ آهي. پرڏاڏيءَ کي اباڻا ڏيندا هيا، جيڪو ڪائي پيٽ گذر ڪندي هئي. ڏاڏو ڪم ڪرڻ جهڙو ٿيو تہ ان مزدوري ڪئي، جڏهن محنت ڪري سکر ۾ ريشم جو ڪارخانو هنيائين تہ هو پڳ لاهي اسان کي پنهنجو مٿو ڏيکاريندو هيو، جنهن تي تارونءَ وٽ زخمن جا نشان هوندا هيا. هو چوندو هو، 'مون جوانيءَ ۾ مٿي تي تگاريون ڍوئيون. هي غربت جا چٽي ويل نشان آهن.'

پوءِ هو اسان کي پيار ڪري، سيني سان لائي چوندو هو، 'توهان منهنجي سڀ کان وڏي ملڪيت آهيو.'

ڏاڏو اسٽيل جي گلاسن ۾ پاڻي پيئندي فخر محسوس ڪندو هيو. هو پاڻي پيئندي گلاس منهنجي اڳيان آڻي ان ۾ پنهنجو عڪس ڏسي مرڪندو هيو ۽ ڏاڙهي ۾ آڱريون ڦيري وار سڌا ڪندو هيو. ان جي چڙيل حسابن ڪتابن وارين ڳاڙهين بندين کي کولي جڏهن هاڻي ڏسندو آهيان تہ منهنجا اکر صفا ڏاڏي جهڙا آهن. مان بہ اکرن کي ائين ونگوڙا ڏئي لکندو آهيان جيئن ڏاڏو لکندو هيو.'

اهو عيد جو ڏينهن ئي هيو جو عيد نماز پڙهي اسان دعا گهرڻ ڏاڏي جي قبر تي ويا هياسين. واپسيءَ ۾ موٽياسين تہ ڏاڍا اداس ۽ مايوس هياسين. اداسي ۽ مايوسيءَ جو سبب قبرستان ۾ ڏاڏي جي قبر جو نہ ملڻ هيو. اها قبرن وچ ۾ ڪٿي وڃائجي چڪي هئي. ان تي ڪوبہ ڪتبو نہ هيو. اهوئي سبب هيو جو واپسي ۾ گهر پهچي بابا بيحال ٿي ڪٽ تي ڪري پيو. امڙ کيس شيشي جي گلاس ۾ پاڻي ڏنو. هن پاڻي پي گلاس ٽيبل تي رکڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اهو ڇڏائجي هيٺ ڪري پيو. امڙ چيو، 'عيد جي ڏينهن شيشي جو گلاس ڀڄڻ سٺو سنوڻ نہ آهي.' پر بابي جي دل ڀهريون ئي ڏري پئي هئي. ڏاڏي جي قبر جو وڃائجڻ ائين هيو جيئن ميلي ۾ ڪو ٻار وڇڙجي ويو هجي. عيد ڏينهن قبرستان ۾ قبرن جو ميلو ئي تہ متل هوندو آهي. انهن وچ ۾ هڪ قبر کي ڳولهڻ ڪنهن کي ميلي ۾ ڳولهڻ برابر ئي تہ هيو. ڏاڏي جي قبر تي سال ۾ هڪ دفعو وڃڻ ٿيندو هيو. اها قبر چن جي پهاڙ کان چاليهن قدمن جي فاصلي تي هوندي هئي. چن جو پهاڙ ۽ فاصلو اهي نشانيون هونديون هيون جن تحت اسين ڏاڏي جي قبر کي ڳولهي لهندا هياسين. ٿيو ائين جو پهاڙ ڀرسان چن جو ڀٺو هيو. مزدور پهاڙ ۾ سوراخ ڪري انهن ۾ بارود وجهي ڌماڪي سان اڏاريندا هيا. پوءِ پٿرن جون ڇپون ڀٺي ۾ وجهي چن ٺاهيندا هيا. اهو پهاڙ ڏينهون ڏينهن ننڍو پئي ٿيندو ويو. آخر اهڙو ڏينهن بہ آيو جو اهو پهاڙ صفا مٽجي ختم ٿي ويو. ان عيد تي جڏهن اسان ڏاڏي جي قبر تي وياسين ۽ مٽيل پهاڙ جي نشان واري اندازي تي قبر مٿان ويهي دعا گهري رهيا هياسين تہ ڪي ٻيا شخص اچي اتي پهتا. انهن چيو، 'ادا توهان ڀليا آهيو. هيءَ اسان جي پيءُ جي قبر آهي.'

اهڙي ڳالهہ ٻڌي اسان منجهي پياسين ۽ پوءِ جڏهن

غور ڪيوسين تہ واقعي ئي اها ڏاڏي جي قبر نہ هئي. قبرستان ۾ اندازي سان هيڏانهن هوڏانهن ڏاڏي جي قبر ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي سين، پر اسان جا سڀ اندازا شڪ ۾ بدلجي ويا ۽ ائين ان سان اسان مايوس ٿي گهر موٽياسين.

انسان جڏهن مايوس هوندو آهي تہ ڪونہ ڪو نقصان ضرور ڪندو آهي. ان ڏينهن اهو بدنصيب شيشي جو گلاس هيو جيڪو بابي جي مايوسيءَ جو شڪار ٿيو.

قبرن جي ميلي ۾ اسان ڏاڏي کي وڃائي ويناسين. اڄ بہ جڏهن ڏاڏي کي ياد ڪيان ٿو تہ اکين ۾ پاٽي ۽ چپن تي مرڪ اچي وڃي ٿي. جڏهن هن ريشم جو ڪارخانو هنيو اهي اسان جي ڪٽنب جا سٺا ڏينهن هيا. اسان پنجن ڇٽن جو جڏهن طهر ڪرايو ويو هيو تہ پلاءَ جون سترهن ديڳون چاڙهيون ويون هيون. اڌ گهٽيءَ جي ديگهہ تائين سرن جا چلها ناهي هيٺان باهيون ٻاريون ويون هيون. پنجن ئي پائرن ۽ سوٽن کي ڳاڙهيون گوڏيون ٻڌي عمر جي حساب سان قطار ۾ بيهاري طهر ڪيا ويا هيا. ٽئين نمبر تي بيٺل ياءُ سيني جو وهنڊڙ رت ڏسي ونئي پڳو. هڪ مائٽ ان کي وڃي جهليو. جيئن گهلڻ لڳس تہ ان کي وٽيءَ ۾ ايڏو تہ زور سان چڪ پاتائين جو سندس وٽيءَ تي نشان ٿهي ويو. جڏهن ياءُ سمجهہ سان ٿيو تہ اهو مائٽ ڪيس وٽي ڏيکاري چوندو هيو. 'هيءُ ڏس جڏهن تنهنجي ڪل ڪٽجي رهي هئي تہ تون منهنجيءَ ڪل ۾ چڪ پاتو هيو' ڪل تي ياد آيو. پاڙي ۾ جڏهن بہ طهر ٿيندو هيو، بابي سان دعوت ۾ ويندو هيس تہ پلاءُ صفا نہ وٽندو هيو. محسوس ٿيندو هيو پلاءَ ۾ گوشت سان گڏ ڪل بہ پيل آهي.

ڏاڏي جي ريشم جو ڪارخانو تباهہ ٿيو تہ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ نہ بچيو. ڪارخاني ۾ ڪڏيون ائين خاموش هونديون هيون جيئن وقت انهن جي زبان ڪٽي ڇڏي هجي. هر طرف ڌوڙ ۽ ڄارا هوندا هيا. مان ٽپو ڏئي پيٽ جي زور سان مٿي چڙهي ڪنهن ڪڏيءَ جي ڦٽي تي ويهندو هيس تہ ڦٽي تي چڙهيل دز منهنجن ڪپڙن سان صاف ٿي ويندي هئي. مان ڪڏيءَ جي هٿئي کي پڪڙي هلائڻ جي ڪوشش ڪندو هيس. خالي ڪڏيءَ ۾ ناريي مقصد هيڏانهن هوڏانهن پئي ٿيندي هئي. ڏاڏي جي ريشم جي ڪارخاني جي تباهيءَ ۾ هن جي هڪ دوست جو هٿ هيو. جنهن کي هن هڪ راز جي ڳالهہ ٻڌائي هئي، 'ريشم جي ڪپڙي جي بازار ۾ ايڏي تہ هلت آهي جو ڪيس ريشم جا پڙا بليڪ تي وٺڻا پون ٿا.'

انهن ڏينهن سڀ ڪان سٺو ريشم جاپان ڪان ايندو هيو. ريشم محدود هجڻ ڪري هر ڪارخاني کي مخصوص ڪوٽا هوندي هئي. اهو ڪوٽا ڪان وڌيڪ ريشم رکي نہ سگهندو هيو. ڏاڏي ڪجهہ ريشم بليڪ تي وٺي گودام ۾ رکيو هيو. هن جي دوست ڪان ڏاڏي جي ترقي ڏٺي نہ وئي. ان پوليس کي اطلاع ڏنو. ڇاپو لڳو. پوليس ڏاڏي کي پڪڙي سمورو ريشم ڪٽائي وئي. ڏاڏي جا سڀ پئسا مقدمي تي خرچ ٿي ويا. اڳتي هلي ڪڏين کي وڪيو ويو، ڪجهہ پئسا قرض وٺي ڏاڏي شاهي بازار ۾ ڪپڙي جو دڪان ڪوليو. هن اهو دڪان حاجي خليل نالي هڪ مهاجر ڪان ڪرايي تي ورتو، جيڪو تازو هندستان مان آيو هيو ۽ ان کي ڪليم ۾ شاهي بازار جا ٽي دوڪان مليا هيا. هڪ دوڪان پاڻ هلائيندو هيو ۽ ٻہ دوڪان ڪرائي تي ڏنا هيائين.

ڏاڏو ڪڏهن مون کي دوڪان تي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هيو. هو ڪاري بسڪٽ سان تيز مٺي چانهہ پيئاريندو هيو. دوڪان تي وٺي وڃڻ جو سبب اهو هوندو هيو تہ ڏاڏي جي نظر ڪمزور هئي.

اڪثر صبح جو سج ۾ ڪوئٽا جا ڪجهہ پناڻ بازار ۾ ايندا هيا. هڪڙو دوڪاندار سان ڳالهائيندو هيو تہ ٻيا ور ۾ ڪپڙو لڪائيندا هيا. جڏهن اهڙا ڪي بہ پناڻ دوڪان تي چڙهندا هيا تہ ڏاڏو مون کي چوندو هيو، 'هوشيار... پٽ نظر ڪجانءِ.'

ڏاڏو ڪپڙو ڏيکاريندو هيو ۽ مان پناڻن جي هر حرڪت تي نظر رکندو هيس. جنهن ڏينهن ڏاڏي جي وڪري گهٽي ٿيندي هئي تہ شام جو واپسيءَ ۾ هو پپيتا، ڪيلا ۽ چيڪو وٺندو هيو. گهر ايندو هيو ۽ ڏاڏيءَ کي ٻڌائيندو هيو. 'مولوءَ جي ماءُ، اڄ هزار روپين جو وڪرو ٿيو آهي.'

هو اوطاق ۾ حقو پيئندو هيو. سوٽو هٿي ڪنڌ مٿي ڪري دونهون هوا ۾ ڇڏيندو هيو ۽ ٻارن کي سڏ ڪري خرچي ڏيندو هيو. ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هيو تہ وڪرو صفا نہ ٿيندو هيو. هو مايوس موٽندو هيو. هن جي چيلهہ جيڪا پوڙهائپ ڪري هيٺ جهڪيل هوندي هئي اها وڌيڪ جهڪي ويندي هئي. هو ان ڏينهن بازار مان پاروتا بادرنگ وٺندو هيو جيڪي کائيندا هياسين تہ انهن مان پڪا ٻج نڪرندا هيا. حقو ڇڪيندو هيو تہ ان مان گڙ گڙ جا آواز ائين نڪرندا هيا جيئن ٻڪايل جي پيٽ مان نڪرندا هجن. هو گهٽ ڳالهائيندو هيو تہ ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ڏاڏيءَ سان وڙهندو هيو. بازار ۾ جيئند نالي هڪ شخص جو دوڪان هيو جيڪو ان جي ملڪيت هيو. جيئند ڏسڻ ۾ صفا هيڊي رنگ جو ننڍي قد وارو شخص هيو. هن اهو دوڪان ورهاڱي کان ٿورو اڳ هڪ هندوءَ کان سستو خريد ڪري پنهنجي نالي ڪرايو هيو. جيئند جو دوڪان ڏاڏي جي دوڪان کان ٿورو پري هيو. ان مٿان جاءِ ٺهيل هوندي هئي جيڪا ويران هئي. ڪڏهن پيشاب لڳندو هيو تہ ڏاڏي جيئند جي جاءِ ۾ موڪليندو هيو جتي ٽپڻ تي 'پُئِي' ٺهيل هوندي هئي. پُئِيءَ ۾ تہ بوءِ نہ هوندي هئي پر جڏهن ٽپڻ جي ونگوڙي واري ڏاڪڻ لهي هيٺ اچبو هيو تہ ڏاڪڻ هيٺان 'حُوريءَ' ۾ ٺهيل رنڌڻي اندر اچان بہ ان دال جي بوءِ ايندي هئي جيڪا ورهاڱي کان اڳ اتي چاڙهي وئي هئي. ان ڪچيءَ جاءِ جو ڪوٺو صفا ڌوڙ لڳو پيو هوندو هيو. ان جي ويرانيءَ ۾ خاموشي هر هنڌ اداس ويٺل هوندي هئي. پوري بازار مهاجرن سان پريل هوندي هئي. هر ڪو اردو ڳالهائيندو هيو. ڏاڏي کي اردو ڳالهائڻ نہ ايندي هئي. هو اردو ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. هڪ دفعي حاجي خليل جا ٻار مٿان لهي دوڪان اڳيان گوڙ ڪري رهيا هيا. ڏاڏي کي ڳالهہ نہ وڻي. انهن کي اردوءَ ۾ چيائين، 'چلو اوپر ڏڪڻ پي.' مون کي اردو ٿوري گهٽي ڳالهائڻ تہ ايندي هئي پر پڙهڻ ۾ منجهندو هيس. دوڪان جا بل جيڪي اردوءَ ۾ ڇپيل هوندا هيا. انهن کي ڏسي ڏاڏي کان پڇندو هيس.

'ڏاڏا هي بل جي آخر ۾ ٽوٽل ڇو لکيل آهي؟'

ڏاڏي کي اها خبر هئي. ان ڪلي وراڻيو، 'پٽ اهو ٽوٽل نہ ٿوتل آهي. جڏهن جوڙ ڪندا آهيون تہ آخر ۾ اتي لکندا آهيون.' *(هلندڙ)*



امداد حسيني

اي سنڌڙي!

اي سنڌڙي
اي جندڙي
سڀ شهر تنهنجا ڦهر ٿيا
ٻارڻ ٻٽيون ٻهراڙيون
تنهنجون اکيون رت ٿيون رُئن
۽ ڳل سنڌ ريڳاڙيون
سِر تان لٿل پوتي سنڌ
چولو سنڌ چيهاڙيون

سڀ چوڪ تنهنجا ڇهڪ ٿيا
سيئي گهٽيون گهايل هيون
ڪاٽي هوائون جي هيون
ڇڙواڳ ۽ پاڳل هيون
ٽامو ٽيل ڌرتي هئي
ٽي آڳ اوڳاڇي گگن
هر جيءُ هو جليو پيو
۽ ڪنهن ڪُٺل نيرڳ جيان
هر خواب هو ڪليو پيو
هو جو ڪڏهن اُوچو عَلم
سو ٿيو اڳٽ وجهٽي قلم
تولاءِ جا رُوندي هئي
آهي ڪٿي سا چشم نم!

هڪ رات پوري ٿي هئي
ٻي رات ٿي وئي شروع
سورج ڪڏهن ٿيندو طلوع
ٻي ڏِس هر ڪا ڏِس ٿي
سورج ڪٿان ٿيندو طلوع. ■

بودلڪ ڪافرستاني...



شيام ڪمار

هيءَ ان پراچين سمئي جي ڳالھہ آھي جڏھن ويدڪ ديوتا راجا اندر پنھنجي شاندار پيڪي، راڄ پاٽ، چمتڪاري شڪتي، طوفاني چڪر (thunder bolt) ڪارڻ اندر لوڪ جي سڀني ديوتائن ۾ اُتم، ٻلوان، تيجسوي ليکيو ويندو ھو. پر سندس ھڪ ٻي اڇرجدائڪ جسماني 'قوت' سبب ڪيس ٽنھي لوڪن ۾ بي مثل شھرت ۽ مان حاصل ٿيل ھو. ان گلابي شڪتي ڪارڻ ڪيس ديو لوڪ جو 'پلي بواءِ' (Playboy) ڄاتو ويندو ھو. ھيءَ وارتا گذريل ويدڪ سمئي جي آھي جنھن کي گذري وئي ڪئي يگ ٿي ويا. پر، اندر پوري اھو سندر رمڻيڪ من موھن ۽ پرڪشش آستان ھو جنھن جي قربت لاءِ ھر رشي مني ديوتا ۽ عام انسان ابلاڪا ۽ تمنا ڪندو رھندو ھو.

ھن سدا شادمان جادونگري اندر مينڪا، اُروشي، ميناڪشي، شڪنتلا، ماڌوي جھڙين سدا بھار، سدا سندر، چنچل، سدا من موھن، اپسرائن کان سواءِ ٻين انيڪ ۽ امر سندر ڪنيائن جو بسيرو بہ ھوندو ھو. ان کان سواءِ راجا اندر جي ڌرم پتني 'اندراني' جھڙي چتر ڪلاڪار ۽ مڏيري نيٽن واري ديوي جو بسيرو بہ ان نگري اندر ھوندو ھو.

پر، ھينئر وقت جي ڪروڙ، سنسار جي غلاظتن، وايومنڊل جي ڪلجڳي ناڪاري اثرن سبب امرتا ۾ ٻڏل ھنن سندر اپسرائن اندر بہ اڻ وسھندڙ ڦيرو آٽي چڏيو ھو. ھينئر ھنن جي آتمڪ ۽ جسماني سندرتا بہ جھڪي ٿيندي ڏيکارجي رھي ھئي. ھنن جي مڌر سريلي آواز ۽ سدا بھاري پاوَنائن ۾ بہ لاھہ جي ڪيفيت صاف نظر اچڻ لڳي ھئي. ۽ ان ڦيري کي اَشُڀ ۽ بدسوَڻ سمجھيو ويو.

اِھا سموري اُپٿار بہ ويدڪ زماني جي ئي آھي. پر، ھينئر ھيءُ سنسار پاڻ اندر پوري کان انيڪ ڀيرا وڌيڪ سندر من موھن پرڪشش نازڪ نفيس ۽ بي مثل اپسرائي نازنينن جو بسيرو بڻجي چڪو آھي. ھينئر سڀئي سنت صوفي گياني پرش شاعر ليکڪ راجا ۽ پرجا ھن سنساري اندر پوري (پرستان) تي تن من ڌن سان موھت بڻجي جان ڏيڻ لاءِ بہ تيار ڏيکارجن ٿا. ويدڪ اندر پوري ھينئر ڪتابن جي ٿلھن جلدن تي جميل مٽي جي تھن اندر گم ٿي وئي آھي.

ان ڳنڀير مسئلي جي اھميت کي ڀانپي راجا اندر بہ چنتا ۾ وڪوڙجي ويو. ڪيس ڇوٽڪاري جو ڪو رستو نظر نٿي آيو.

آخر مجبور ٿي ھڪ ڏينھن ھن عام درٻار ڪوٺائڻ جو حڪم جاري ڪيو. ان درٻار اندر سڀئي ٻلوان ديوتائون. سندس گياني وزير ۽ راڄ نيتي جا ماھر صلاح ڪار - ۽ مھان تيجسوي تپسوي بہ موجود ھئا. ان ڳنڀير مسئلي جي حل ڳولھڻ لاءِ ڊگھو وادو واد شروع ٿيو ھو، ۽ آخر ۾ اھو فيصلو ورتو ويو تہ 'مھاٻلي اندر ديوتا پنھنجي چمتڪاري شڪتين جو لاڀ وٺي پنر جنم' جي چڪر تي عمل پيرا ٿيندي ۽ يگن کان ھلندڙ 'اوتارن جي سلسلي' وانگر انسان ذات اندر جنم وٺي پنھنجي 'ازلي باھہ' کي ايستائين ٿڌي ڪرڻ جو جتن ڪندو رھي جيستائين ھيءَ سرشٽي قائم آھي.' ان متفق فيصلي کان پوءِ راجا اندر ھن فاني سنسار اندر انساني جامي ۾ جنم وٺڻ جي پرتگيا ڪئي ھئي.

سندس پھريون جنم مصر جي برپٽي علائقي سينائي دائود جي يھودين جي مشھور طاقتور جاھہ حشمت جي مالڪ بادشاھہ ۽ پيغمبر دائود جي گھر ۾ حضرت سليمان جي روپ ۾ ٿيو ھو. بادشاھہ سليمان جو تخت سليماني ۽ سندس سليماني ٽوپي جڳان جڳ مشھور ھئي. ھو 'ازلي باھہ' جي لحاظ کان پنھنجي نامور پيءُ کان ڪوھين اڳتي نڪري ويو ھو. ان کان علاوہ روئي زمين تي جيڪي بہ ٻہ پيرا، چار پيرا يا سو پيري مخلوق ھئي ۽ ڌرتي ۽ فضائن ۾ رھڻ ڪندڙ 'نہ ڏسجندڙ' ۽ 'نہ محسوس ٿيندڙ' ارواح ۽ جنات ھوندي ھئي سا بہ سندس مطيع ۽ تابعدار ھئي! پر، سندس اصل شان ۽ شڪتي سندس اڪٿ ۽ ڪشادي حرم - سرائي جي رنگارنگي، لوباني ۽ مُر ۾ واسيل خوشبوءِ ۽ نت نئين جدت ندرت حدت ۾ وڪوڙيل خوبصورتي ۽ حسن جي ھوشربائي اندر پوشيده ھوندي ھئي. سندس عاليشان محل ۽ درٻار سون چاندي ۽ ھيرن جواھرن جي وستوئن مان جڙيل 'فنِ تعمير' جو بي بدل ۽ عجوبہ روزگار 'شاھڪار' ليکيو ويندو ھو. جنھن اندر ٽي سؤ کان وڌيڪ 'اطلسي ۽ circe جھڙي سونھن' ۽ 'سڳنڌ' رکندڙ سندس راڻيون ۽ مھاراڻيون ھرڻين جيان چال پريندڙ رھنديون ھيون ۽ ان کان علاوہ ست سو جي لڳ ڀڳ ڪامڻين جھڙيون منديندڙ ڪنيزون سندس اک جي اشاري تي ھر 'عمل' ڪرڻ لاءِ ھڪيون تڪيون منتظر ھونديون ھيون. تاريخ جي 'بي تاريخي' دور جو اھو جرڪندڙ منظرنامو جيڪڏھن ويدڪ سمئي جي اندر پوري واري 'اگن لگن ۽ مگن' جي ڪُلئي واري لقاءُ کان وڌيڪ ڪونہ ھو تہ گھٽ بہ نہ ھو.

بادشاھہ سليمان جي شھزوري ۽ سوين جو سَتُ سندس امر واٽي 'غزل الغزلات' جي تخليقي جوھر ۾ پسي من ۽ تن جو مڪمل آنند پرائي سگھجي ٿو. پر، جڏھن جڏھن بي قياس 'وقت' ۽ بي ترس وڌندڙ 'عمر' جون لاڳيتون ڪاھون شروع ٿي ويون. بقول شاعر، ھڪ بادشاھہ رڻ پٽي عبادتگاھہ جي ھڪ ڪنڊ وسائي، ۽ ٻيو بادشاھہ ٻيءَ ڪنڊ ڀيڙو ٿيو ھو،

King David and King Solomon led merry, merry lives,

With many, many lady friends and many, many wives,

But when old age crept over them, with many, many qualms,

King solomen wrote proverbs and king david wrote the psalms.

راجا اندر جو ٻيو جنم اٽلي جي 'نئين روشني' (renaissance) واري دور ۾ ڪيسونوا (Cassonova) جي روپ ۾ ٿيو ھو. ڪيسونووا تاريخ جي پنن تي ھڪ نامور راڄنيتڪار، مھان ساھتيہ پريمي، مشھور ليکڪ ۽ ھڪ عظيم رنگين مزاج ليجنڊري عاشق جي حيثيت سان پنھنجو ڌاڪو ڄمائي چڪو آھي. پنھنجي 'مخصوص زمين' اندر سندس عقل چرخ ڪندڙ ڪاميابيون ۽ سڀئون سڪندري فتوحات کان گھٽيون وزني آھن. ھو عشق جي اجھاڳ ميدان اندر پنھنجي سڀني حواسن کي يڪجا ڪري 'من توشدي تو من شدي' جي مقولي جي پاسداري عبادت جيان ڪندو ھو. ھڪ ڀيري مشھور نازڪ ۽ گل اندام، ناز نخري واري، انگريزي وئشيا ڪٽي فشر جي ساءُ سڳنڌ ۽ سونھري سرير منجھان ان ڪارڻ لطف ۽ سواد ڪين ماڻي سگھيو ھو جو ھوءَ اطالوي زبان کان اڻ واقف ھئي.

ان کان پوءِ پنھنجي 'ازلي باھہ' کي ڪجھہ وڌيڪ جھڪو ڪرڻ خاطر اندر مھراج اٺويھين صدي اندر جڳ پر سڌ شاعر لارڊ بائرين جي روپ ۾ پڌرو ٿيو ھو. بائرن جا محبت ناما ۽ سندس نثري تخليقون ادب جي دنيا جو عظيم خزانو ۽ ورثو ڄاتيون وڃن ٿيون. پر، سندس 'عشقيہ شاعري' ادب جي افق تي اھي امر ۽ ٻھڪندڙ نقش چٽيا آھن جيڪي سدائين تارن جيان ٻھ ٻھ ڪندا رھندا.

بائرن جي خاص خصوصيت انگلئنڊ ۽ اٽلي جي جل پرين جھڙين حسين نازنين جي جھرمٽ ۾ سدائين موجودگي ۾ پوشيده ھوندي ھئي، ان موجودگي اندر نہ ٿڪاوٽ جو احساس ھوندو ھو، نہ ئي تن من چليندڙ اڪيلائپ جو روڳ، ۽ نہ وري ويران ۽ سنسان دلي جو پؤ يا اُلڪو! چيو ويندو ھو تہ شايد ئي ڪا بدنصيب شاھي گھراڻي جي حسينا ھوندي جيڪا 'يار جي گرم پاڪر' کان محروم رھجي وئي ھوندي. سندس ذات شخصيت اندر جڻ ڪو وڪڙ ڪائيندڙ الو، اُپ ڏانھن تيزي سان اُٿندڙ باھہ، ۽ سدائين دڪندڙ ٽانڊو پوشيده ھوندو ھو.

ان کان پوءِ ويھين صدي ۾ راجا اندر ھڪ ٻئي شاھي گھراڻي اندر اکيون کوليون ھيون. ان مھل ڪيس پرنس علي خان جي ڄاتل سڃاتل نالي سان ڄاتو ويندو ھو. علي خان اسماعيلي فرقي جي ھڪ روحاني پيشوا طور سڃاڻپ رکندو ھو. پر، جسم جي ظاھر ۽ خفيف لاھن چاڙھن، نانگ جھڙن وڙن وڪڙن ۽ ان جي زير زبر ۽ پيش کان جيڏو ھيءُ جينئس پلي بواءِ آگاھہ ھو ٻيو ڪو شايد ئي ساڻس برميچي سگھڻ جو دعويدار ھو. اُن دور ۽ عھد جي ڪابہ خوبصورت رمڻي، حسينہ عالم، ميڊيا يا فلمي دنيا جون محبوب جادو گرڻيون ھن گڙنگ شڪاري جي ڄار کان بچي ڪين سگھيون ھيون. سندس منفرد ۽ لپائيندڙ شخصيت اندر عجب جادو ڪشش طوفان تغير ۽ ڪُنَ جھڙي ڪيفيت ھوندي ھئي. جنھن بہ ڪامڻيءَ ان ۾ ٽٻي ڏني يا گُت ھنئين اُھا جڻ ان اندر سمائجي سرشار ٿي مُڪتي (Nirvana) جي پد تي پھچي وئي.

ھينئر ھن ڪلجڳي زماني ۾ جنھن اندر اسان سڀئي ساھہ کڻڻ تي مجبور آھيون، راجا اندر پنھنجي 'پوتر آتما' ھڪ نئين طبقي جي نئين منش اندر سمائي آھي. سڀني

جهونن نڪتن انسٽن ويچارن ۽ ڪُلين ڪي اورانگهيندي هُن شاهي گهراڻن، راجائي خاندانن ڪي هڪ پاسي ڪري هڪ غريب ۽ هيٺئين وچولي طبقي جي فرد ۽ ڪٽنب ڪي پنهنجي آستان جو مان ۽ عزت بخشي آهي.

ويهين صدي جي ڇهين ڏهائي ۾ ڪوئٽا شهر اندر هُن هڪ غريب گهراڻي جي نادرا ۽ بيوس ٻالڪ 'بودلڪ پاڪستاني' جي ذات اندر داخل ٿي اڪ ڪولي هئي. پيدائش مهل هو 'ڪُنتي' جي پٽ 'ڪرڻ' جيان بدن تي زره ۽ ڪنن ۾ ڪُندل پهري ڪونہ ڄائو هو. بلڪ هيءُ ٻالڪ ٻالڪپڻ کان جواني تائين نہ ڌرمي هو، ۽ نہ ئي ڪرمي. اهوئي سبب هو جو سندس هڪ اک اندر 'ڪيوپڊ' جو آستان هو ۽ ٻي اک ۾ 'رَتِي' جي پتي 'ڪام ديو' ديرو دمايو هو. ساڳي ريت جيئن عام ماڻهن جي ڪلهن تي ٻہ فرشتا براجمان هوندا آهن پر، ان رواج جي برعڪس سندس ساڄي ڪلهي تي 'ڊائني سس' (Dionysus) ۽ کاٻي تي 'سوم ديوتا' (Soma) براجمان هئا. اهو منظر ڪنهن چمتڪار کان گهٽ ڪين هو. ان اڇرجدائڪ حالت ڪي ستي تي ستو، نوَلي تي ڏهو يا ٻہ آتشي جي نانءُ سان ٻہ پيٺي سگهجي ٿو.

ڇيو ويو تہ جنهن مهل بودلڪ پاڪستاني دنيا اندر قدم ڌريو هو تہ سمورو آسمان گهاٽن ڪارن ڪڪرن جي ور چڙهي ويو هو. پهرين هلڪي ۽ پوءِ تيز بارش شروع ٿي وئي هئي. موسم دلڪش گلابي ۽ ڪاراڻ مائل پوشاڪ اوڍي ورتي هئي. ماحول تي ڄڻ هلڪي سنگيت ۽ بعد ۾ پڪي راڳ ۽ راڳڻين قبضو ڄمايو هو. ۽ ان روماني فضا اندر نئين ڄاول ٻالڪ جي سڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر ڪي نڪ جي ساڄي ناس اندر گُتل ۽ کاٻي هٿ جي مٺ اندر پنهنجي 'عبرت' ڪي زور سان پڪڙيل ڏنو ويو هو. جوتشين سندس جنم ڪنڊلي (ٽپڻو) ڏسي، حيرت جو اظهار ڪندي ماڻهن ڪي زور شور سان تلقين ڪئي هئي تہ هو 'نرينہ' نرُ اولاد پيدا ڪرڻ لاءِ يگيہ، پرارٿنائون ۽ صدقہ ڪرائين. هنن پنهنجي باطن جي اک سان راجا اندر جي طوفان برپا ڪندڙ آتما ڪي هن ٻالڪ جي ذات ۾ 'ڳاڙهين اکين' سان ويٺل ڏٺو هو. بيشمار ماڻهو پراچين يگن اندر ڪنس ۽ فرعون جي نرڏئيتا ڪي سارينديءَ پرڏيهہ ۾ وڃي وسيا هئا.

جواني جي چائنٺ تي قدم رکندي ئي بودلڪ پاڪستاني پنهنجي جوالا مکي جهڙي تيز ۽ گجندڙ وهڪ جا نِت نوان پرڪار ۽ آثار ڏيکارڻ شروع ڪري ڏنا. ڇا غريب ڇا امير، ڇا راجا ڇا رنڪ ڪنهن جو گهر بہ سندس 'مڪڙين ۽ گلن' ميڙڻ جي عادت کان محفوظ ڪين رهي سگهيو هو.

جعفر خان اڇڪزئي چواڻي 'سندس حيرت انگيز اُسريل 'عبرت' جي ديدار ۽ درشن لاءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ياترين جا انبوهہ ايندا رهيا ۽ ڪنواري ڪنيائن جا من گانئون مانئون ٿيندي ڏٺا ويا هئا.'

هن وڏيڪ چيو، 'بودلڪ پاڪستانيءَ جمنا اسٽڪ جي ميدان اندر جيڪو نانءُ ۽ ناماچار حاصل ڪيو آهي اهو اڄ جي نوجوان ٿهي لاءِ رشڪ بلڪ اير ڪا جو سبب بڻيل آهي. ۽ سندس سڀئي اڳوڻا پيش روجهڙوڪ ڪيسونوا، لارڊ بائرن، يان جون، پرنس علي خان، مهاراجا ڀوپيندر سنگهہ آف پٽيالا، موپسان، فرئنڪ هيرس وغيره بہ پنهنجي پنهنجي قبرن اندر ٽڏا ساهہ پريندا ۽ حسرت مان پاسا بدلائيندا رهن ٿا.'

مون ڪي بودلڪ پاڪستاني جي هڪ ادا ۽ طرز ڏاڍي وڻندي اٿم ۽ اها آهي سندس منفرد اندازِ گفتگو! ڳالهہ ٻولهہ مهل هو آهستي ۽ چاندي جي رپئي جهڙي ڪڙڪندڙ لهجي واري مرڪب ۾ رڪجندي ڳالهائيندو آهي. ڪجهہ شبدن ۽ جملن ڪي ايئن ورجائيندو آهي ڄڻ ڪنهن پوَتر منتر جو جاپ ڪندو هجي. سندس انداز پئسينجر ٽرين جهڙو هوندو آهي. هر ننڍي اسٽيشن تي Pauses واري نوع ۾ ويهڻ لازمي امر هوندو آهي. جنڪشن تي ويهڻ بعد يگ گذري ويندا آهن ۽ ڪڏهن ڪا ڳالهہ مڪمل ڪونہ ٿي سگهندي آهي ۽ هوريان هوريان وقت پورو ٿي ختم ٿيو وڃي. عام طور سڀئي ماڻهو سندس آستان تان 'اڻ ڇوٽي ۽ اڻ ٻڌي' واري حالت ۾ مايوس ٿي واپس موٽندا آهن. پر، ان جي ابتڙ، مخالف 'نفيس' جنس ان ڏکهي خداداد 'stop' ۽ 'سمئي جي ٺهراءُ' جي 'طلسماتي گهڙين' ڪي پنهنجي تن من جي اوڏو رکندي املهہ سمجهنديون آهن.

جيڪڏهن ڪوئي ساڻس ملاقات لاءِ اُتاولو ۽ مشتاق هجي تہ ڪيس جڳائي تہ نماشام جي پرن تي سوار جهڪي روشني ۾ سيٽلائٽ ٽائون جي سنسان سڙڪن تي ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر ڪي نڪ جي ساڄي ناس ۾ گتل ۽ کاٻي هٿ جي مٺ ۾ پيڪوڙيل 'عبرت' پڪڙيندي ڪنهن ماهر رانديگر جيان پسار ڪندڙ 'وحدة لاشريڪ' جهڙي انسان ڪي فرشي سلام ڪندي ملي سگهي ٿو. ۽ صرف اهوئي سندس خوابن جو شهزادو 'بودلڪ پاڪستاني' هوندو. ان کان پوءِ ملڻ جو جتن ڪرڻ 'ڪرڪري نما' جنس لاءِ 'منع ٿيل ميوي' جهڙي حيثيت جو حامل بڻجي ويندو.

هڪ ڏهاڙي پسار ڪرڻ دوران مون ڊڄندي ڊڄندي ڪانئس پڇيو هو، 'محترم بودلڪ، گلن ۽ مڪڙين سان تنهنجي ڪيچل، موج مستي، پنهنجون ڪٿائون، جڳ جا داستان اوريندي تون ڊاپيئي ڪونہ ٿو بلڪ هينئر تہ سمورن باغن ڪي بہ چانگڻ شروع ڪري ڏنو اٿيئي، تنهنجون اهڙيون حرڪتون تنهنجي ضمير تي ڪهڙو گڏيل تاثر ڇڏين ٿيون؟ جيڪڏهن ناراض نہ ٿيئين تہ ٻڌايانءِ تہ اندر پوري جي زماني کان وٺي هن ڪلجڳ جي دور تائين اسان جون ڪجهہ آفاقي روايتون ۽ قدر نهايت اهم حيثيت ماڻيندا رهيا آهن جهڙوڪ وچن پالڻ، سچائي سان اڻ ٽٽ ناتو، منافقت سان نفرت، نيڪي جي اصول وسيلي زندگي ۾ بهار ۽ خوشبو پيدا ڪرڻ وغيره. توهين پنهنجي 'گل رسي' ۽ 'مڪڙي ٻنڌڻ' واري فطري ڪوج ۽ عادت سبب پنهنجي ڪرمن جي محور کان گهڻو پري هليا ويا آهيو. ڇا ان ناڪاري ڪرمي چڪر جي پنجوڙ ۾ ٻوسٽ ۽ ڪوڙاڻ جو احساس ڪونہ ٿيندو اٿوَ؟' اهو ٻڌندي ئي وڏو ٺهڪ ڏيندي ورندي ڏنائين.

"منهنجا مٺا، مان ڪو 'عام ماڻهو' ڪونہ آهيان. اهي سڀئي اصول منهنجي نظرن ۾ پنهنجي اهميت وڃائي چڪا آهن. سمئي جي دز ۾ دٻجي ويا آهن. صرف اهو اصول امرتا ماڻي ٿو جيڪو منهنجي نانءُ جي علامت آهي. جيڪڏهن منهنجو وس پڄي تہ پيرسني کان اڳ هر مڪڙي ڪي گل بڻجڻ کان اڳ ۾ ئي سندس 'رس' پي وڃان، ۽ پوءِ ڪيس پن پن ڪري مهٽي هوا ۾ پکيڙي ڇڏيان."

هينئر ياد آيو اٿم تہ راجا اندر پنهنجي 'آرنيپي جنم' کان اڳ فلسطين ملڪ جي سينائي برپٽ جي ٻن جاڙن شهرن، جيڪي تاريخ جي دور کان اڳ قائم هوندا هئا يعني 'سدوم' ۽ 'گهمراح' اندر 'بي نامي' واري حالت ۾ بہ اک کولي هئي. ان حقيقت کان سڀئي ٻني بشر آگاهہ هوندا تہ خداوند 'يهودا' جو محبوب پيغمبر حضرت لوط بہ انهن ئي شهرن جو رهاڪو هوندو هو. پر، راجا اندر کي انهن شهرن ۾ ڪا خاطر خواهہ ڪاميابي حاصل ڪونہ ٿي سگهي ٿئي ۽ ائين ٿي پاسيو ڄڻ سندس آمد misfire ٿي وئي هئي. دراصل انهن شهرن جي رهواسين ڪي ڪو 'غير فطري' مرض وڪوڙي ويو هو ۽ انڪري هو صرف پنهنجي نرينہ (نر) اولاد ڪي 'جيئدان' بخشيندا هئا. خداوند 'يهودا' حضرت لوط ذريعي منجهن سڌاري آڻڻ جا انيڪ جتن ڪيا پر هو سڀئي سُڪي ڪاٺي جيان سخت ۽ بي لچڪ رهيا، انڪري خداوند 'يهودا' ڪروڌ ۾ ڀرجي انهن ٻنهي سندر ناليري شهرن ڪي نيست نابود ڪري ڇڏيو هو. پر، راجا اندر ان 'بي نامي' واري حالت ۾ ئي خداوند جي منشا ڀانپي ورتي هئي ۽ ان تباهي اچڻ کان اڳ ئي پنهنجي 'وَسِلا' سنياريندي انتر ڌيان ٿي ويو.

هتڙي ياد اچيم پيو ۽ سيني ساڄا هوندن ڪي بہ سُڌِ هوندي تہ مهاتما ٻڌ جي تخم ريزي کان حضرت عيسيٰ بہ ضرور متاثر ٿيو هوندو پر، ڪڏهن ۽ ڪٿي؟ ۽ اها بہ ڄاڻ اٿئون تہ حضرت عيسيٰ جي ٻوندِ سنت فرانسس آف اسيسي اندر بہ ضرور پرويش ڪري داخل ٿي هوندي پر، ڪڏهن ۽ ڪٿي؟ ۽ ان کان پوءِ اسانجي پنهنجي يگ ۾ بہ سنت فرانسس آف اسيس جو ٻج البرٽ شويٽزر جي ذات ۾ ضرور داخل ٿيو هوندو پر ڪڏهن ۽ ڪٿي؟ ۽ ساڳي ريت راجا اندر ۽ بودلڪ پاڪستاني جي قلم ريزي جو 'ڪرم' بہ ظهور ۾ آيو هو. هتي 'ڪڏهن' ۽ 'ڪٿي' جا سوال ڪک پن بڻجي ڪافور ٿي ويا هئا ڇو جو اهو اڻ وسهندڙ لقاءُ اسانجي گناهہ گار اکين آڏو رونما ٿيو هو.

مٿيان خيال نڪتا ۽ يادون انڪري آيون هئم جو بودلڪ جنڪشني Pause ۾ مستغرق هو. هينئر ٿيءَ مان نڪرندي ڳالهہ جاري رکندي چيائين، 'مان دنيا ڪي پنهنجي تخليق ۾ ڏسڻ چاهيندو آهيان ۽ اها 'قديم عادت' اٿم. مون کان ٻاهر ڪجهہ ڪونهي ڇو جو مون منجهہ 'ڪرڻ' جي شڪتي ڇلڪي ٿي. ۽ ازل کان بہ ائين ئي هلندو پيو اچي. مقدر ڪنهن بہ وضاحت جو محتاج ڪونهي.

هيءُ جو تون ڌرم اخلاقيات اصول سچائي يا وچن جي پالنا جو ورجاءُ ڪندو ٿو رهين اهي سڀ ڪوڪليون ۽ بي بنياد ڳالهيون آهن، اهي بيڪار بزدل ۽ بي دماغ ماڻهن جي آئت لاءِ تہ درست ٿي سگهن ٿيون. پر، مون جهڙي ڪُرمي ديوتائي انسانن' لاءِ انهن ڪي ڪا اهميت ۽ ڏور جو واسطو بہ ڪونهي. هن وقت جيڪو ڪجهہ ڪريان ٿو اهو مقدر جي امانت آهي، ۽ ان جي پوئواري مون مٿان لازم آهي. ۽ بس." *(هلندڙ)*

سالگره مبارڪ

سنڌي ادبي سنگت جي متحرڪ ۽ فعال شخصيتن ۽ سوجهرو ساٿين، مشتاق بخاري، اسحاق انصاري، ڊاڪٽر جبار خٽڪ، خليل عارف سومرو، جاويد ساغر، علي محمد سولنگي ۽ نومبر مهيني ۾ جنم وٺندڙ سمورن شاعرن، اديبن، پڙهندڙن ۽ فيسبوڪ جي دوستن ڪي جنم ڏينهن جون مبارڪون.

-ادارو

زهر جو ڍُڪ...

پرويز

”رسولا او رسولا.“ گُل وزيران گهٽي هيج ۽ چاهه مان رسولي جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

”او جيءُ چُئانءِ منهنجي منڙي. ڪُجاڙو ٿي چوئين منهنجي راڻي؟“ رسولي گُل وزيران کي پنهنجي ٻَکن ۾ وڌيڪ پڪوڙيندي ۽ سندس اکين ۾ اکيون ڏيئي وراڻيو.

”چوان ٿي ته جي مڙسي ڪرڻي اٿئي ته هاڻ دير نه ڪر. هيءَ مهل اٿئي جي هيءَ ويل ٽري ويئي ته پوءِ ڇڙو افسوس ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه ملندءِ.“

”پر جانيئڙي، تڪڙ ڪهڙي آهي. تون مون سين سچي ۽ آئون توسين. پوءِ ڊپ ڪيڙو؟“

”ها، ايئن ته برابر آهي. پر هيئن لڪي ڇپي ٻه ڪيترو وقت ملي سگهبو. خبر اٿئي ته هينئر جا ڪُتڻ لارين ڪان به تکا آهن. سوجي ڪنهن اوچتو پاڻ کي ڏسي ورتو ته پوءِ پنهنجو ڪهڙو حشر ٿيندو. اُن ڳالهه تي به ڪڏهن سوچيو اٿئي، رسولا.“

”سوچيندا ڊڄڻا ماڻهو آهن گل وزيران. ڏسان ته ڪيڙو تو جوءِ جو... مون کي اڳيان اچي! اصل ٻَر گهلَ ڪدي ڳِترا ڳِترا نه ڪريانس ته مون کي چُوج.“ رسولي پنهنجي مُڇين کي تاءُ ڏيندي چيو.

”تنهنجي انهيءَ بهادريءَ ته مون کي تنهنجو ديوانو بنايو آهي. تڏهن ته گهران نڪري 50 ڪلوميٽر سفر ڪري اچي هتي تو وٽ پهچندي آهيان. نه ته هونئن ڪير ٿو اکين ڏٺي موت کي دعوت ڏي.“ گل وزيران رسولي جي صحتمند ۽ پُرجوش ياکر مان ڪَرَ ڪڍي، سندس ڪنڌ ۾ ٻانهون وجهي ڇهري کي ٿورو هيٺ ڪري پنهنجا سُرخي لڳل پرتُو چپ هُن جي سگريٽ هاڻن چپن تي رکيا. ڪيس رسولي جون وڏيون مُڇون ڊسٽرب ڪرڻ لڳيون، خوشيءَ گاڏڙ خفگيءَ جو اظهار ڪندي چيائين،

”اونهون، تون پلا هنن کي هلڪو ته ڪرائي ڇڏ. ڏس ته سهي، رڳو سولا چپ چمڻ به نٿيون ڏين، چريا ماڻهو.“

”اڄ پئي چوئين ته مُڇون ڪوڙائي ڇڏيان. وري سُپاڙي چُونديئين ته وڏي سُٿڻ لاهي، پاجامون پائي. پرينهن چُنديئين ته پٽڪو نه ٻڌ. ۽ اَرينهن چُونديئين ته مرڳو زنانا ڪپڙا پائي. اِجَ نه؟ ٻيلي، اهي تون جا انگل آرا مون کان ڪونه پورا ٿي سگهندا. آئون جيڙو آهيان، تيڙوئي رهندس، پوءِ جي وڻان ني ته ڪٽي ڇُئيم، جي نه وڻان ني ته آئون ايڙو ئي چڱو آهيان.“ رسولي گُل وزيران کي وڌيڪ زور ڏيئي ياکرن ۾ سوڙهو ڪيو. ۽ سندس منهن ۾ نهاري مُشڪڻ لڳو. هوءَ به مرڪي پيئي. ٻنهي جي مرڪڻ سان فضا مهڪڻ لڳي.

”ٿورا ياکر ڍرا ته ڪر. مرڳو گُهٽي ساهه ٿو ڪڍيم. ڊپ اٿئي ڇا ته ڪيڏانهن هلي ويندي جو ايڏا قابو ٻڪ وڌا اٿئي؟“

”ڍؤ نٿو ٿئيم تو مان چري. ڀانيان ته ڪر سچي جو سچو ڳيهي وڃان ني. ڀانيان ته ڪر توکي ٻيو ڪير به نه ڏسي. ڀانيان ته ڪر پانجو سينو چيري توکي مون جي دل جي اندرين ڪوٺيءَ ۾ لڪائي وهاري ڇڏيان، جتي ٻيو ڪير ماڙهو پيڙُو ته نهيو، پر آئون به توکي ڏسي نه سگهان. متان نه توکي مون جوئي نظر لڳي پوئي. باقي جا تو ڳال ڪئي ڪيڏانهن وڃڻ جي، سو جي سچي پچي تون جي آسمان تي به هلي وڃين، جان (يا) سمونڊ ۾ لهي وڃين، ته به توکي ڳولي لهندس. اهو تون سوچڻ ئي ڇڏي ڏي ته مون کان سواءِ تون ڪيڏانهن وڃي به سگهين ٿي!! آئون رت جي دريا مان به اُڪري هٽ ڪندس. باهه جي اوڙاهه مان ٽپي به توکي پانجو ڪندس. تون مون جي آهئين. رڳو مون جي. جي ٻئي ڪنهن رڳو تو ڏانهن اک کڻي نهاريو ته اُها اک ڪدي ڪانگن کي ڏيندس گل وزيران، توکان موت به مون کي ڌار نٿو ڪري سگهي. اِها ڳالهه ڳِنڍ ۾ ٻڌي ڇڏ گل وزيران، سمجهئِ.“

”تنهنجي انهيءَ پروسي تي ته ڪوٽن جا ڪنگرا ڪيرائي، محل ماڙيون لتاڙي تو تائين پهچندي آهيان. تو ۾ ايترو ويساهه نه هجيم ها ته ڪيئن ڪَرَ سِرِ ترِيءَ تي رکي گهرجي چانئٺ ٽپان ها. تڏهن ته توکي چوان ٿي ته جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو جلد بندوبست ڪري وٺ ته جيئن پاڻ هيءَ خوف، هراس ۽ بي يقينيءَ واري دنيا ڇڏي، ڪنهن اهڙي جهان ۾ هلي آباد ٿيون. جتي نه توکي پوليس جو ڊپ هجي ۽ نه وري آئون ڪوٺن ۾ بند هجان. جن تان سڄو ڏينهن نر پکي پيو هڪلجي.“ گل وزيران رسولي جي ڇاتيءَ جي نينڍڙن وارن ۾ پنهنجي خوبصورت هٿ جي ڊگهيرڙين آڱرين سان ڦٽي ڪندي چيو.

”ها گل وزيران، هاڻ آئون پاڻ ڏسان پيو ته گهڻي دير توکان ڌار رهي نٿو سگهان. الاجي ڪيڙو جادو ڪيو ائيني، جان کي تاويز (تعويذ) ڪرايا ائيني، جو مرڳو توکان سواءِ هڪڙو ملٽ به رهيو نٿو سگهان. سچ پڇين ته اها ڳال آهي.“ رسولي گل وزيران جو ڳاڙهي صوف جهڙو ملوڪڙو ڳِل چُوسيندي چيو.

”ها، ٻي به ڳالهه ٻڌي اٿم ته چاچا وارا بابا سان ٺاهه جون ڪوششون پيا ڪن. گهڻو ڪري ته اهو ٺاهه ڪونه ٿي سگهندو، چو ته بابا جي ضد جي ته خبر اٿئي. پر ٻڌو اٿم ته چاچا وارا هن ڀيري وڏا ڪي سياسي ماڻهو ميڙ ڪري وٺي ايندا پرچاءُ ڪرائڻ. سو متان بابا انهن کي موٽائي نه سگهي. ۽ جي ايئن ٺاهه ٿي تو وڃي ته پوءِ مون کي وري به سؤٽ سان ڦاسائيندا، جو منهنجي ڳالهه ڪڏهوڪي سؤٽ سان ٿيل آهي. ۽ اهو به ٻڌي ڇڏ ته جيڪڏهن تون ڪو بندوبست ڪري نه سگهيس ته پوءِ سؤٽ ڪان بچڻ لاءِ مون وٽ ٻيو ڪا واهه ڪانهي، سواءِ پنهنجي زندگي ختم ڪرڻ جي. ڇو ته اسان جي وڏ گهراڻن جا وڏيرا مرد پنهنجي ڳالهه تي هلندا آهن. عورت جي ڳالهه ڪانه ٻڌبي آهي.“ گل وزيران خدشو ظاهر ڪيو.

”ها گل وزيران، اها سُٽِسَ مون کي به ڪن تي پئي آهي. پر تون ڪو ڦِڪر نه ڪر. توکي چئيم نه ته رت جو دريا جهاڳي به توکي هٿ ڪندس. پوءِ ڀلي تون جو سؤٽ، چاچو، جاِن خود پٺهين به جي اسان جي گس ۾ آڏو آيو ته ڦُوندا ڦُوندا ٿي ويندو. بابهين جي ئي چوڻ تي ڪيترا ماريا اَهنم ۽ ڪيترا گهر ڦُريا، لُٽيا ۽ اجاڙيا اَهنم، سا ته ان کي به ڪبر آهي نه! ۽ بابهين کي اِها به ڪبر آهي ته ڌاڙيل ڪيڙا چڱا مڙس ٿيندا آهين. ۽ اها به ڪبر آهيس ته آئون پاڻ ڪيڙو چڱو مڙس آهيان.“

”جڏهن اِها سموري ڄاڻ رکين ٿو، پوءِ به هِن گندي ڏنڌي مان پنهنجا هٿ آجا ڇو نٿو ڪرين؟ هي وڏيرا ته بس تيستائين ٻَڄَ ڪندا رهندا، جيستائين سندن مقصد پيا پورا ٿيندا. جڏهن هڪ ڀيرو به سندن منشا پوري نٿي ته خود اُهي پاڻ هٿ وٺي پوليس کي چئي پوليس انڪائونٽر ۾ مارائي ڇڏيندا آهن. تنهن ڪري تون سست نه ٿي. جيستائين اهڙي ڪا نوبت اچي، تيستائين يا تنهن کان اڳ ئي پاڻ هتان نڪري هلون.“ گل وزيران رسولي کي تاڪيد ڪندي چيو.

”توکي چئيم نه گل وزيران، ته هاڻ توکان پري هڪڙو سيڪنڊ به رهيو نٿو سگهان. توکان جهجهي تڪڙ ته مون کي آهي. پر بس، هڪڙو آکري داءُ وڌيري رکايو آهي. ان ۾ مڙيئي جهجهي مال جو آسرو آهي. پڪي ڪبر ملي آهي ته رڳو سون جون به ديڳيون ڀريون پيون آهن. پئسو ڏوڪڙ ته اجا جدا آهي. بس رڳو وڃڻ جي دير آهي. هڪڙو تون ڪلي خوش ٿي موڪل ڏي گل وزيران، ته ٻيڙا پار ٿي وڃن.“ رسولي هڪ ڀيرو وري گل وزيران کي چمندي چيو.

”آئون توکي ڪيئن ڪلي خوش ٿي موڪل ڏينديس ته وڃي ڪنهن بي گناهه ماڻهوءَ جي ڀينگ ڪر. چريو ٿيو آهين ڇا؟ آئون ته توکي ڀهرئين ڏينهن کان وٺي پئي منع ڪريان ته هي ڌاڙا ڦرون بند ڪر. اهي ٻڇ تي وڙهڻ وارا ڌنڌا ڇڏي شرافت واري زندگي گذارڻ جي شروعات ڪر. پر تون ڪو مڃڻ وارو آهين. هيءَ ندوري دل به ڏسو ته سهي، ڪهڙي ڌاڙيل سان وڃي ڦاٿي آهي.“ گل وزيران ماٺو ڪيو ۽ رسولي گل وزيران جي سيني تي دل واري جاءِ تي وڏي چُمي ڏيئي چيو،

”گل وزيران، گل وزيران ڌاڙيلن کي به ماڙهن واري ساڳي دل هوندي آهي. ڌاڙيلن جي دلين ۾ به پيار، محبت، قرب ۽ پانئڻ چتائڻ هوندو آهي. ڌاڙيل ڪي ماءُ جي پيٽان ڌاڙيل ٿي ڪونه ڄمندا آهن. سيني ٻارڙن وانگر ڌاڙيل به معصومڙا، ملوڪڙا، نرم نازڪ ڪپاهه جي پوٽين جيڙا ڄمندا آهن. پوءِ حالتون ايڙيون ٿينديون آهن، جو ڪي ٻارَ اسڪولن ۾ پڙهي ماڙهو بنجي ويندا آهن. ته ڪي ٻار وري ماڙهوءَ جي ٻچن مان ڦري مروءَ جا ٻَلَرَ ٿي پُوندا آهن. سڀ ڪنهن جو پانجو پانجو نصيب هوندو آهي. امان جيجل چوندي هئي، ’آئون عرسن واري سڳوري مهيني جي 12 تاريخ تي ڄائو هوس. تنهن ڪري امان ۽ بابا پانجي حضور سائين رسول ڪريم ﷺ سان بي پناهه عقيدت جي اظهار طور مون

تي رسول بخش نالو رکيو. هنن کي دل ۾ الاهي اميدون هيون ته آئون پ سچو پچو مسلمان ٿي رسو ڪريم ﷺ جي حڪمن جي پيروي ڪري هڪڙو نيڪ نمازي ۽ ايماندار ماڻهو ٿي، پانجي حق حلال جي روزي روٽي ڪمائي ڪائيندس ۽ ٻين ماڻهن لاءِ پ مثال ٿيندس. پر ٿيس وري ڇا؟ رسولو ڏاڙيل. هونهن!! اجان 12-13 سالن جو مس هوس ۽ اٺين ڪلاس جو امتحان پئي ڏنم. امتحان جي پيپرن دوران ئي ڳوٺ جي سريال جي ڪريل پٽ سان ٻُوٿَ ماري ٿي پئي. وڙهي پياسين. هٿين پئجي وياسين. جيستائين ٻيا ڇوڪرا وچ ۾ پئي اسان کي ڇڏائين، تيستائين ٺڪاءُ تو ڪرايانس ٻُوٿَ واري مُڪَ. آئون ڪانئس زورائتو هوس، سو مُڪَ پ ايڙي هنئي مانس جو نڪ مان رت ٽيندبيون ڪري وهڻ لڳوس. بس پوءِ ڇا هو؟ مون وارو امتحان اُتي ئي ڇُٽو. اُن ڏينهن ئي وڏيري مون کي هڪڙي ڇيلي جي چوريءَ ۾ مرڳو چالان ڪرائي ڇڏيو. چيائين، هِجَرَ ئي هي ڇورو پيو اسان جي سامهون ٿئي، سو اجا جي گهڻو پڙهيو ته مرڳو منجهانئس ڦاسي پُونداسين."

"بابا گهڻي ڊُڪ ڊوڙ ڪئي. چڱن مڙن کي منٿون ڪيائين. وڏيري ڪان پيرن تي پٽڪو رکي معافي گهريائين. پر ٻيو مڙيئي ٿيو ڪئر. جج کي پئسا ڏيئي 6 مهينا سزا ڏياري ڇڏيائين. جيل ۾ جيڪي مون سان عقوبتون ٿيون، سي توکي ٻڌائڻ جيڙيون ئي ڪونهن. ڇهن مهينن ڪان پوءِ ٻاهر نڪتس. پر جيڙو نڪتس تيڙو نه. روز ٻئي ڏينهن مون جي لاءِ ڪونه ڪو نئون ڏچو ٺهيو پيو هوندو هو.

"روز پوليس گهر تي بيٺي هوندي هئي. پلي آئون گهر ڪان پير ب ٻاهر نه ڪيان، پر پوليس ٿاڻي تي فرياد داخل ڪندي هئي ته اڄ هن فلاڻي جي ٻڪري ڪاهي وڪڻي ڇڏي. اڄ فلاڻي جو گابو چورائي ويو. اڄ فلاڻي جي ڪري مان اَنِ ڪٽي ويو. ڪوڙا فريادي، ڪوڙا شاهد ۽ ڪوڙا مُشير. رشوت ڏيو مون کي سزا ڏياريو، مڙس مُڇ وٽيندو پيو هلندو هو. نه داد نه ڪو فرياد ۽ آئون هوس جو بي گناه بي سبب، ڪڏهن ڇهه مهينا سزا لوڙهيو پيو اچان ته ڪڏهن ڏهه مهينا جيل ڪاٽيو پيو اچان. ته ڪڏهن ته مرڳو بي دريافتو 12 مهينا پيو اندر سڙان. نيٺ هڪڙي ڏينهن حيدرآباد جي سينٽرل جيل ۾ مون سان هڪڙو همراهه مليو. پهرين ملاقات ۾ اسان جي دل ٺهي ويئي پاڻ ۾.

"هن مون کان آهستي آهستي ڪري سمورو سربستو احوال معلوم ڪري ورتو. اِن وچ ۾ پٺيان وڏيري بابا جن کي پنهنجي مهاڳي مان لڏي وڃڻ تي زور ڀريو. بابا جن جي انڪار ڪرڻ تي رات جو گهر کي باهه ڏياري ڇڏيائين. ننڊ ۾ پيل بابا ۽ امان کي باهه وڪوڙي ويئي. هو رڙيون ڪندا جيستائين ٻاهر نڪتا، تيستائين گهڻو سڙي چڪا هئا. ڳوٺ وارن ڦوڙي ڪري بابا جن کي اسپتال پهچايو. پر هو بچي نه سگهيا. ماڻهن ۾ اهو تاثر ڏنو ويو ته گهر کي چُلهه مان باهه لڳي هئي. اهڙي طرح مون کي اجا ب مهينا ڪاٽڻا هئا، تيستائين پٺيان منهنجي دنيا اجڙي ويئي. آئون روئي رڙي ماٺ ڪري رهيس. اُن همراهه جڏهن مون جون ڪبرون ٻڌيون، تڏهن مون کي هڪڙي صلاح ڏنائين. چيائين، 'هاڻ جڏهن تون سزا ڪاٽي آزاد ٿئين ته پوءِ تون پانجي ڳوٺ نه وڃج.'

"ڇو، پانجي ڳوٺ ڇو نه وڃان؟" مون حيرت مان پڇيو.

"هڪڙي ڳالهه ته تون جو هاڻ ڳوٺ ۾ رهيو پ ڇا آهي، جو وڃين سميٽيندين. ٻي ڳال ته وري پ وڏيرو توکي ٻڌرائي ڇڏيندو. وري پ جيل ۾ ايندين. پوءِ ڳوٺ وڃڻ مان ڦائدو پ ڪيڙو؟"

"پر جاني، پانجي ڳوٺ نه وڃان ته ڪيڏانهن وڃان؟ سزا پوري ٿيڻ ڪان پوءِ جيل وارا ته ڪڍي روانو ڪندا ٻاهر. سو وڃي پانجي ڳوٺ ۾ پانجو اپرو سپرو ٺڪاڻو ٺاهبو. پر اين درن تي ڌڪا ته ڪونه پيا جهلبا سڄي عمر؟"

"تون مون ڏانهن هليو اچج."

"پر تون ته هتي ويٺو اَهيئين. ۽ تون جي سزا پ 12 مهينا آهي. مون کي باقي ب مهينا ڪاٽڻا آهن. پوءِ تيستائين آئون ڪيڏانهن وڃان؟" مون ڪانئس حيرت مان پڇيو.

"پلي مون جي سزا ڪيتري پ هجي. پر آئون 15-20 ڏينهن ۾ ضامن تي نڪري ويندس. ۽ اهو پ ٻڌي ڇڏ ته آئون توکي هتان وٺڻ ڪونه ايندس. تون پاڻيهي اچج. ڏسان ته تون واعدي جو ڪيترو پڪو آهين." پوءِ هُن پانجي ڳوٺ ڳام جو سربستو ڏس، ڳس ۽ پتو ٻڌايو. اسانجون روز ڪچهريون ٿينديون هيون. ۽ واقعي هو 15-20 ڏينهن اندر ئي ضمانت تي نڪري ويو. هو هلندي هلندي پ مون کي سندس ڳوٺ اچڻ جي تاڪيد ڪندو پئي ويو. هن جي وڃڻ ڪان پوءِ باقي ڏينهن مون ساڻس ٿيل ڪچهرين تي تمام گهڻو غور ڪيو ۽ سوچيو ويچاريو هو. ٿلهي ليکي هُن جو چوڻ هو ته هيءَ دنيا ۽ دنيا جا ماڻهو اهڙي موڙ تي اچي بيٺا آهن، جو هر ڏاڍو پنهنجي پهچ آهر، پاڻ کان هيٺي تي ڏاڪا ٻڌيو چڙهيو ويٺو آهي. هيءُ دؤر ويچارو ٿي، جان ڳوپ خدا جو ٿي زندگي گذارڻ جو ڪونهي. اڳي ڏاڍي جي لٺ کي ب مٿا هوندا هئا. پر هاڻ ڏاڍي جي لٺ کي چار مٿا ٿي پيا آهن. اڳي ڏاڍو سو گابو هوندو هو. پر هاڻ ڏاڍو گابي بدران هاٿي ٿي پيو آهي. تنهن ڪري شرافت سان پاڻ کي ڪير پ زندگي گذارڻ ڪونه ڏيندو. هاڻي زندگي گذارڻ لاءِ پاڻ کي گابي بدران هاٿي ٿيڻو پوندو ۽ ٻن مٿن واري لٺ بدران چئن مٿن واري لٺ هٿ ۾ ڪڻڻي پُوندي.

"سزا پوري ڪري آئون جيل مان ٻاهر نڪتِس. تيئن سڌو وڃي اُن همراهه جي ڳوٺ ٺڪاءُ ڪيم. ملياسين. حالي احوالي ٿياسين. ڏهه پندرنهن ڏينهن مون کي خوب ڪارائي پياري ڊؤ ڪرائي، مون جي جيل واري بک پڳائين. دل ڪولي ننڊون ڪيم.

'ٽڪ پڳم ۽ ڪچهريون ڪري دل وندرايم. ۽ پوءِ آهستي آهستي مون کي پ ڪم تي چاڙهي ڇڏيائين. ايئن وارداتون ڪندي ڪندي آئون پنهنجي هنر ۾ پڙ ٿيڻ لڳس. آئون هن وٽ گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال ڪن رهيس. اُن وچ ۾ اسان جي ڳوٺ جو وڏيرو، جنهن مون کي اسڪول مان ماڙهو بنجي نڪرڻ ڪان اڳ ۾ ڪڍي، مون کي مِرون بنجڻ تي مجبور ڪيو هو، تنهن سان هٿ هٿ ڪيوسين. اُن وڏيري ۽ سندس اُن پَٽ کي، جنهن سان مون جو جهيڙو ٿيو هو، کي ته ماريوسين پر سندن گهر کي پ باهه ڏيئي ساڙي اچو پٽ ڪري ڇڏيوسين.

"پوءِ هڪڙي ڏينهن، مون جو يار، پاڳين سان مقابلو ٿي پوڻ ڪري، گولي لڳڻ سبب مريو ويو. تڏهن هڪڙو پيرو آئون وري پ هيڪڙو، هوائي توائي ۽ بيوس ٿي پيس. پر پوءِ مون پ دنيا کي گهڻو ٽٽو ڏسي ورتو هو. سو سوچيم ته ٻين جي پٺيان آکر ڪيترو وکت حياتي گذاربي. نيٺ ته پانجن پيرن تي بيهڻو پُوندو. نيٺ ته پانجي چُلهه ٻارڻي پُوندي. پوءِ ڇونه هِجَر ئي ڪا پانجي دُونهي دکائجي. سنگت ساٿ ۽ لاڳاپو ته گهڻو هو. پوءِ ڳولي ڳولي ٻنهه دل وارا چار ڄڻا ٻيا هٿ ڪري، هڪڙو نئون سَلٿ ٺاهي وارداتون ڪرڻ لڳاسين. پانجي بچاءُ لاءِ ته هونئن پ وڏيرن، سريالن ۽ هلندي پڄندي وارن جي مالڪي گهربل هوندي آهي. تنهن ڪري اسان پ اسان جي نئين سفر جي هڪ ڏاڪي تي اچي بابهين جي اوطاق تي پهتاسين. جتي توسان ملاقات ٿي ۽ هاڻ اسين جيڪي پاڻ ڇورَ، ڦورُو ۽ ڏاڙيل ماڙهو، سي وري پانجي دل تونجي هٿان ڦرائي ويچارا ٿيا تون جي پاڪرن ۾ جڪڙيا پيا آهيون. اِهي اٿئي اسانجا حال. هيڏي دِگهارَ ڪرڻ جو مطلب توکي اهو ٻڌائڻو هو ته امان مون کي ڏاڙيل ڪري ڪونه ڄائو هو. پر ڳوٺ جي سريالَ، مون جي معمولي غلطيءَ جي ايڏي وڏي سزا ڏيئي مون جي لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو مون کي مجبوراً ڏاڙيل ٿيڻو پيو. هاڻ جيڙو پ اَهيان تون جي مانڏان اَهيان پيو سارو ڪئر."

"واقعي ڏک جي ڳالهه آهي، رسولا. رسولا، توسان برابر ظلم ٿيو آهي. پر سوال آهي ته توسان ته هڪڙي وڏيري ظلم ۽ زيادتي ڪئي هئي. اُن جي بدلي ۾ تو وري ڪيترن سان ظلم ۽ زيادتيون ڪيون آهن. جنهن توسان غير انساني سلوڪ ڪيو، تنهن کي ته تون سزا ڏيئي چُڪين. پوءِ هاڻي ٻين ماڻهن تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو اجا تائين پيو ماڻهو مارين؟"

"گل وزيران، گل وزيران، مون ڪنهن ب مسڪين، غريب جان (يا) شريف ماڙهوءَ کي ڪونه ماريو آهي، ۽ نه ئي ڪڏهن بي گناهه ماڙهوءَ تي هٿ کنيو آهي. مون ڳولي ڳولي رڳو انهن ظالمن، بدمعاشين ۽ رهزنن کي نشانو بنايو آهي، جن مسڪين مار ڪري، بيگناهه ماڙهن تي ظلم ڪري پانجون تِجوڙيون ڀريون آهن. تنهن ڪري آئون پنهنجي ڪئي تي شرمسار بنهه ڪونه آهيان."

"پر ب هاڻ گهڻو ٿيو. هاڻ اها رت جي راند بند ٿيڻ گهرجي. هاڻ تون رڳو اڪيلو ڪونه آهين. هاڻي ته آئون ب توسان گڏ آهيان. هاڻي توکي منهنجي لاءِ ب سوچڻو پوندو. خدا نه ڪري، جيڪڏهن توکي ڪجهه ٿيو ٿو پوي، ته پوءِ آئون ڪيڏانهن وِينديس. تنهنڪري هاڻي منهنجي صلاح آهي ته تون اُن آخري واردات جو ب انتظار نه ڪر. پاڻ کي پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ بابا جي گهران ب گهڻو ڪجهه ملي سگهي ٿو. پوءِ هرويرو ٻئي پاسي جو خطرو کڻڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ تنهنڪري آئون ته چوان ٿي ته پاڻ اڄ کان ئي تياري شروع ڪري ڇڏيون. تون ڪراچيءَ وڃي ڪنهن محفوظ علائقي ۾ سٺو فليٽ هٿ ڪري اچ ته پاڻ هلي نئين زندگيءَ جي شروعات نئين نموني سان ڪريون. آئينده جي گذر سفر لاءِ ب اُتي پهچي پوءِ سوچينداسين."

"ها، برابر ايئن ب ٿي سگهي ٿو گُل وزيران.. پر مون جون ڪافي جڳهين تي يارن دوستن وٽ امانتون پيل آهن. تن کي هٿ ڪرڻ ۾ پ ڪجهه وکت لڳندو. تيستائين بابهين جي آکري ڦرمائش پ پوري ڪري

وڻان. اُتان پـ چڱو خاصو مال ملڻ جو آسرو آهي. باقي بابهين جي گهران توکي جو کنيو ٿو هلان، سو ٿي گهڻو آهي. ٻي بابهين جي ملڪيت مون کي ڪانـ کپي.“

”پر منهنجي دل گهبرائي پئي. مون کي ڊپ ٿو ٿئي. ڪهڙي خبر تـ انهيءَ واردات ۾ ئي توتي ڪو وار ٿي وڃي تـ پوءِ؟“ گل وزيران فڪرمند ٿيندي خدشو ڏيکاريو.

”گل وزيران، تون ڦڪر نـ ڪر. رسولي تي وار ڪرڻ وارو اڃا ڪنهن ماءُ ڄائو ئي ڪونهي. چڱو هاڻ ڇڏ. انهن جهنجهٽ وارين ڳالهين کي. هاڻ وري ڪي دل خوش ڪرڻ واريون ڳالهيون ڪر تـ ڪو ٽڪ لهي.“ ايئن چئي رسولي وري بـ گل وزيران کي پنهنجي ڀڪن ۾ وڏيڪ سوگهو ڪري سندس ملوڪڙي ڇهري کي چمڻ شروع ڪيو.

*

گل وزيران وڏيري جي نندي ڌيءَ هئي. ۽ رسولو ڌاڙيل وڏيري جي پناهه ۾ رهي وارداتون ڪندو هو. هڪڙي ڀيري اتفاق اهڙو ٿيو جو رسولو ۽ سندس دوست شام ويلي، سج لٿي کان ٿورو اڳ ۾ اوطاق وٽان گاڏيءَ ۾ پئي چڙهيا. ٻيا همراهه چڙهي ويا هئا. پر رسولو اڃا ٻاهر بيٺل هو. شايد ڪيس وڏيري جو انتظار هو. عين اوڏيءَ مهل وڏيري جي حويليءَ مان سندن ديرا نڪري لينڊ ڪروزر گاڏيءَ ۾ ويهي اتان اچي لنگهيا هئا. شايد ڪين ڪنهن دعوت ۾ وڃڻو هو. جيڏي مهل گاڏي آهستي آهستي اوطاق وٽان لنگهي، اوڏيءَ مهل ئي وڏيرو اوطاق مان ٻاهر نڪري آيو هو ۽ رسولي کي نالو وٺي پاڻ ڏانهن سڏيو هئائين. رسولو ڌاڙيل جيڪو ٿيهن ورهن جو جامڙد مڙس هو. ڏاڙهي ڪوڙيل، چڱا خاصا شهپر، ڪاري وڏي شلوار ۽ ڊگهي ڪاري قميض، مٿي تي بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌل. ڳورڙو جوان، جنهن جو مردانو حُسن پري کان ليلاڪا پائي رهيو هو. عجيب اتفاق اهڙو جو گل وزيران، جيڪا گاڏيءَ جي پاسي واري سيٽ تي ويٺل هئي، اُن ڪن پل ۾ نـ رڳو وڏيري طرفان رسولي کي نالو وٺي سڏيندي ٻڌي ورتو. پر رسولي کي بـ ’جي وڏيرا سائين‘ چوندي ۽ وڏيري ڏانهن ويندي بـ ڏٺو هئائين. نـ رڳو ايترو، پر گل وزيران پنهنجي چادريءَ جي نقاب مان رسولي جي جيءَ ۾ جايون ڏيڻ جهڙي جوانمرديءَ واري شخصيت بـ ڏسي ورتي هئائين.

ڪنهن کي دل ڏيڻ يا ڪنهن جي دل کسڻ ۾ ڪن پل جي ويسنڊ بـ الاهي آهي. ها البت ڪنهن کي دل ڏيئي پوءِ اُن جي دل ريجهائڻ ۾ ورهين جو رياض بـ درڪار ٿي سگهي ٿو. لطيف سائينءَ چواٽي، ’جي قيام مڙن، تـ بـ اوڏا سپرين‘ سو هتي بـ ڪن پل ۾ گل وزيران پنهنجي دل ڏيئي ويني هئي. ۽ وري دل ڏنائين بـ ڪنهن کي؟ رسولي ڌاڙيل کي؟ جنهن جو گهر نڪو گهاٽ جنهن جي حياتي بـ داءَ تي لڳل... جڻ نڪريءَ تي پاڙ!! ڌاڙيل جي زندگيءَ جي ضمانت بـ ڪهڙي؟ هينئر تـ صورتحال اهڙي آهي جو ماڻهو روز ٻڌي جي حساب ۾ پيا مرن. ڌٽي نڪو سائين. دلالن، دهشتگردن، ڌاڙيلن ۽ ڌارين جڻ تـ ماڻهن مارڻ جو ٺيڪو ڪنيو آهي. سو اهڙي صورتحال ۾ هڪڙي پيش آور ڌاڙيل جي سلامتيءَ جي ڪهڙي ضمانت؟ پر پوءِ بـ گل وزيران رسولي ڌاڙيل کي رڳو هڪ نظر سان ڏسندي ئي دل ڏيئي ويني هئي. هونئن تـ گل ويزيران جي ڪنن رسولي ڌاڙيل جو نالو اڳ ۾ بـ ٻڌو هو. شايد سندس ٻانهيءَ ناتي شيدڻ جي واتان؟

”مالڪياڻي لَئي مالڪياڻي، ڳالهه ڪا ٻڌي اٿئي؟ چون پيا تـ وڏيري سائينءَ وٽ ڌاڙيلن جو ڪو نئون ٽولو آيو آهي ۽ چون پيا تـ اُهو رسولي ڌاڙيل جو ٽولو آهي.“

بس ايترو. ۽ اڄ اُن رسولي ڌاڙيل کي پاڻ پنهنجي اکين سان روبرو ڏٺو هئائين. ۽ نـ رڳو ڏٺو هئائين پر دنيا جو مهانگي ۾ مهانگو سودو بـ ساٽس ڪري ويٺي هئي، سو بـ هڪ طرفو. رسولي کي خبر نڪا چار. ۽ دل جا سودا تـ ايئن ئي ٿيندا آهن. بنا پڇا ڳاڇا جي. گهڻو ڪري هڪ طرفا. پوءِ ڪو مجنو بڻيو وتي، تـ ڪا سهڻي سِيرَ ۾ پيئي ٻڏي. ڪو رانجهو بانسري پيو وڄائي تـ ڪو فرهاد جبل پيو ٽُڪي... سو خير، گل وزيران بـ پنهنجي ئي دل ۾، پنهنجي ئي دل جو سودو هڪڙي ڌاڙيل سان ڪري ويٺي هئي. رسولي ڌاڙيل سان.

ٻـ ٽي ڏينهن رکي گل وزيران ناتي شيدڻ کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏيو. ڪيس نوڪي ٺاهي، وڄائي وڄائي، ڊيڄاري ڌمڪائي، ريهي، ريپي، ٻنهه پڪو پختو ڪري، پوءِ چيائين، ’مون کي رسولي جو موبائيل نمبر هٿ ڪري ڏي. پر جيڪڏهن ڪٿي ڪا ڪنهن کي ڪَلِ پئي آهي، تـ پوءِ تون پنهنجي حياتي جو اهو آخري ڏينهن پائينج. پوءِ تون هڪڙو منٽ بـ زنده رهي ڪانـ سگهنديئن. ۽ جي تو منهنجو ڪم رازداريءَ سان ڪيو تـ پوءِ توکي موبائيل بـ وٺي ڏينديس، جنهن لاءِ تو مون کي ڇهن مهينن کان وٺي پئي چيو. ڪيئن ٺيڪ آهي نـ؟

”جي مالڪياڻي، ڪنهن پکيءَ کي بـ خبر ڪانـ پوندي.“ ناتي شيدڻ هٿ ٻڌندي چيو.

۽ پوءِ گل وزيران جو موبائيل تي رسولي ڌاڙيل سان رابطو بحال ٿي ويو.

ڳچ ڀيرا ڳالهه ٻولهه ٿيڻ کانپوءِ هنن حيدرآباد ۾ رسولي جي دوست جي خالي پيل فليٽ تي ملاقات ڪئي. گل وزيران حيدرآباد ۾ پرٽيل سندس وڏي ڀيڻ سان ملڻ لاءِ گهران نڪرندي هئي. گاڏي ڪيس ڀيڻ جي گهر وٽ ڇڏيندي هئي. جتان پوءِ هوءَ شاپنگ جي بهاني رڪشا ۾ چڙهي وڃي رسولي سان ملندي هئي. پهرين ملاقات ۾ هنن ٻنهي گڏجي زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو. پر ٻنهي کي اها بـ پڪ هئي تـ وڏيرو ڪنهن ڌاڙيل کي پنهنجي ڌيءَ رضا خوشيءَ سان پرڻائي تـ ڏيندو ڪونـ! پوءِ باقي ٻيو جيڪو رستو بچيو ٿي، سو اهو تـ ٻئي ڄڻا ڀڄي وڃي ڪنهن محفوظ هنڌ تي پنهنجو نئون جهان جوڙين ۽ آباد ڪن، جتي ساري عمر تائين ڳوليندي بـ وڏيرو ڪين ڳولي نـ سگهي. ۽ اُهو ماڻهن جو جهنگ آهي ڪراچيءَ جو شهر، جتي جيڪو ويو اُهو ڇُٽو. اهڙي طرح بنيادي ڳالهيون طئي ڪري، هو اِن انتظار ۾ هئا تـ پنهنجي بقايا زندگيءَ جي گذر سفر لاءِ ٿمر ساڻ هٿ ڪري پوءِ نڪرجي. ٿلهن هٿن ڪٿي وڃي ڌڪا ٿاپا کائبا. گل وزيران پنهنجي سهيلين جي اثر رسوخ سان سندس ۽ رسولي جو نئون شناختي ڪارڊ نون نالن سان بـ ٺهرائي ورتو هو.

۽ سندن هيءَ ملاقات پنهنجي منصوبہ بندي کي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ طئي ٿيل هئي. جنهن ۾ هنن ڪراچيءَ ۾ فليٽ هٿ ڪرڻ، پئسو پنجڙ، سامان سڙو، ڪپڙو گندي وغيره جي تياري ڪرڻ جو پروگرام رٿيو هو. ۽ رسولي جي آخري واردات ڪانپوءِ نڪرڻ لاءِ ڏينهن مقرر ڪرڻو هو.

*

”وڏيرا سائين...“

”چئو ڪمدار، ڇا ٿو چوين؟“

”وڏيرا سائين...“ ڪمدار وري بـ ڳالهه اڌ ۾ ڇڏي ڏني.

”اڙي چئو نـ، ڇا ٿو چوين؟ رڳو وڏيرا سائين وڏيرا سائين پيو ڪرين.“

”وڏيرا سائين ڳالهه وڏي آهي ۽ منهنجي اهڙي حيثيت ڪانهي، جو جرئت ڪري سگهان. ڊڄان ٿو، غريب ماڻهو آهيان. پر اوهان جو نمڪ پاٽي ڪاڌو اٿم. اکيون پوري ماٺ ڪري ويهي بـ نٿو سگهان. جي حياتيءَ جي بخشش ڪريو تـ عرض ڪريان...“ ڪمدار هٿ ٻڌي هبڪندي هبڪندي چيو.

”ڪمدار، اڄ توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ اڄ تون ڪهڙي چينل تان پيو ڳالهائين؟“

”وڏيرا سائين، ڪجهه ڏينهن کان آئون جيڪو ڪجهه ڏسان ۽ محسوس ڪريان پيو، سو انتهائي خطرناڪ ڊرامو پيو ٿهي. مون پهرئين ڏينهن ئي اوهان کي ٻڌائڻ پئي چاهيو. پر اوهان اڪيلائيءَ ۾ ملي ڪونـ پئي سگهيا. اڄ موقعو مليو آهي تـ اوهان کي ٻڌايان پيو.“

”چئو، ڇا ٿو چوين؟ خير تـ آهي نـ ڪمدار؟“ هن ڀيري وڏيري سنجيدو ٿيندي ڪمدار کان پڇيو.

”وڏيرا سائين، پنهنجو هيءُ آهي نـ رسولو...“ ڪمدار وري بـ ڳالهه اڌ ۾ ڇڏي ڏني.

”اڙي بابا، تنهنجي ڳالهه ٿي يا ڪشمير جو مسئلو ٿيو، جو ختم ئي نٿي ٿئي. سڌي ڳالهه ڪري چئو تـ ڇا ٿو چوين؟“ وڏيري بيزار ٿيندي چيو.

”وڏيرا سائين، مون کي رسولي جو نمونو ٺيڪ نٿو لڳي. سندس اکين ۾ مير پيو ڏسجي. رسولو اوهان سان بيوفائي پيو ڪري وڏيرا سائين.“

”ڇا آهي مقصد تنهنجو ڪمدار؟“ وڏيري کي جهڙو ڪر باهه لڳي وئي. ۽ هو اٿي بيهي رهيو.

”وڏيرا سائين، هُو حويليءَ ڏانهن ميري نگاهه سان ڏسڻ لڳو آهي.“

”ڪمدار، توکي خبر آهي تـ تون ڇا پيو چوين؟“ وڏيري وڏي رنڀ ڪري چيو.

”وڏيرا سائين، آئون بلڪل سچ پيو چوان. هن جون اوهانجي نياڻيءَ ۾ اکيون آهن.“

”ڪمدار...“ وڏي رڙ ڪندي وڏيري چيو.

”ڪمدار تون منهنجي طبيعت کان واقف تـ آهين نـ. جي اها ڳالهه نـ هوندي تـ خبر اٿئي، تنهنجو حشر ڪهڙو ٿيندو؟“

”وڏيرا سائين، مون کي خبر آهي تـ ڪوڙ ڳالهائيندڙ ماڻهن تي اوهان ڪتا ڇيندا آهيو. جيڪي ماڻهن جا ٻوٽَ، پٽي پٽي، چيٿاڙي گينداڙي ماري ڇڏيندا آهن. ۽ جي آئون ڪوڙو ثابت ٿيان تـ مون کي اها سزا قبول آهي. پر اوهان سان بيوفائي نٿو ڪري سگهان. خبر هوندي سُوندي اوهان کي نـ ٻڌايان، اِن کان تـ سٺو آهي تـ مري وڃان. مون کي اوهان جي نمڪ پاٽيءَ جو حيا آهي.“

وڏيري جي اکين مان ڄٽڪ رت ٽمڻ لڳو. هُو جوش ۽ ڪاوڙ مان رڦڻ لڳو. پوءِ هُو بـ ٽي قدم ڪٽي

ڪمري جي ديوار جي ويجهو ويو ۽ ديوار ڏانهن مُنهن ڪري بيهي رهيو. ڪُجھ دير تائين هُو خاموش بيٺو رهيو. شايد پنهنجي وهلور ويندڙ جذبات تي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ٻئي پاسي ڪمدار هٿ ٻڌيو بيٺو هو. جڏهن هُن پنهنجي اپامندڙ جوالا مکي تي ڪي قدر قابو پاتو، تڏهن ڪمدار کي فقط ايترو چيائين، ’ڪمدار تون اتي ئي ترس، مان اچان ٿو.‘ ايئن چئي هُو تڪڙو تڪڙو حويليءَ ڏانهن وڃڻ لڳو.

’گل وزيران ڪٿي آهي؟‘ وڏيري اندر وڃي سامهون ايندڙ نوڪرياڻيءَ کان پڇيو.

”بابا سائين، مالڪياڻي حيدرآباد ويل آهي پيڻ وڏيءَ ڏانهن. چيائين پئي ته هوءَ ٻه ڏينهن اتي رهندي پيڻ وٽ. ڪيس ڪجھ سامان وٺڻو هو.“ نوڪرياڻيءَ هڪ پاسي بيهي جواب ڏنو. ۽ وڏيري اوڏيءَ مهل ئي سندس وڏي ڌيءَ سان رابطو ڪيو. جنهن ٻُڌايس ته گل وزيران صبح جو ڏهين وڳي گهر پهتي هئي ۽ سڄو ڏينهن گهر هئي. هاڻي ڪلاڪ کن ٿيو آهي جو شاپنگ لاءِ بازار ويئي آهي. چيائين پئي ته ٿورو دير سان موٽندي.“

وڏيرو اُتان ئي پوئتي وريو ۽ اچي ڪمدار کي چيائين، ”ڪمدار، رسولي جي خبر وٺ ته ڪٿي آهي؟“

ڪمدار ڊوڙندو ٿورو پريان ٿهيل اُن لانديءَ ڏانهن وڃڻ لڳو، جتي بظاهر مال جو وٿاڻ ٺهيل هو ۽ مال ڊور ٻڌا بيٺا هئا. پر اُن جي هيٺان انڊر گرائونڊ ٺهيل وڏي ڪمري ۾ وڏيري جي مالڪيءَ هيٺ رهندڙ ڌاڙيل ۽ ڪاٽڪو رهندا هئا. ڪمدار کان سواءِ ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ کي اُن ٺڪاڻي جي خبر ئي ڪانه هئي ۽ نه ئي وري ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي اوڏانهن وڃڻ جي اجازت به هئي. ڪمدار تڪو تڪو هلندو اُن انڊر گرائونڊ ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ ڏٺائين ته رسولي سميت ڇھ ڄڻا تاش راند ڪيڏي رهيا هئا ۽ باقي ٻيا چار پنج ڄڻا انهن جي پاسي ۾ ويهي راند مان لطف اندوز ٿي رهيا هئا. ڪمدار جيئن ئي اندر داخل ٿيو ته سڀني جو ڌيان ڏانهس ڪڇي ويو. ويٺلن مان هڪڙي پڇيس، ’چو ڪمدار، خير ته آهي؟ ڏاڍو بدحواس پيو لڳين؟‘

”هاها، مڙيئي خير آهي. ٻاهر وڏيرو بيٺو آهي. ٻنيءَ تي پئي وياسين. چيائين، وڃي همراهن جي خبر وٺ. ڪين ڪنهن شيءِ جي گهرج ته ڪانهي. اُن لاءِ آيو هوس.“

”ڪمدار تنهنجي هوندي اسان کي سڀ ڪجھ مليو پيو. وري به ڪا طلب ٿي ته پري ڪونه آهيون.“ اُن ساڳئي همراهه جواب ڏنس. اِن وچ ۾ رسولي صرف هڪ ڀيرو هڪ معنيٰ خيز نگاهه وڌي هئي ڪمدار تي، باقي وقت هو لاتعلق بڻيو پتن راند ۾ مشغول هئڻ جو ڏيکاءُ ڏيئي رهيو هو.

ڪمدار ٻاهر اچي وڏيري کي ٻڌايو ته رسولو ٻين همراهن سان تاش ويٺو ڪيڏي. اُهو ٻڌي وڏيري هڪ معنيٰ خيز نگاهه ڪمدار تي وڌي ته ڪمدار حصن جاحصا لهي ويو. ”هونهن ٺيڪ آهي، تون هل...“ بظاهر ته وڏيري پاڻ کي مطمئن رکڻ ۽ پنهنجا حواس پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکڻ ۾ ڪوشش پئي ڪئي. پر سچي ڳالهه ته هيءَ هئي ته پاڻ جهڙو ڪَرَ تيل جي ٽهڪندڙ ڪڙاهيءَ ۾ ڪري پيو هجي. ۽ سندس ڪَلَ ٽڪاءُ ڏيئي بدن کان جدا ٿيندي هجي. هن جي اندر ۾ ٻاٻرا ٻُنڊَ ڌڳي رهيا هئا. ڪمدارجي غير متوقع انڪشاف سندس من ۾ آگ جا مچ مچائي ڇڏيا هئا. هاڻي سندس سوچ جو مکيه نقطو رڳو ۽ رڳو رسولي کي دڳ لائڻ جو هو. هاڻي هو لاڳيتو ان پاسي سوچي رهيو هو. ۽ دل ئي دل ۾ طئي ڪيائين ته سپاڻيءَ ئي صوبيدار سان ملي سندس بندوبست ڪبو.

هوڏانهن، رات جي ماني کائڻ کان اڌ ڪلاڪ پوءِ رسولي همراهن کي چيو ته ڪيس پيٽ ۾ پرتي پيئي محسوس ٿئي. آئون ٿورو پنڌ ڪرڻ ٿو وڃان. هونئن به ڪين ڏينهن جو ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي. تنهن ڪري ٽنگ ڊگهي ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن همراهه رات جي اونداهيءَ ۾ ٻاهر نڪري چهل پهل ڪري وري اندر هليا ويندا هئا. پوءِ جڏهن رسولو گهٽي گهٽي دير تائين واپس ڪونه وريو ته همراهن ڪمدار کي سڏي اطلاع ڏنو ۽ ڪمدار وٺي ڀڳو وڏيري ڏانهن. تيستائين رسولي فون ڪري سندس دوست جي گاڏيءَ جي تصديق ڪئي ته اُها مقرر جاءِ تي پهچي چڪي آهي. پوءِ هُو تڪڙو تڪڙو وڃي گاڏيءَ ۾ ويٺو ۽ اتان ئي حيدرآباد روانو ٿي ويو. سندس دوست جي فليٽ تي پهچي گل وزيران کي ساڻ ڪري سامان ڪٽي گاڏي ۾ رکيائين. هيڏانهن وري جڏهن گل وزيران رات جو ڏهين وڳي تائين به واپس گهر نه پهتي ته سندس پيڻ کي اچي فڪر ورايو ۽ هُن فون ڪري وڏيري کي اطلاع ڏنو ته گل وزيران اڃا گهر ڪانه پهتي آهي ۽ سندس فون پڻ بند پيو آهي. سندس پيڻ کي اِها ته خبر ئي ڪانه هئي ته گُل وزيران پنهنجي جيون ساٿيءَ سميت هڪ نئين جهان ۾ آباد ٿيڻ لاءِ سفر جي شروعات ڪري چڪي هئي.

۽ وڏيرو هڪ ئي وقت هيڪاندا ٻه اطلاع ٻڌي، زهر

حسن وساڻ

جل پريءَ جهڙي
تون مور پکيءَ جهڙي
ڪو ڪئين سگهي سمجهي
هوءَ آهه نديءَ جهڙي
ڪنهن کي به نه ملڻي آ
ها سونهن سڪيءَ جهڙي
ٿي ذات اسات جي وليءَ
آ پيچ-پليءَ جهڙي
ڏس! رات ستارن سان
ٿي وئي آ چنيءَ جهڙي
دنيا ۾ نه ٻي آهي
خوشبو ڪامليءَ جهڙي

❊

سڪي تنهنجو ستارن ۾
آهي جلوو نظارن ۾
ڪري هو ڳالهه دل جي ويو
اشارن ئي اشارن ۾
پنهنجو نناڍپڻ هو ڳولي ٿو
وڃي هر روز ٻارن ۾
منظر ويو شام جو موهي
هيا پنڇي قطارن ۾
جليو پئي جسم بستر تي
ٻريا پئي ديپ جارن
وڌيا هٿ گل ڏانهن پنهنجا
ڦَٽي پيا پير خارن ۾. ■

غزل



ساحر راهو

گفتگو بارود جهڙي، لهجو لهجو زهر هو
آگ جو درياهه هو يا، دلربا جو شهر هو
ياد جي ٻيڙي اکين جي، ڍنڍ ۾ ترندي رهي
بادلن سان راند رهندي، چنڊ برسيو ڳهر هو
ڪنهن به ڇهري کي ڇڳڻ لئه، نيڻ هرکيا کين ها
سونهن تنهنجيءَ جو پڪيڙيل، دل جي ڊڪُ تي سحر هو
ڪنڌ هو تنهنجو ڪلهي تي، ململي سڙڪون هُيون
پيار جي آغوش پاليو، بهشت هرڪو پهر هو
آبشارن جا نگاهون، همسفر ڪنهن سان هُيون
ڪنهن جي لهجن جو پڇايو، رات مون کي لهر هو
بارشن جا گيت گونجيا، مون لڪيرون چانچيون
پاڳ، منهنجي ميت وانگي، دوستو بي مهر هو
ساوڻيون ڪنهن سانوريءَ جي، پياس جو پرتوو هيون
رمجهمي راتيون هُيون يا، من آندو ڦُهر هو
نااُميدن جي نديءَ ۾، خواب ساحر خودڪشي ڪئي
رات هوليءَ جي رنگن ۾، مُسڪرايو ڏهر هو.

❊

دل جي خواهش ۽ اکين جي آرزو پٽڪي وئي
رات ڇهرن جي جهنگل ۾، جستجو پٽڪي وئي
ڳالهين جي بارشن ۾، ايترو اُلجهي ويس
کهڙي ڪرڻي هُئي صنم سان، گفتگو پٽڪي وئي
پيار جي پهرين سفر ۾، ڳوٺ کان نڪتي مگر
ڇوڪريءَ جي سادگيءَ ۾، آبرو پٽڪي وئي
ڪنهن شرابن ۽ شبابن، جون اُمايون موسمون
ڪا گناهن جي گليءَ ۾، باوضو پٽڪي وئي
گار وانگي شهر ساري، ٿي پڙهي اخبار ۾
شهرتن جي پيپرن تي، ماهرو پٽڪي وئي
خواهشن جي شاهراهه تي، پيهه پيهان هُئي لڳل
زندگي مايوسين جو، پي لُهو پٽڪي وي
هوڪرا مهذب شهر جا، ساڻ گهر تائين هُيس
عشق ۾ جا ٿي نه وينگس، سرخرو پٽڪي وئي
شام تائين سج جا، پيرا گٽيائين ۽ جڏهن
چنڊُ ’ساحر‘ ٿيو نه جنهن جو، واهرو ٽپڪي وئي.

ٿرڊ ڪلاس جي اسٽوڊنٽ...

انور شيخ

شهر جي ٻاهرين پاسي سرڪاري پلاٽ تي ڪجهه خيمه کُتل هئا ۽ انهن جي پرسان ٻه ٽي ڪچيون ڪوٺيون به هيون. مينهن وسڻ ڪان پوءِ انهن ڪوٺين جو ڇتيون مالڪن جي اکين جيان ٽِي پونديون هيون. جن مان مسلسل پاڻي ڳوڙهن جيان ٽمندو رهندو هيو.

هن ننڍڙي ويڙهي جا رهواسي سياري جي سرد شامن ۾ خيمن ۽ ڪوٺين اڳيان پڌر تي وڏو مچ ٻاري شرنائيءَ جي سُرن ۽ دهل جي ٿاپ تي جسمن کي ٿرڪائيندا، هٿ، هٿن ۾ وجهي ناچ ڪندا هئا. مدهوشيءَ جي انهيءَ مهل ۾ هرڪو جهمريون پائي پاڻ ريجهائڻ لاءِ آزاد هيو. ٻار، ٻڍا توڙي عورتون ۽ مرد هر ڪنهن کي آزادي هئي. جيون جو اهو ناچ نچڻ لاءِ.

ڇانورن جي اٽي جون ٿلهيون مانيون جڏهن ٿوٻيءَ تان لهنديون هيون ته هي به ٿڪجي بس ڪري اچي ڦاٿل، پراڻين رلهين جي دسترخوانن تي ميرن هٿن سان اچي مانيءَ کي ٻصرن جي ڪڙهي يا پٽاٽن جي پاڻيءَ جهڙي رس ۾ ملائي کائيندا هئا. در جي چائنٽ يا خيمي جي پردي ٽپي آيل ٻلي ۽ ڪتي کي ڏسي ڪجهه دير لاءِ پشيمان ٿي ويندا هئا. ڇو ته هي اهو ڪجهه کائيندا هئا. جيڪو ٻليون ۽ ڪتا نه کائيندا آهن. هنن کي انهن سهدارن جو بکئي پيٽ واپس ورڻ ڏکارو ڪري ڇڏيندو هو.

ويڙهي جا سيئي رهواسي هڪٻئي جا مٽ مائٽ هيا ۽ سيئي مختلف ڪم ڪاريون ڪندا هئا. نوجوان ڇوڪرا شهر ۾ بوٽ پالش ڪن ته عورتون گهرن ۾ وڃي سرخيون، نيل پالش، چوڙيون ۽ بال صفا پائوڊر وڪڻنديون هيون. مڙس جي پوٽ نه پوندڙ زالن کي هي پنهنجون تيار ڪيل دوائون ڏينديون هيون جن کي اهي ”پيندبيون“ چونديون هيون. مائن کي انهن جي استعمال جا طريقا ڪنهن ماهر طبيب جيان سنجيدگيءَ سان سمجهائينديون هيون ۽ ڪين دعويٰ سان چونديون هيون، ”ٽي پيندبيون هڪ هڪ روز ٻارڻ کان پوءِ مڙس سان ملو جي مڙس ڪٽ جو پاسو ڇڏيوَ ته اسان کي اچي ٻجا ڏجو.“

مردن مان ڪي ڇريون، ڪاتيون، ڪوڏرون، ڪهاڙيون ۽ مختلف قسمن جون گهرن توڙي زمين تي استعمال ٿيندڙ لوهه جون شيون ڏمڻ هلائيندي ڪوئلن جي آڳ تي ٺاهيندا هئا ته وري ڪي ماڻهن جي خوشين جي موقعي تي دهل شرنايون به وڄي وڄائيندا هئا. سيني ويڙهي وارن جا ڪم مختلف هئا پر هنن جا به ڪم گڏيل هوندا هئا. هڪ اونهاري ۾ گڏجي ڪوئٽه وڃي بروري روڊ جي پرسان خيمه کوڙي رهندا هئا ۽ ٻيو سياري جي شام جو سڀ گڏجي سنڌ جي هن شهر پرسان پراڻي ڪپڙي جي خيمن ۽ گاري سان ٺهيل گهرن جي پڌر تي شرناءِ ۽ دهل تي ڊانس ڪندا هئا.

ٿلهي ڏاڳي سان هنڌان هنڌان ٽوپيل هڪ پراڻي خيمي ۾ اٺن سالن جي گل پري، پنهنجي پيءُ، ماءُ ۽ ٻن پاڻ کان ڪجهه عمر جي فرق وارين وڏن ڀائرن سان رهندي هئي. هن جو پيءُ خدا داد دهل وڄائڻ جو وڏو ماهر هيو. گهيرو ڪري جهمريون پائيندڙ ماڻهن جي وچ تي دهل کي ڏونڪا هڻي سڌي اُلر ڪري وڏندو هيو ته هٿ، هٿ ۾ ڏئي گول دائرو ڪري جهمر پائيندڙ ماڻهو هٿ ڇڏائي ڦيري پائي پوئتي ٿي ويندا هئا ۽ وري هي پنهنجا اڳتي وڌندڙ قدم روڪي پوئتي ورائيندو هو ته هو ساڳي پوزيشن ۾ اچي ويندا هئا. اهو سڀ ڪجهه ايترو ته تيزيءَ ۽ ردم سان ٿيندو هيو جو ڏسندڙ دنگ رهجي ويندا هئا ۽ اندر ۾ اٿلي ايندڙ خوشين کي روڪي نه سگهندا هئا. ٺهڪ زماني جا بند پيچي ٻوڏ جيان وهي پوندا هئا.

زمانو به گردش جي گهمنڊ ۾ ورتل سدائين ڪيس ڦرڻ گهرڻ جو فڪر. جڏهن ماڻهن جون مصروفيتون محدود هيون ته خوشين کي ڳولهڻ ۽ ماڻڻ جو وقت به وڏو هيو. شادين مرادين تي راتين جو راتيون وڃي رهي پوندا هئا. ڳوٺ جي گهر پاڙي اوڙي مان هنڌ ڪٽان ڪٻجي اچي پڄندا هئا. اڱڻ ڪشادا هيا ته دليون به وڏيون هيون. پري اوڙي جا مهمان پڄندا ته پهرين رات آجياڻي طور اچي ڳڙ جي ڪشمش، ڏونگهي پيل تانهري جي ٿالن ۾ سچي گيهه جا لوٽا هاري ڏنا ويندا هئا. وڏي عصر جو ڦندران ڪسبيون هيون ته جيرن، بڪين جي ورهاست تي ٿيندڙ ويڙهاند جو به پنهنجو مزو هيو. صبح کان جو شرناءِ شروع ٿيندي ته ڳوٺ ڪنوار کي ڪوٺيءَ ۾ واڙڻ تائين پئي وقفا ڪندي وڄندي رهندي.

خداداد کي ڄاموٺ ذاتيون به شادين، مرادين تي گهرائين پر گهڻو ڪري بلوچ نسل جا سنڌي ته هن کي ضرور سڏائيندا هئا. هونءَ به مزاج ۾ ڪدورتن ۽ تعصب جي ڪميءَ ڪري، صدين کان ساڳيائي سک ۽ سور سهندي هاڻي سيني جا رسم ۽ رواج مڙئي هڪجهڙا ئي هئا.

گهورَ لاءِ لٽو ڏرتيءَ تي وڄائبو هو ته نوٽ هوا ۾ اڏرندا رَپَ ڊِيڊ جهڙي اچي رومال تي آڙين جيان اچي لهندا هئا. جيئن جيئن ٻاڙهن، ساون نوٽن سان رومال ويندو هو پربو تيئن تيئن خداداد سان گڏ شرنائي وڄائيندڙ قادن جا ٻُٽا ويندا ها ڦوڪبا. حياتيءَ جا مليل ساهه دنيا جي شرنائيءَ کي ارپيندي هن جون اکيون هر نوٽ جو تعاقب ايجنسين جي اهلڪارن جيان ڪنديون هيون.

پر هاڻي دور اهو نه رهيو هو. وڏين پٽين جي اندر شادي هالن جي ڪرسين تي ويٺل وقت جي ڪميءَ جا پٽڻا پٽيندڙ ماڻهن جي من ۾ هاڻي اهو مزو ڪاٿي هو رهيو؟ هرڪو تڪڙو فارملٽين جا فرض ادا ڪرڻ لاءِ آيل ماڻهن جو ڏيک قضئي جي ڪانڌن جهڙو لڳو پيو هوندو هو. اهڙي وقت ۾ ڪير پائي جهمريون ته ڪير ويهي گهوري، گهورون. خداداد جو پيٽ اڳي جيڪو وڏي دهل جو وزن ڪٽي بيهندو هيو ۽ ساڳئي انداز ۾ سدائين ڦوڪيل رهندو هو هاڻي اچي پٺيءَ سان لڳو هو. وقت هن کي اهڙي ورزش ڪرائي هئي جو صفا سڪي سلم ٿي ويو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪا ڪانڊ مليس ته مالڪ جيڪا مراد ۾ ڏينس باقي گهورن جو رواج هاڻي نه رهيو هو.

بابي جي بيحالي ڏسي بک جي بلا سان جنگ جوٽڻ لاءِ خداداد جي ٻن ننڍڙن پٽن پالش ۽ برش جا هٿيار پنهنجن هٿن ۾ ڪنيا. صغير ٻار جيڪو ڪري پئي سگهيا اهو ڪن پيا پر پورت جا پير اجا پري ها. توڙي جو خداداد جي زال به گهرن ۾ وڃي ڦيري ڪرڻ جي هوائي روزي ڪان بس ڪري ٻڌي مزوري ميڊم مهتاب جي گهر ۽ پرائيويٽ اسڪول ۾ ڪرڻ شروع ڪئي هئي.

خيمي جي اندر صبح جو سوير گل پري جي وارن کي ٺاهيندي گل پريءَ جي ماءُ، ڌي جي نئين روپ کي ڏسي خوش به ٿي رهي هئي ته ڏکاري به. نئين اسڪولي ڊريس ۾ گل پري ننڍڙي اصلي پريءَ جيان لڳي رهي هئي. پر اها ڊريس اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارن جي نه هئي پر اتي ڪم ڪندڙ ملازمن جي هئي. اسڪول جي پرنسپال ميڊم مهتاب نرسريءَ جي ٻارن کي واش روم وٺي وڃڻ لاءِ هن کي ملازم ڪري رکيو هو. اسڪول جي خرچن ۾ ڪميءَ خاطر مينيجمينٽ ڪجهه فيصلا ڪيا هئا جن مان هڪ اهو به هيو ته گهٽ کان گهٽ پگهارن تي ملازم رکيا وڃن. ميڊم مهتاب ڪجهه اهڙا ملازم ڪيا هئا. جيڪي گهٽي پگهار جي گهر پيا ڪن. گل پريءَ جي ماءُ ميڊم سان حساب نه ڪندي هئي جيڪو ڏيندي هيس سا خوشيءَ سان ڪٽي ويندي هئي. اسڪول ۾ ماسيءَ جي جاءِ خالي ٿي ته هن ميڊم کي چئي گل پريءَ کي ان جي جاءِ تي رکرايو. ميڊم کي گهٽ پگهار جي ملازمه ۽ گل پريءَ جي ماءُ لاءِ ان، اٽي جي مقدار وڌڻ جو وسيلو پيدا ٿي پيو.

گل پري اسڪول ۾ آئي ته هن کي ماحول ڏاڍو وڻيو. صاف سٿرا ٻار، اسڪولي بيگون، رنگ به رنگي ڪتاب ۽ انهن ۾ مختلف جانورن جون تصويرون ديوارن تي خوبصورت چارٽ صاف ميدان ۽ ڌوتل فرش.

گندي بدبودار خيمن ۾ زندگي گذاريندڙ گل پري اسڪول ۾ اچي ڏاڍو خوش پئي ٿي. ميڊم ۽ ٽيچرس جو هرڪم ڦڙتيءَ سان ڪندي هئي. ننڍڙيءَ عمر ۾ ٻارن کي اهڙي ته پاٻوهه مان ڏسندي هئي ڄڻ اهي هن جا پنهنجا سَڪا هجن. ممتا جهڙو موهه هيو هن جي معصوم من ۾. اسڪول کان موٽي ڊريس لاهي سنڀاري رکندي هئي. هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن اسڪول کان واپسيءَ تي نلڪي تي وڃي ڌوئيندي هئي. هڪ جوڙو هيس پر سدائين ان کي صاف رکندي هئي.

گل پريءَ کي اسڪول ۾ ڪم ڪندي ٻه ٽي مهينا ٿي ويا. ميڊم هن کي پندرهن سئو ماهوار ۽ هن جي ماءُ کي ٽي هزار مهينو ڏيندي هئي. پنجاهه-سئو گل پريءَ جا ڀائر به بوٽ پالش مان ڪمائي ايندا هئا. مڙئي هاڻي وقت کي هي سٺو ڌڪو ڏئي رهيا هئا.

اسڪول ۾ ساليانو فنڪشن ٿي رهيو هو. خاص

مهمان شهر جي تڪ جو ايم.اين.اي صاحب مدعو ٿيل هو. وڏي اسٽيج جي پٺيان ۽ پاسن کان ڪناتون لڳايون ويون هيون. ڪرسين تي اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن جا والدين وڏي تعداد ۾ ويٺا هئا. هرڪو پنهنجي ٻارن جي پرفارمنس ڏسڻ لاءِ آتو هيو. ان ڏينهن گل پريءَ کي ميڊم عام ڪپڙا پائي اچڻ جو چيو هو. اسڪول جي شاگردن مختلف قسمن جا اڪيڊمڪ ۽ انٽرٽيننگ ٽيبلوز پيش ڪيا. نعتون، حمد ۽ نظمون پڙهيون ويون.

ناچ ڪرڻ لاءِ شاگردن جي گروپ کي سڏ ٿيو. تيز ڌن اسٽيج کي ڌوڏائي رهي هئي. پر ٻارن جي موومينٽ ان سان ميل نہ پئي کاڌو. ناچ جي نانوَ تي بي هنگم ٽپا موجود آئيڊنس کي بيزار ڪري رهيا هئا. اڻنگيءَ ۽ بي ترتيب جهمر ميڊم مهتاب کي پريشان ڪري ڇڏيو. هن ڪاوڙ مان آرٽ ٽيچر ڏانهن نهاريو.

ڊيڪ تان ٻئي مصري جي ڌن شروع ٿي تہ اوچتو اسٽيج تي گل پري جسم کي ائين لهرائيندي نمودار ٿي ڄڻ ڪو بجليءَ تي هلندڙ رانديڪو هجي. خاص مهمان سميت موجود سڀني ماڻهن تاڙيون وڄايون. گل پري ڪنهن ماهر رقاصا جيان جسم کي حرڪت ڏيندي مختلف اسٽيپس ڪڻڻ لڳي. سڀني ماڻهن جي موجودگي کان هوءَ بي خبر وجداني انداز ۾ ائين نچي رهي هئي. ڄڻ هوءَ پنهنجي محبوب جي اڳيان، ’سانون نچ ڪي يار مناوڻ ڏي.‘ جي اصول تي عمل ڪندي هجي. شاگردن جا والدين، خاص مهمان ۽ اسڪول جو سمورو اسٽاف اٿي بيهي تاڙيون وڄائي گل پريءَ کي داد ڏيڻ لڳا.

فنڪشن ختم ٿيو تہ خاص مهمان سڀني ٻارن جي تعريف ڪندي خاص طور تي گل پري جي ڪارڪردگيءَ تي گهڻو ڳالهايو. هن چيو، ”جنهن ننڍڙي ڇوڪريءَ هتي اعتماد ۽ آرٽ سان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي. سچ پچ تہ مون وٽ ان جي صحيح واکاڻ ڪرڻ لاءِ لفظ نہ آهن. اهڙا ڪميٽيڊ ۽ ڪواليٽو ٻار اسان جي ملڪ جو روشن آئيندو آهن. مان انهيءَ لاءِ اسڪول جي مينيجمينٽ کي مبارڪباد ٿو ڏيان.“

۽ پوءِ اسٽيج تي پر ۾ بيٺل ميڊم کي چئي گل پريءَ کي مٿي گهرايائين. هزار روپيو گل پري کي انعام ڏيندي چيائينس،

”ڪهڙي ڪلاس جي اسٽوڊنٽ آهين؟“

گل پري خاموش ٿي ميڊم ڏي ڏسڻ لڳي. ميڊم جلديءَ ۾ ايم.اين.اي صاحب کي چيو،

”سر، ٿرڊ ڪلاس جي اسٽوڊنٽ.“

❋

حَقَ معاف

”اَڙي، شرم ڪونہ ٿو اچيوَ. رات کان وٺي ٿو ايلاز ڪيانوَ؟“

”اڙي اَبا، تون سمجهين چو نہ ٿو؟ يَرَ هن عمر ۾ ايڏو ضد.“ مراد پنهنجي ڪراڙي پيءُ وزير کي چيو، جيڪو سياري جي منجهند جو اُس ۾ سوڙ ۾ ويڙهيو سيڙهيو ستو پيو هو.

”اڙي قيامت ڪاري ٿيندءِ، اڄ سيان تي آهيانءِ.“ وزير پٽ کي رسامي وارو دڙڪو ڏيندي چيو.

مراد پيراندي کان اچي ويٺس ۽ ڄنگهن کي زور ڏيندي چيائينس، ”اَبا، تنهنجي طبيعت ۽ عمر هاڻي اها ناهي رهي. هرو پرو پاڻ بہ تڪليف ۾ ايندين. اسان جو بہ مزو وڃائيندين.“

”مراد، مان آخري ڏينهنِ ۾ ٿو هلان. توهان کي عمر پئي آهي مزا ماڻڻ جي. ٻيلي، منهنجي ساهہَ کي ائين نہ سڪايو.“ وزير ايلازي انداز ۾ مراد کي چيو.

ڪونيءَ مان شاهد، جيڪو وزير جو ننڍو پٽ هو، سو وڏن تيل لڳل آلن وارن کي ڇنڊيندو ٻاهر نڪتو ۽ پيءُ کي چيائين،

”ابا، اڄ پهريون ڏينهن آهي. گهڻي رش هوندي. توکي اُتي ڪيئن سنڀاليندا سون.“

”اهوئي تہ مان سمجهايانس ٿو. هر شوق جي بہ عمر هوندي آهي. هاڻي هن جي عمر الله الله ڪرڻ جي آهي تہ ڪو مولا سائين راضي ٿي ڪا عاقِ پَتِ (عاقبت) چڱي ڪريس.“ مراد پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي چيو.

”اڙي ڪهڙيون ٿا ڳالهيون ڪيو. مان ڪهڙا خون ڪيا آهن يا پرايا حق ڪاڏا آهن، جو منهنجي عاقِ پَتِ خراب ٿيندي؟“ وزير ڪاوڙ ڪندي پٽن کي چيو.

”هو جيڪو ڳاڙهن گوگائي مرچن جو اڌ پاءُ اڳري ويو هئين. اهو ڇا ثواب لاءِ ڪاڏو هُئُي؟“

ٻن ڪوٺين واري ڪچي گهر جي ورانڊي پرسان چلهہ تي چانورن جي ماني تئي تي وجهندي مراد جي زال مرڪي ڏنو. شاهد جي زال کان ٺهڪ نڪري ويو جيڪا آئينو ڦٽي ڪٽي مڙس جي پرسان اچي بيٺي هئي.

وزير ڪجهہ گهڙيون مرڪندي ڪنگهڻ لڳو. سينو پراڻي وليز جيپ جي بانٽَ جيان ڌڪڻ لڳس. عضون جي پيڙا تي پراڻي سار جي خوشين کي حاوي ڪندي چپن تي تري آيل مرڪ کي برقرار رکندي چيائين،

”اها تہ عشق جي آزمائش هئي. واهہ جا اُهي بہ ڏينهن هئا. مرحوم صالح دڪاندار چيو هو، ’جي صبيحہ خانم جو سچو عاشق آهين تہ اڌ پاءُ مرچن جو ڦڪو هڻي ڏيکار.‘ بس پوءِ مان ڇا ڪيان ها. اهو تہ شرط سولو هو. جي اجان بہ ڪو ڏکيو شرط وجهي ها تہ بہ پاڻ ٿورئي لڄايان ها؟“

وزير، پنهنجي ڪنڌ کي مٿن کان رکيل وهاڻي طرف سوريو تہ شاهد ڪلهن کان وٺي ٻيو وهاڻو ڏئي ٿورو مٿيرو ڪري ٽيڪ ڏئي ويهاريس. ويهندي آرام محسوس ٿيس تہ وري پٽن کي چيائين، ”جوانيءَ ۾ صبيحہ ۽ وري پوئينءَ وهيءَ ۾ شبنم وڻ وڃائي ڇڏيا. جڏهن کان توهان ’دل لڳي‘ فلم جي لڳڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي تہ آرام ڪونہ ٿو اچي.“

”پر ابا، ڪاٺ جي ڪرسيءَ تي ٽي چار ڪلاڪ ڪيئن ويهي سگهندين؟“ مراد چيس.

رڙ ڪري چيائين، ”اڙي، صبيحہ خاطر مرچ ڪاڏا هيم، شبنم لاءِ ٽي ڪلاڪ ويهڻ وڏا آهن؟ مون کي ڇڙو وٺي هلو، پوءِ آزمائي ڏسجو.“

ٻئي پٽ سوچن ۾ پئجي ويا تہ نماڻي آواز ۾ چيائين، ”جوانيءَ کان وٺي فلم ڏسڻ جو شوقين رهيو آهيان. شهر جي ٽنهي سينيمائن ۾ لڳندڙ ٽئي فلمون جيستائين ٽي ٽي دفعا نہ ڏسندو هيس، تيستائين چينُ نہ ايندو هيو.“

ٿڌو شوڪارو ڀريندي وري چيائين، ”پنهنجي اٺي جي چڪي هوندي هئي. روزيءَ جي پرواهہ نہ هئي. پنهنجا پير ۽ پنهنجي سوچ سالم هئي تہ مرضي بہ پنهنجي هلندي هئي. پر هاڻي پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ جڏهن بيمارين بستري داخل ڪيو آهي، تڏهن کان ڪي ڏينهن ٿيا آهن فلِمَ ڏٺي. اڙي هڪ دفعو فلم ڏيکاري اچو باقي مان توهان کي زندگيءَ جا سڀ پنهنجا حق معاف ٿو ڪيان.“

ٻَئي پٽ، پيءُ جي هن عمر ۾ اهڙي خواهِش اڳيان مجبور ٿي پيا تہ اٿي ٻنهي ڄڻن پيءُ کي تيار ڪيو. پيٺيءَ مان نئين اچي وائل جي قميص ۽ ڪمرڪ جي سٿڻ ڪڍيائون، تہ وزير ڦندڻ واري اڳٺ وجهڻ جو چِئُنِ. منهن ۽ مٿي کي تيل مکي ڦڻي ڏئي پيءُ کي ائين تيار ڪيائون، جو وزير جو ڪمزور منهن ٻهڪي پيو.

وهاڻو ڪٽي گڏهہ گاڏي تي پيءُ کي ڪٽائي پلازه سينيما تي وڃي پهتا. سيڪنڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ وٺي پيءُ کي وچئين سيٽ تي وهاڻي جي ٽيڪ ڏيارائي ويهاريائون. ٻنهي پاسن کان پروارين سيٽن تي ٻئي ڀائر ويهي رهيا.

فلم شروع ٿي تہ سينيما هال ۾ سيٽيون وڄي ويون. پاڻ جهڙي غريب نديم سان امير شبنم جي محبت ماڻهن کي مُوهي وڌو. هال ۾ موجود هرڪو نديم لڳو پيو هو. سڀني جي محبوبا شبنم هئي. سحر طاري هيو هر ماڻهوءَ جي من تي.

شاهد ۽ مراد تي، شبنم جي شرافت، سونهن ۽ پاٻوهہ اهڙو تہ اثر ڪيو جو هنن اکين کي ڇنڀڻ کان ئي روڪي ڇڏيو تہ مباده ڪو شبنم جو جلوو ڏسڻ کان رهجي نہ وڃي.

ساڙهي پاتل شبنم جڏهن گانو ڳائيندي ڦيرو پئي پاتو، تہ هي ٻئي هن جي ساڙهيءَ جي پاندن ۾ ٻڌجي پئي ويا. اهو سڄو وقت هي ايترو تہ فلم ڏسڻ ۾ محو رهيا، جو هنن کي اهو بہ ياد نہ رهيو، تہ ڪراڙو بيمار پيءُ بہ هنن سان گڏ آهي.

جڏهن انٽرويل جون بتيون ٻريون ۽ سينيما هال روشن ٿيو، تہ ٻنهي کان اهو ڏسي ڇرڪ نڪري ويو تہ هنن جو بابو هاڻي هن جهان ۾ نہ رهيو هو. جيڪو ننڍڙي لاءِ ٻنهي پٽن کي سينگاري ٺاهي آڱرين کان وٺي فلم ڏيکارڻ وٺي ايندو هيو. اڄ اهو سينيما هال جي ڪاٺ واري سيڪنڊ ڪلاس جي ڪرسيءَ تي پنهنجا پساهہ پورا ڪري چڪو هو.

شاهد مراد کي چيو، ”ادا، بابو تہ مري ويو.“

مراد ڪجهہ دير حيرانيءَ مان پيءُ ۽ ننڍي ڀاءُ کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ ڏڪارو ٿيندي چيائين، ”ها ادا.“

ماڻهو فلم تي تبصرا ڪندي چولا، سموسا ۽ ٻيون مختلف شيون کائي رهيا هئا. فلم جو ايندڙ حصو ڏاڍو ڇرڪائيندڙ هيو. ٻنهي ڀائرن شبنم جي آخري ڊائلاگن جو ڏاڍو هُلُ ٻڌو هيو. انڪري فلم کي اڌ ۾ ڇڏڻ ڏاڍو مشڪل پئي لڳن.

هڪ طرف پيءُ جو لاش پيو هو، ٻئي طرف فلم جو باقي حصو هو. هڪڙي پاسي پيءُ جون مرده بي جان اکيون هيون تہ ٻئي پاسي شبنم جون مرڪندڙ نظرون. بي حرڪت زندگي ۽ روان دوان جيون ڪهڙي پاسي ٽيڙو هو، فيصلي جي ڏکي گهڙي هئي. مراد، شاهد جي منهن ۾ ڏسندي چيو، ”ٽي ڏينهن تڏو هلندو.“

”ٽن ڏينهن کان پوءِ بہ چاليهي تائين ماڻهن جي اکين ۾ هونداسين.“ شاهد چيس.

مراد پڇيس، ”پوءِ ڇا ڪيون؟ تيستائين فلم تہ لهي ويندي. وري الاءِ ڪڏهن لڳي؟“

ڪجهہ دير ٻئي ڀائر خاموش ٿي ويا ۽ پوءِ شاهد،

مراد کي چيو، ”ڪنهن کي کهڙي خبر پوندي. ڪلاڪ ڏيڍ ۾ آئي ويئي چا؟“

سينيما هال جون لائيٽيون آف ٿي ويون. ماڻهن سيٽيون وڄايون. شاهد پيءُ جون پٽيل اکيون هٿن سان بند ڪيون. مراد پيءُ جي منهن تي پنهنجي ڪلهي تان رومال لاهي وجهي ڇڏيو.

پنهي پنهنجون اکيون سينيما هال جي پردي تي جمائي ڇڏيون. مراد فلم ڏسندي چپن ۾ پڙڪيو، ”بابي ته هونءَ به ڪري ڇڏيا آهن سڀ حق معاف.“

❋

پن جي ٻيڙي

انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن باگڙجي پرسان فاضل شاهه پير جي وڻ ۾ سياڻا ماڻهو چرين کي ٻَڌندا هئا. ۽ بي اولاد عورتون درگاهه جا مَٽَ پريندي پُٽَ گهرنديون هيون. پاڙي اوڙي جي ڳوٺن جا نڪما نشئي اکڙ فقير جي آستاني تي پينگ جا ڪوندا گهوٽي سوائي پي سُرورَ ماڻي، سُکَ جي چانورن سان پيٽ پري سهرا ڳائيندڙ مائين جي اُرهن کي تاڙيندا هئا. ڪجيءَ جي چڙهين سان ڏکيل اگڻ ڪان پرپرو نهيل ڪچي ڪوٺيءَ مان چرس جو گهاٽو دونهون چڪلي جي رنگين ڪوارٽرن پويان ٽيڙيءَ تي سُتَل ڪراڙي سلهه ورتل رنڊيءَ جي ساهن جيان، آهستي آهستي نڪرندو هو. ڪهاڙيءَ کي واري پنو لڳائڻ جيان مچون مهٽيندڙ ماڻهو سُڪَ ڪٽي نچندي آيل عورتن جي پويان هلندا ايندا هئا. وهمن ۽ وسوسن جي ڪارن ڌاڳن ۾ ٻڌل طوق جهڙن تعويذن جي هن بازار ڪان ڪجهه پريرو، ’مان جوئي آهيان سو ئي آهيان‘ جي مثال، ننگا نرواڙ، زماني جي عقل ۽ فهم موجب چريا ماڻهو وڻن جي ٿلهن ٽڙن ۾ زنجيرن سان ٻڌل هوندا هئا. وڏن وارن ۽ ويڪري ڏاڙهي وارو هڪ چريو وڏا ٺهڪ ڏيئي دنيا کي آباد ڪندڙ عظيم انگ ڏي اشارو ڪندي چوندو هو، ”پن جي ٻيڙي پيئندو؟“ درگاهه جي ڪُڪَ ۾ چرين جي انهي وڻ واري وستيءَ ۾ اچڻ-وڃڻ لاءِ مردن توڙي عورتن کي جهَل پل نه هوندي هئي.

آيل عورتون اُگهاڙن چرين کي ڏسي پنهنجي مشاهدي ۾ اضافو ڪندي تقابلي جائزا وٺنديون هيون ته وري نندڙيون نيٽيون ڪجڪن ۾ پئجي وينديون هيون. وڏي وارن وارو چريو سڀ کي چوندو هيو،

”پن جي ٻيڙي پيئندئو؟“

پوپاڙيءَ جو پهر هيو مان بين ماڻهن جيان چرين جي انهيءَ ويڙهي ۾ پئي ڦريس. هڪ چريو جيڪو ’پن جي ٻيڙي چوندڙ‘ چرئي جي ساڄي پاسي ٻبر جي وڻ ۾ ٻڌل هيو تنهن جي پرسان وڃي بيٺس. هُو پراڻي رلهيءَ تي بالمر ٻٽيو وينو هيو. پرسان دلو پاڻي جو ۽ گلاس رڪيل هيس. گهاٽي ڏاڙهي مڇن سان، بين چرين جي اُبتڙ هن کي گوڏ ۽ قميص پاتل هئي. مون کي ڏسڻ ۾ معقول پئي لڳو. سلام ڪيو مانس ته نياز مندي واري انداز ۾ سلام ورايائين. وينتي ئي پهريون سوال پڇيائين،

”چريو آهين يا سياڻو؟“

سوال ڪرڻ وقت هن جي اکين جي عجيب حالت هئي. چرچو ڪندي چيو مانس،

”مان به چريو آهيان.“

رلهي کي هٿ سان صاف ڪندي چيائين، ”اچو ويهو.“ مان ڪجهه دير هن جي منهن ۾ ڏسندو رهيس.

هن جي انداز ۾ ڪو جوکو نه ڏسي رلهي تي هن جي پرسان ويهي رهيس. پنهنجي پيرن ۾ پهريل زنجير ڏي ڏسي وري منهنجي پيرن کي تڪيندي چيائين،

”توکي زنجير ناهي پيل؟“

”مان نئون نئون هتي آيو آهيان منهنجي لاءِ زنجير وٺڻ ويا آهن.“ مون کي ان وقت اهو ئي جواب سجهيو، سو بنا ويچارا جي چئي ڏنو مانس. ڪجهه دير منهنجي منهن ۾ ڏسندو رهيو ۽ پوءِ چيائين،

”جيستائين تنهنجي زنجير اچي منهنجو هڪڙو ڪم ته ڪر.“

”حڪم ڪر.“

”باگڙجيءَ مان چرس ته آڻي ڏي. سڄي رات ماڪوڙا ٽاڪ پائن. ننڊ ڪونهي.“

”منهنجي هتي واقفيت ڪونهي. مون کي چرس ڪير ڏيندو؟“ موٽ ۾ چيو مانس ته يڪدم منهنجي ويجهو اچي چيائين،

”هتي سامهون باگڙجيءَ ۾ ملندو اٿئي. گهرندين ته ڏيندءِ.“

”يار، ڳالهه ٻڌ. منائي ته ڪونهي جو عام دوڪان تان وٺان. چرس آهي. پوليس جا پهرا هوندا، لازمي آهي چوري هلندو هوندو. ڏيٽ-ويٽ ڪان سواءِ ڪيئن ڏيندا؟“

”ادا، تون وڃي ته ڏس. نه مليو ته پلا موٽي ايندين نه، بيو چا.“ مون کي ايلازي انداز ۾ چيائين، مون هن جي منهن ۾ تڪيندي چيو،

”توسان وعدو آهي سياڻي شڪارپور مان وٺي ايندس، اڄ ڇڏ.“

”سياڻي ته تون پاڻ ٻڌل هوندين هن وڻ سان! سياڻي ته توکي پاڻ ماڪوڙا پٽيندا. شڪارپور ڪيئن ويندين؟“

”ان ڳالهه کي ڇڏ. توسان وعدو ڪيو آ نه، توکي چرس نه آڻي ڏيان ته پوءِ چئجانءِ.“

جواب ٻڌي کي گهڙيون منهن هيٺ ڪري چپ ٿي ويو. ۽ پوءِ منهن مٿي ڪري چيائين،

”تون چريو آهين يا سياڻو، سچ ٻڌاءِ؟“

هن جي اهڙي سوال تي مون کان امالڪ ٺهڪ نڪري ويو. ڪلندي چيو مانس، ”مان سياڻو آهيان. مون کي ڪو نه ٻڌندا. چرس توکي سياڻي آڻي ڏيندس.“

ويني ئي هڪ لت منهنجي پيٽ ۾ نڪاءَ ڪري هنيائين. مان اٿي ڀڳس جيستائين پري پهچان ته پويان پهريان دلي جي ڍڪڻي هٽي ڪيائين. پوءِ دلو به پويان اڇلايائين. گلاس ڏار هنيائين آخر رلهي ڪٽي به اڇليائين گاريون جيڪي آيس پئي ڏنائين.

مان پرپرو ٿي پني ۽ پيٽ مهٽڻ لڳس.

گاريون ڏيندي چيائين،

”توکي ڪم چئي مون پنهنجي زبان وڃائي.“

پوءِ مون کي ٻجو ڏيندي چيائين،

”اڙي اگ ۾ ڪنهن سياڻي ڪنهن جو ڪم ڪيو آهي، جو تون منهنجو ڪندين؟“ ان مهل وڏن وارن واري چريي وڏو ٺهڪ ڏئي ۽ پنهنجي انگ ڏي اشارو ڪندي مون کي چيائين،

”پن جي ٻيڙي پيئندي؟“ ■



سنڌيءَ ڪهاڻي جي افق تي ڌرو تاري جيان اڀرندڙ نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار انور شيخ جي اٺاويهن ڪهاڻين جو پهريون مجموعو
صفحا: 208، قيمت: 200 رپيا
ملڻ جو هنڌ
ڪنگز شاپ مهراڻ مرڪز سکر
رابطي: 071_5614774

لوپي ڪُڙم...



حسيب ڪانهيو

ڪجهه ڏينهن پهرين منهنجي وڏي پُٽ کي جو ڪلارڪي جي نوڪري ملي تہ مون واري مائي چيو، ”صدقي وڃان. اهي منهنجي مولا جا ڪرم آهن. انهي منهنجو سوال سُڻيو. منهنجي باس پُني. عباس جا پيءُ، هاڻي دير نہ ڪر ۽ امام بارگاهہ تي وڃي مِني پت جي ديڳ لاهہ.“

زُليخا جي ڳالهہ اهڙي هئي جو انڪار جي ڪا گنجائش ئي نہ هئي. مون بہ چوڪري جي نوڪري جي خوشي ۾ بنا دير جي مِني پَت جي ديڳ تيار ڪرائي ڇڏي. ديڳ جي خبر سڄي ڳوٺ ۾ باهہ وانگر پکڙجي ويئي سو ديڳ جي پهچڻ کان پهرين امام بارگاهہ ۾ ڳوٺ جي ماين ۽ ٻارن جي پيهہ لڳي وئي.

ائين تہ اسان جي ڳوٺ ۾ امام بارگاهہ جي سار سنڀال جي لاءِ فتُو فقير بہ آهي، جيڪو ٻُهاري ٻي بہ ڪندو آهي، پاڻي جا ٻہ چار دلا مٽ بہ ڀريندو آهي ۽ ان سان گڏو گڏ امام جي نالي تي ڪو نيڪ مرد رُپيا ڏوڪڙ يا چيلي ليلي ڏيندو اٿس تہ اها بہ پاڻ جهليندو آهي ۽ پوءِ محرم جي مهيني ۾ مولا جو الم بہ سينگاريندو آهي ۽ نياز ننگر بہ ڪندو آهي.

فتو فقير جو گذران بہ امام بارگاهہ جي نياز ننگر تي ئي آهي. ڳوٺ ۾ جيڪو بہ خير خيرات ڪندو آهي يا ننگر نياز ڪندو آهي تہ اهو سڀ فتو فقير جي ئي حوالي ڪري پاڻ ٻي اونو تي هليو ويندو آهي. پوءِ اهو ئي سڄي ڳوٺ ۾ پيو ورهائيندو آهي. پر مون کي فتو فقير اصل نہ وڻندو آهي. مون کي هُن جي ايمان تي ايمان ئي نٿو اچي. سڄو سال مولا جي نالي تي مومنن جو مال ميڙيندو آهي پر هڪ رڳو محرم جي مهيني ۾ بہ الم پاڪ سولو نہ سينگاريندو آهي، رڳو اڇا ڪارا رنگ هٽي جان چڙائي ويندو آهي. نياز ننگر بہ سولو نہ ورهائيندو آهي. ماڻهن جا پٽڪا هوندا آهن. پر هُو ڪنهن جي بہ نہ ٻُڌندو آهي، پنهنجي مرضي پيو هلائيندو. پهرين پنهنجي لاءِ ٿالهہ ڀري الڳ ڪري رکندو ۽ پوءِ ٻيو ننگر مومنن ۾ اورو پورو ونڊيندو آهي ۽ تڙيون ڏيندو آهي. مون تہ اهو بہ ٻڌو آهي تہ فتو فقير چرس ٻرس بہ پيئندو آهي.

اڄ جڏهن مون نياز جي ديڳ لاٿي ۽ ديڳ کان پهرين امام بارگاهہ ۾ مومنن جو هجوم متل ڏٺم تہ دل ئي دل ۾ سوچيم، ’هي مولا جي ديڳ آهي سو اهڙي دل جي نيڪ ماڻهو کي ڏيان جو سيني ۾ ايمانداري سان سولي ڪري ورهائي. پوءِ ٿوري يا گهڻي پر سيني کي هڪجيترو وڌائي ٿئي.‘ ڪو خالي نہ موٽي، نہ ئي ڪنهن سان گهٽ وڌائي ٿئي.‘ مون جڏهن پنهنجي مائي کي اها من جي ڳالهہ ٻُڌائي تہ هُن بہ ’ها‘ ڪئي ۽ وڌيڪ چيو، ”انهي مُئي فتو جي تہ ڪُني بہ حلال ڪانهي. انهي جي ورهايل ديڳ تہ قبول ئي نہ پوندي.“

بس پوءِ آئون سوچڻ لڳس، ’هاڻي اهڙي ڪهڙي مومن مرد کي مولا جي ديڳ ڏيان جيڪو وڃي امام بارگاهہ ۾ پوري ايمان ۽ نيڪ نيتي سان ورهائي. ڪافي دير تائين تہ منهنجي ذهن ۾ اهڙو ڪو نالو ئي نہ آيو جنهن تي دل مطمئن ٿئي. پر پوءِ سوچي سوچي نيٺ وڃي منهنجي دل احمد ڪنڀار تي دنگ ڪيو.

احمد ڪنڀار اسان جي ڳوٺ جو صفا درويش صفت انسان آهي. ويچارو مٽ ۽ دلا ٺاهي سڄي ڳوٺ کي اَن جي آهت تي ڏيندو آهي. پنهنجي محنت مزدوري ڪري حلال ڪمائيندو آهي. نہ لُچ لوفر آهي نہ ڦڏائي فسادي، منهنجي دل چيو، ’جيڪڏهن مولا جي ديڳ انهي کي ورهائڻ جي لاءِ ڏيندس تہ اها سو ڀيرا سجائي ٿيندي ۽ مولا جي ذات بہ ان سان ئي راضي ٿيندي.‘

اهو سوچي مون پنهنجي ڇوڪر کي احمد ڪنڀار جي گهر موڪليو. ٿوري ئي دير ۾ احمد ڪنڀار پُهچي ويو ۽ اچي سلام ورايائين. مون ساڻس دعا سلام ڪري ڪيس پر ۾ ويهاريو ۽ ڪيس سڄي حقيقت ڪري ٻُڌايم تہ تون ايماندار آهين ۽ هي مولا جي ديڳ آهي سو آئون چاهيان ٿو تہ هي ديڳ امام بارگاهہ ۾ هلي تون ورهاءِ.

احمد ڪنڀار منهنجي ڳالهہ ڏاڍي دل سان ٻُڌي پر آخر ۾ هٿ ٻڌي عرض ڪيائين، ”سائين هي ڪم مو ن کان زور آهي.“

”ڇو يار؟“

”سائين آئون ٻاهر امام بارگاهہ ڏسي آيو آهيان. اتي پيهہ لڳي پئي آهي. آئون ڪنهن ڪنهن کي ڏئي پورو پوندس؟“ احمد وراڻيو.

منهنجي ڳالهائڻ کان اڳ ۾ زُليخا رڙ ڪئي، ”ادا احمد، هي مولا جي ديڳ آهي. مولا پاڻهي ئي برڪت وجهندس. تون رڳو ورهائي تہ ڏس.“

”منهنجي ڀيڻ تنهنجي ڳالهہ برابر ڀلي آهي.“ احمد منهنجي مائي سان مخاطب ٿيندي وراڻيو، ”مولا تہ گهڻي ئي برڪت وجهندو پر مولا جي مومنن کي بہ صبر تہ هجي نہ.“ احمد مون ڏي منهن ڪيو، ” ادا هي ڪم مون کان ڪونہ ٿيندو. ماڻهو منهنجا ڪپڙا ئي ڦاڙي وجهندا.“

”اڙي يار، آئون فتو فقير کي ئي ڏئي ڇڏيان. هُو تہ اهڙين ديڳن جي لاءِ وات ڦاڙيو ويٺو آهي. پر مون کي اهو وڏو بي ايمان ٿو لڳي. اهو پهرين تہ پنهنجي لاءِ وڏو ٿالهہ الڳ ڪري رکندو ۽ پوءِ سڄو بي برڪتو ڪري ڇڏيندو.“ مون چيو، ”ماڻهو بہ فتو جي بي ايماني سمجهن ٿا سو انڪري ئي ائين ڪن ٿا، تون ايماندار آهين، ٿوري مان ٿورو، گهڻي مان گهڻو ڪري سيني کي هڪجيترو ڏيندين تہ ماڻهو ڪجهہ ڪونہ ڪندا. پاڻ دعائون ڪندا ۽ ائين منهنجي ديڳ بہ سجائي ٿيندي ۽ مولا بہ راضي ٿيندو.“

”ادا، هن ڳوٺ وارن ۾ ايڏي تہ بُک آهي جو هڪ ديڳ تہ ڇا ڏهہ ديڳون بہ لهنديون تہ بہ ماڻهن جو پيٽ نہ ڀربو...“ احمد ڪنڀار وراڻيو، ”سائين ڪو دلو مٽ ڪپي تہ هينئر ئي آڻي ڏيان باقي هي ڪم مون کا زور آهي، ڪنهن کي گهٽ اچي ڪنهن کي وڌ اچي پوءِ ڪو وري پٺي تہ پوءِ منهنجي قيامت ڪير ڇڏائيندو؟“ احمد ڪنڀار ٽُوال ڇنڊي پنهنجي ڪلهي تي رکيو ۽ ٻئي هٿ ٻڌي التجا سان وراڻيو، ”سائين مون کي معاف ڪريو، هي مولا جي ديڳ آهي، آئون گنهگار ماڻهو آهيان. اوهان جي ڳالهہ برابر صحيح آهي تہ اهو مُلان (فتو فقير) وڏو مروان آهي، تڏهن ئي تہ ديڳ لاءِ دوڏا ڦاڙيو ويٺو آهي ۽ اهڙيون ڳالهيون پيو ڳولهي. پر سائين مان مسڪين ماڻهو، امام بارگاهہ ۾ جيڪا ماڻهن جي ڪيهہ آهي، انهي ۾ هي مولا جي ديڳ ايمانداري سان ورهائَڻ ڏاڍي ڏکي آهي، سو مان هلان ٿو منهنجا بابا.“ احمد زُليخا جي بہ مٿي تي هٿ رکي چيو، ”امان جيجل، مون کان هي ڪم زور آهي، باقي توکي مٽ دِلو يا ڪُني دانگي ڪپي تہ آئون حاضر آهيان، امان.“

منهنجي مائي ڪجهہ نہ ڪڇي. آئون بہ ماٺ رهجي ويس. احمد ’ماشاء مولا‘ ڪري ٻاهر هليو ويو.

آئون سوچن جي غوراب ۾ لهي ويس،

’مولا جي ديڳ ڳوٺ ۾ ورهائڻ بہ ائين ئي آهي جيئن مُلڪ جو خزانو مُلڪ جي ماڻهن ۾ ورهائڻ. جيڪڏهن احمد ڪنڀار ايمانداري سان ڳوٺ ۾ مولا جي ديڳ ورهائي ڪونہ ٿو سگهي ۽ ’ماشاء مولا‘ ڪري هليو ٿو وڃي تہ پوءِ هي پاڻ وارا سياستدان مُلڪي خزانو ماڻهن ۾ ورهائڻ جي لاءِ وزارتن ۽ وڏ وزارتن جي لاءِ ڪهڙي نيت سان ننهن چوٽيءَ جو زور ٿا لڳائن؟‘

پريان کان آواز آيو، ’ظاهر آهي. اهي فتو فقير جي ڪڙم مان هوندا.‘

haseebkanio@yahoo.com

نوجوان روماني شاعر اداسي جکراڻي جو سچن قومي جذبن تي آڌاريل وطن پرست شاعريءَ جو دلآويز ڪتاب
صفحا: 112، قيمت: 100 روپيا
ملڻ جو هنڌ: سنڌ جا سمورا بوڪ اسٽال

ڇوڪري، وائلن ۽ انقلاب...

رئوف ڪوسو

منطق ۽ آزادي ٻئي خطرناڪ آهن. سندن دنگ انساني ڇڙواڳي ۽ بيراهروي تي ٽئي ٿو. ۽ منطقي سوچ رکندڙ انسان هميشہ مذهب ۽ تهذيب کان مٿانهان ٿي نوان دڳ ۽ رستہ ڳوليندي آخرڪار ڪفر جو شڪار ٿين ٿا. آقا فرح سبحاني جڏهن تهران ايران کان طبلس يونيورسٽي جارجيا پهتو تہ سندس ان قسم جي خيالن ۾ سخت قسم جي پختگي اچي وئي. ان وقت جارجيا سويت يونين جو حصو هو. ۽ جارجيا ۾ (اسٽالنسٽ، بيوروڪريسي) وارو سوشلزم نافذ هو. رياستي آئين روحانيت ۽ مذهب جو انڪاري هو ۽ سيڪيوليرزم سندن رياستي آئين جو مک جزو هو. جارجيا جي معيشت مڪمل سرڪاري هئي. اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا سوشلسٽ حڪومت جي سرڪاري ڪنٽرول ۾ هئا. ان زماني ۾ جارجيا اندر سوويت ڪي جي بي جو سخت راڄ هو ۽ هوءَ گهڻو سرگرم هئي. هر سطح تي هر ماڻهوءَ جي نگراني ٿيندي هئي. مذهبي سرگرمين تي سختيءَ سان بندش هئي. گرجا گهر، مسجدون، مندر سرڪاري آفيسن ۾ تبديل ڪيا ويا. سوشلسٽ حڪومت سان اختلاف رکڻ وڏو ڏوهہ هيو. ۽ ان قسم جي سرگرمي ڪرڻ ڪي بغاوت سمجهيو ويو. البتہ ووڊڪا جي استعمال، جنسي آزادي، ثقافتي رقص جي نوجوانن کي اجازت هئي ۽ ان اجازت مان نوجوان ڇوڪرا، ڇوڪريون خوب مزا ماڻي رهيا هئا. آقاءِ فرح سبحاني جو تعلق ايران جي هڪ سخت مذهبي گهراڻي سان هو. هن جو پيءُ علامہ دائود سبحاني، فرح سبحاني جي جارجيا ۾ جي تعليم جي سخت خلاف هيو. جڏهن فرح سبحاني جي درخواست طبلس جي يونيورسٽي انتظاميا اسڪالرشپ لاءِ منظور ڪري ورتي۽ هن کي طبلس يونيورسٽي ۾ داخلا ڏيڻ جو اطلاع پهتو تہ هن کي پنهنجي پيءُ روڪيندي چيو هو،

”پٽ فرح، ڏس جارجيا ۾ لادين ڪميونسٽ سيڪيولر راڄ آ، ڇا اتي تون پنهنجا مذهبي، تهذيبي اقدار قائم رکي سگهندين؟“ موٽ ۾ فرح سبحاني پيءُ کي جواب ڏيندي چيو،

”آغا جان، مان ٽي سال تهران يونيورسٽي ۾ پڙهيو آهيان. جتي توده پارٽي جي شاگرد ونگ سان لاڳاپيل اشتراڪي خيال رکندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي اڪثريت هئي ۽ اهي ذاتي زندگيءَ ۾ آزادي جا قائل هئا. رقص موسيقي ۽ شراب جون محفلون اڪثر ڪندا رهندا هئا. پر پوءِ بہ مان پنهنجي تهذيبي ۽ مذهبي خيالن سان وفادار رهيس ان لاءِ توهان فڪر مند نہ ٿيو.“

ائين پيءُ کي سمجهائي فرح طبلس يونيورسٽي جارجيا پهچي ويو. شروعات ۾ يونيورسٽي جي فڪري پابندي ۽ جنسي آزادي واري ماحول کيس سخت مايوس ڪيو. پر ڪجهہ ڏينهن ۾ هن جي ملاقات جارجيا ۾ رهندڙ ام بتول نالي هڪ مسلمان ڇوڪري سان ٿي، جنهن جو خاندان بنيادي طور تي ترڪش هو. ۽ ترڪيءَ ۾ فوجي انقلاب کان پوءِ هن جي مذهبي خيال رکندڙ پيءُ جيڪو پيسي جي لحاظ کان انجنيئر هو، انقلابي ترڪش حڪومت سان اختلاف رکيو. ۽ ان کي مذهبي خيال رکڻ جي الزام ۾ ترڪش حڪومت جلا وطن ڪري ڇڏيو. جلاوطني کان پوءِ هي خاندان جارجيا هليو آيو ۽ جارجيا ۾ هي پيپلز اسٽريٽ تي هڪ فليٽ وٺي ان ۾ رهڻ لڳا. پهرين ڏينهن جڏهن هن جي يونيورسٽي جي ڪينٽين ۾ ملاقات ٿي ۽ هي هڪ ٻئي سان ان طريقي سان پيش آيا ڄڻ ورهين جا واقف هجن. پهرين ملاقات ۾ فرح سبحاني ام بتول کان پڇيو، ’توهان مذهب کي ڪهڙي روپ ۾ ڏسو ٿا؟‘ ام بتول جواب ۾ چيو، ’مذهب منهنجي فطرت ۽ رت ۾ شامل آهي.‘ ام بتول جي ان جواب فرح سبحاني کي مطئمن ڪري ڇڏيو. فرح سبحاني بہ مذهبي ماڻهو هيو سندس خيالن جي هڪ جهڙائي هنن کي گهڻو ويجهو آڻي ڇڏيو ۽ هاڻي هو اڪثر يونيورسٽي اندر هڪٻئي سان گڏ نظر اچڻ لڳاهئا. هڪ ڏينهن فرح سبحاني ام بتول کان پڇيو،

”ام بتول، ٻڌاءِ تنهنجو پيءُ ترڪيءَ ۾ ڪهڙي پارٽيءَ سان لاڳاپيل هيو؟“ جواب ۾ ام بتول هڪ دفعو هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ۽ جڏهن پڪ ٿيس تہ ويجهو ڪو بہ ناهي جواب ڏنائين،

”فرح، جيئن تہ مان توتي اعتماد ڪرڻ لڳي آهيان. ان لاءِ مان توکي ٻڌايان ٿي. منهنجو پيءُ سڪندر جانڪش ترڪيءَ ۾ اسلاميہ ملت گروپ نالي هڪ اسلامي نظريو رکندڙ سياسي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن هو ۽ مصطفيٰ ڪمال پاشا جي سيڪيولرزم جو سخت مخالف هو. ان لاءِ سندس خاندان کي پهريان گرفتار ڪيو ويو ۽ پوءِ جلا وطن ڪيو ويو.“ اهو ٻڌي فرح سبحاني مرڪيو ۽ چوڻ لڳس،

”ام بتول منهنجو پيءُ آقا علامہ دائود سبحاني بہ مذهبي عالم آهي ۽ اسلامي شريعت تي سخت يقين رکي ٿو.‘ هڪٻئي متعلق سٺي طريقي سان ڄاڻڻ کان پوءِ فرح سبحاني ۽ ام بطول جذباتي طور تي هڪٻئي جي ويجهو اچي ويا ۽ گهڻو جلدي پاڻ ۾ نڪاح ڪري شادي ڪري ورتائون.

پوءِ جيئن ئي جارجيا اندر فرح سبحاني جي تعليم ختم ٿي تہ سندس پيء علامہ دائود سبحانيُ خط لکيس،

”پٽ فرح، جيئن تہ جارجيا اندر تنهنجي تعليم پوري ٿي چڪي آهي. هاڻي تون اباڻي ملڪ واپس اچ.“ فرح سبحاني جواب ۾ لکيس، ”آغا جان، جيئن تہ هتي ام بتول ۽ مان خوش آهيون ۽ پنهنجي مذهبي قدرن سان زندگي گذاري رهيا آهيون. هونءَ بہ هن وقت ايران ۾ شهنشاهہ جو غير شرعي راڄ آهي. جيڪو مون کي قبول ناهي. جيڪڏهن ايران ۾ تبديلي آئي تہ پوءِ مان ام بتول سميت ايران شفٽ ٿي ويندس.“ سندس پيءُ دائود سبحاني خاموش ٿي ويو.“

ان دوران ام بطول ۽ فرح سليماني کي هڪ ڌيءَ جو اولاد ٿيو. جنهن جو نالو زينب رکيائون. زينب جا پيءُ ماءُ جيئن تہ سخت مذهبي هئا ان لاءِ زينب جي پرورش بہ مذهبي ماحول ۾ ٿي. پر زينب بنهہ مذهبي خيال رکندڙ ڇوڪري نہ ٿي سگهي. هن جو لاڙو مڊل اسڪول جي زماني کان ئي فلسفي ڏانهن رهيو. يونيورسٽي تائين پهچندي پهچندي هو پنهنجي خيالن ۾ فڪري آزادي جي علمبردار ٿي چڪي هئي. ڌيءَ جي اٿڻي ويهڻي ۽ خيالن فرح سبحاني کي بي چين ڪري وڌو. هن خطرو محسوس ڪندي هڪ ڏينهن ڌيءَ سان ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو. ڌيءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ گهرائي چوڻ لڳو،

”پٽ، زينب هاڻي تون ارڙهن سالن کان وڏيڪ عمر جي ٿي چڪي آهين ۽ يونورسٽي ۾ بہ ڪافي پڙهيو اٿئي. هاڻي مان چاهيان ٿو تون تعليم لاءِ مصر شفٽ ٿي وڃ ۽ ڪجهہ ديني تعليم حاصل ڪر. اتان توکي اسلامي تهذيب ۽ معاشري کي سمجهڻ جو گس ملندو.“

”آغا جان، توهان منهنجا سرپرست آهيو، پر زندگي کي مان فلسفي جي روپ ۾ ڏسان ٿي. مان چاهيان ٿي يونيورسٽيءَ مان، فلسفي جي ڊگري وٺان ۽ پوءِ مان فيصلو ڪندس تہ ڪهڙو رستو وٺان.“ پر هڪ ڳالهہ ٻڌي ڇڏيو،

”مان پنهنجي مرضي ۽ آزاديءَ سان مذهب، ڪائنات ۽ پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ چاهيان ٿي.“

ڌيءَ جو اهڙو گهرو جواب ٻڌي آغا فرح سبحاني خاموشي ٿي ويو. ان دوران ايران ۾ انقلاب اچي ويو. بادشاهت ختم ٿي شاهہ خاندان سوڌو فرانس ڏانهن فرار ٿي ويو. ايران اندر روحاني پيشوا جي نگرانيءَ ۾ شريعت نافظ ڪئي وئي ۽ مذهبي جمهوريت آندي وئي ايران اندر ان تاريخي تبديليءَ تي آغا فرح سبحاني گهڻو خوش هيو ۽ هاڻي هن فيصلو ڪيو هو تہ هو زال ام بتول ۽ زينب سوڌو ايران واپس وڃي ۽ پنهنجي اباڻي گهر ۾ رهي. ۽ ان مقصد لاءِ هو ڌيءَ کي قائل ڪرڻ جا وجهہ تاڙڻ لڳو. نيٺ هڪ ڏينهن ڌيءَ سان ڳالهائيندي چيائين، ”ڌيءَ زينب، مان گهڻو ٿڪجي چڪو آهيان ۽ هاڻي مان زندگيءَ جا بقايا ڏينهن پنهنجي ملڪ ۽ ماحول ۾ گذارڻ چاهيان ٿو. تنهنجي ماءُ بہ اسلامي تهذيب جي داعي آهي. اها بہ ايران هلڻ لاءِ تيار آهي. رڳو تون ساٿ ڏئين تہ...“

”آغا جان، مون کي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ملڻ ۾ چند ڏينهن آهن. ڊگري ملڻ کان پوءِ مان حالتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندس پوءِ شايد مان آخري فيصلو ڪري سگهان. پر بابا مون کي آزاديءَ سان فيصلي ڪرڻ جو حق آهي. مان سمجهڻ چاهيان ٿي تہ ان لاءِ مون کي ڪجهہ مهلت ڏيو.“ ان ڏينهن ڌيءَ جي ان جواب تي آقاءِ فرح سبحاني کي ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي هئي. پر هو ضد ڪري ڌيءَ کي بي فرمان ڪرڻ کان ڪيٻائڻ لڳو ۽ پنهنجي اندر ۾ انتظار جي همٿ پئدا ڪندي هڪ دفعو وري خاموش رهيو. پيءُ سان ان

ڏينهن گفتگو کان پوءِ جڏهن هو ٻي ڏينهن طبلس يونيورسٽي پهتي ته هن جي ملاقات يونان يونيورسٽيءَ کان طبلس يونيورسٽيءَ ۾ تعليم سانگي ايندڙ هڪ يوناني شاگرد زيهس سان ٿي، جيڪو پڻ فلسفي جو شاگرد هو. زيهس پنهنجي پر ۾ انساني آزاديءَ جو سرگرم پرجهلو هو. هو انساني استحصال ۽ انسان تي ٿيندڙ هر قسم جي جبر جو مخالف هو. هو رنگ نسل مذهب قوم کان مٿانهون انساني پائيچاري ۽ انساني قدرن جو سرگرم ڪارڪن هو. هن جي ذهن ۾ اشتراڪي نوآباديت ۽ مغربي نوآباديت خلاف سخت قسم جا خيال هئا. هو نوآبادياتي ڦرلٽ جي سخت خلاف هو ۽ ان سوچ تحت هڪ نوجوانن جي عالمي تحريڪ جو ڪارڪن هو جنهن ٿوري وقت اندر طبلس يونيورسٽيءَ ۾ به 'انسانيت جي بقا ۽ آزادي' جي سوال وارو هڪ اهڙو گروپ تيار ڪري ورتو. جيڪي ان سوچ تحت يونيورسٽي اندر نوجوانن ۾ پرچار ڪندا هئا ۽ شعور جاڳائيندا هئا. گهڻو جلد زيهس جو گروپ طلبس يونيورسٽيءَ اندر مقبوليت ماڻڻ لڳو ۽ زيهس جو روم هاسٽل اندر سندس خيالن جي پوئلڳي ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو مرڪز ٿي ويو. هڪ رات جڏهن گهڻا شاگرد ۽ شاگردياڻيون سندس روم تي گڏ هئا ۽ سندس 'انسانيت جي بقا لاءِ امن جي ضرورت' تحت ليڪچر هلي رهيو هو ته اوچتو روم جو دروازو کڙڪيو. هڪ اندبين ڇوڪري شالني دروازو کوليو. پوءِ سيني شاگردن ۽ شاگردياڻين ڏٺو ته ٻاڙها ٽوپ پاتل جارجيا جي سٽي پوليس دروازي کي ڌڪيندي ڪمري ۾ اندر داخل ٿي. اتي موجود سيني شاگردن ۽ شاگردياڻين کي گرفتار ڪيو ويو ۽ پوءِ لڳاتار يونيورسٽي اندر وڏو آپريشن شروع ڪيو ويو. پندرهن ڏينهن جي پڇا ڳڇا کان پوءِ اشتراڪي پوليس زيهس ۽ زينب کي گروپ جو ليڊر ڄاڻائيندي مقامي عدالت ۾ پيش ڪيو ۽ جتي پنجاهه سالن کان وڏيل عمر جي گنجي جج ٻنهي کي گڏيل طور تي مخاطب ٿيندي چيو، "جيئن ته سوويت يونين جو آئين سوشلسٽ آهي ۽ اسان جي رياست هڪ پارٽي سسٽم ۽ سوشلزم تي يقين رکي ٿي. توهان آزادي جي پرچار ڪري اسان جي رياستي آئين کي چئلينج ڪيو آهي. ان لاءِ توهان کي جلاوطن ڪيو وڃي ٿو." جج زيهس کي مخاطب ٿيندي چيو، "تنهنجو ڇا فيصلو آهي تون ڪهڙي ملڪ وڃڻ پسند ڪندين؟" زيهس جواب ڏنس، "مان پنهنجي اباڻي ملڪ وڃڻ چاهيان ٿو." ان کان پوءِ گنجو جج وري زينب سان مخاطب ٿيو ۽ چوڻ لڳس، "زينب، تنهنجو ڇا فيصلو آهي تون ڪيڏانهن وڃڻ پسند ڪندينءَ؟" جيڪڏهن توهان پنهنجت پيءُ ماءُ سان گڏ ايران وڃڻ چاهيو ته اسان جي عدالت کي توهان جا والدين اهڙي درخواست ڏئي چڪا آهن ۽ انهن سان گڏ توهان کي ايران وڃڻ ڏنو ويندو." زينب ڪجهه دير لاءِ چپ ٿي وئي ۽ پوءِ پنهنجا منهن تي آيل ٻورا وار واپس ورائيندي جواب ڏيڻ لڳي،

"نه هرگز نه، مان ايران قطعي ڪونه ويندس. اتي روحاني پيشوا جي آمريت آهي ۽ ايران ۾ منهنجو ساهه منجهندو."

ٻئي ڏينهن تي زينب کي جڏهن لندن جلاوطن ڪيو پئي ويو ته رستي ۾ هن هڪ پوليس واري کان اخبار وٺي پڙهڻ شروع ڪئي جنهن ۾ هڪ خبر هئي ته ڪالهه ايران اندر مشهور فنڪاره کي ساواڪ ايجنسي جي ڪارڪنن سيني ۾ گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو. فنڪاره جو نالو خانم گوگوش هيو. ان خبر اندر کان نفيس زينب کي ڄڻ ته ڏڪارو ڪري ڇڏيو. چند ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ هو جڏهن لندن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي لٿي ۽ پنهنجو مختصر سامان ڪٽي ٽيڪسي ۾ رکي لندن شهر ڏانهن وڃڻ لڳي ته رستي ۾ روڊ ڪناري ڪجهه نوجوانن جو گروپ ويٺو هو جن ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون هئا. جن مان هڪ انتهائي ميري ڇوڪري جي هٿ ۾ وائلن هو ۽ هو وائلن تي ڪجهه ڳائي رهي هئي ۽ سندس ڇوڪڙي کيون سامهون ويٺل ٻيون نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا سندس وڏي غور سان ڪنڌ ڌوڻيندي سندس گيت ٻڌي رهيا هئا. هن ٽيڪسي ڊرائيور کي ٽيڪسي روڪڻ جو اشارو ڪيو ۽ لهي انهن نوجوانن جي ڇوڪڙي ڏانهن وئي جتي جڏهن انهن نوجوانن جو جائزو ورتو ته انهن مان ڪيترن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو تڙ ڪيترن ئي ڏينهن جو ڪيل ڪونه هو. ڇوڪرن جون ڏاڙهيون وڌيل هيون. هوءَ سمجهي وئي ته هي مشهور زمانه يورپيئن هپن جو گروپ آهي. زينب انهن کان ان ٽائيم هڪ گڏيل سوال ڪيو، 'ساٿيو ڪيئن آهيو ۽ هتي ڇا ٿي رهيو آهي؟' انهن مان وائلن وڄائيندڙ ڇوڪري جنهن جي ڏندن تي ڪيترن ڏينهن جي هيداڻ ڄميل هئي. هو ڄڻ اندبين چرس پيئندڙ ڪنهن موالين جي مشابهت رکندڙ تصور لڳي رهي هئي. جواب ۾ مرڪي چوڻ لڳي، 'محترمه، اسين يورپ جي بيحس واپاري معاشري کان گهڻو پري روح ۽ جسم جي آزادي جو مزو وٺي رهيا آهيون.' زينب کي ان ڪمزور هيڊي ڏندن واري ڇوڪري جي ان جواب ڏڪائي ڇڏيو. هي سڀ انسان جيڪي هيپن جو روپ وٺي زندگي کان لڪڻ جو ڏڳ وٺي پاڻ جهڙن ٻين انسانن کي برباديءَ ۽ فنا جي رستي تي وٺي وڃڻ جي سرعام دعوت ڏئي رهيا هئا. اهي زينب کي يورپ جي آزاد معيشت ۽ نام نهاد فڪري آزادي جي نالي تي ڄڻ ڪارو ليڪو نظر اچي رهيا هئا. هو گهڻو جلدي زنده انساني لاشن جي ان روپ کان پري ٽيڪسيءَ تي چڙهي پهريون هوٽل تي آئي ۽ اتي ٿوري دير آرام ڪرڻ کان پوءِ هوءَ يورپ جي طبقاتي استحصال ۽ نوآبادياتي ڦرلٽ ڪندڙ معاشري باوجود به دنيا کي فڪر جي آزاديءَ جو فريب ڏيندڙ مرڪز 'هائيڊ پارڪ' پهتي جتي آمريڪا کنڊ، لاطيني آمريڪا، اولهه يورپ، اوڀر يورپ، ايشيا، آفريڪا، آسٽريليا کان آيل گورا، ڪارا، ڀورا، ٻاڙها، ڪٽڪائي رنگا ڪيترائي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، مرد، عورتون، پوڙها، پوڙهيون، نابالغ ڪچا ڇوڪرا، ڇوڪريون، گڏجي نعره هڻي رهيا هئا، "انسان زنده باد، انسانيت زنده باد. عالمي انساني پائيچارو زنده باد" ڪيترائي ماڻهو وري هنن جي چوڌاري ڪٺا ٿي ان ميڙاڪي کي دلچسپيءَ سان ڏسي رهيا هئا. نعرا هڻندڙ ماڻهن جي هٿن ۾ هڪ ڊگهو بينر هو جنهن تي هي جملا لکيل هئا،

"اسان نظرين، نسلن، قومن ۽ مذهبن کان مٿانهون استحصال ۽ ڏاڍ کان پاڪ برابريءَ وارو ۽ انساني پائيچاري ۽ پيار تي مشتمل سماج اڏڻ جا خواهشمند آهيون". بينر جي هيٺيان لکيل هيو، 'انسان جي پائيچاري واري عالمي تحريڪ.'"

زينب نعره هڻندڙ ماڻهن جي سامهون پهچي پنهنجي سفري بيگ مان وائلن ڪڍي ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ زيهس جي يادن سان گڏ اکين ۾ ڳوڙها آڻي انساني پائيچاري ۽ انساني پيار تي مشتمل انساني ڏک- سک کي پائيچاري سان ونڊي ترقي ڪرڻ وارن ٻولن تي مشتمل آزاديءَ ۽ ازلي انساني تمنا تي مشتمل آزاديَ وارو گيت ڳائڻ لڳي،

اتي موجود بي شمار ماڻهون جهمريون هڻندي ۽ تاڙيون وڄائيندي سندس داد ڏيڻ لڳا ۽ هر قسم جي انساني استحصال ۽ ڏاڍ خلاف وچن ڪرڻ لڳا هڪ دفعو وري گڏيل نعره هڻڻ لڳا. ■



ملهار پيل

چؤسٽا

سڏڪا سڏڪا ٿي ويو ملهار
حصا حصا ٿي ويو ملهار
تون ڇا ڄاڻي توکان وڇڙي
ياڳا ياڳا ٿي ويو ملهار

❊

توکان جدا ٿي ويو ملهار
پاڻ لاءِ سزا ٿي ويو ملهار
توکي پڪاري پڪاري پيل
رب جي رضا ٿي ويو ملهار

❊

سور سور ٿي ويو ملهار
چڪنا چور ٿي ويو ملهار
توکان ٿيندي ڏار او دلبر
ڄڻ ٻي نور ٿي ويو ملهار.

وجود جو ورهاڱو...

بشير احمد سومرو

هو ڪٽ تي ويٺو هيو ۽ سندس ٻانهون پوئتي ٽيل هيس جڻ ته ٽيڪ ڏئي ويهڻ جي ڪوشش ڪندو هجي ڇاڪاڻ ته ڪٽ جي پويان پٽ ڪو نه هئي ان ڪري هو اهڙي انداز ۾ ويٺو هيو

پر هن جي منهن تي ڪاوڙ جا تاثرات هيا ۽ اوچتو سندس گهر جي اڱڻ تي رڙيون ٿيڻ لڳيون ته هن به ڪن ڪڙا ڪيا ۽ اٿيو ته سامهون سندس پٽ ۽ نياٽو ٻئي هڪ ٻئي کي هدرا ڏئي رهيا هيا.

”اڙي نه وڙهو، مان چوان ٿو نه وڙهو. اڙي، اڙي...“ هن جي چهري تي ڪاوڙ جا تاثرات هيا پر هو وڌيڪ رڙيون نه ڪري سگهيو جو ڪيس اپ ساهي وٺي وئي. هن رڙيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر آواز ئي نه ٿي نڪتس ۽ مٿان وري ڪنگهه اپري آيس.

”سائين، هي پاڻي وٺو... سائين.“ نوڪر ٻانهن کان وٺي ڪيس ڪٽ تي ويهاريس.

هن پاڻيءَ جو ڍڪ پرڻ کان پوءِ ڪجهه وڏا ساهه کڻي وري رڙ ڪئي. هن دفعي ڪانئس رڙ نڪتي پر ڪراڙپ جي ڪري ان جو اهڙو اثر نه هيو جو اها ٻنهي وڙهندڙن کي خاموش ڪرائي سگهي.

ان سڄي صورتحال تي سندس گهر ڀاتي ٻه ٻن ڌرين ۾ ورهائجي ويا. ٻنهي طرفن کان هڪ قسم جي لفظي جنگ شروع ٿي وئي ۽ هن جي من ۾ وڍ پئجي رهيا هيا.

هن انهيءَ جهيڙي کي بند ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن جي ڪو ٻڌي ئي نه پيو.

”چورا... را...را، چورا...!“ آخر هن کان لفظ نڪتو پر سندس سڄو جسم ٿڙڪي رهيو هيو.

”سائين حڪم ڪريو.“ سندس نوڪر پڇندو آيو جيڪو پڻ هن کي ڪٽ تي ويهاري ان جنگ جو حصو بڻجڻ لاءِ آتو هيو ڇاڪاڻ ته هن به مالڪن جو نمڪ کاڌو هيو پر سندس طبيعت ڏسي هن کان پري نه پيو ٿئي.

”هي مڙندا ڪونه، مونکي اوطاق ڏانهن وٺي هل.“ هن ڏڪندڙ چپن مان آواز ڪڍيو.

نوڪر اوطاق ڏانهن وٺي ويس ۽ اتي آرام ڪرسيءَ تي ويهاريائينس.

نوڪر تڙ تڪڙ ۾ ڪيس پاڻي جي جڳ ۽ گلاس رکي، وٺي اندر گهر ڏانهن ڀڳو ته جيئن ان جهيڙي ۾ شريڪ ٿي سگهي.

”مار، اسان جي سڄي زندگي جدوجهد ۾ گذري. نه قوم سڌري ۽ نه ئي اولاد سڌريو.“ اهي لفظ چوندي هو ماضيءَ ڏانهن ۾ هليو ويو ۽ پنهنجو پاڻ جي آڏو سوين سوال رکيائين. پر هڪ جو به جواب نه ٿي سجهيس.

ڪجهه گهڙين کان پوءِ نوڪر آيس ۽ چانهه جو پڇيائينس پر هن جواب نه ڏنس پر هن محسوس ڪيو ته شايد جهڳڙو ختم ٿي ويو هيو.

هڪ لمحي کان پوءِ نوڪر کي چيائين، ”اڙي، ڏسي ته اڄ ته جهڳڙو ختم ٿيو يا نه؟“

هو ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي پنهنجي ماضيءَ تي نظر وجهڻ لڳو.

هن کي ياد آيو ته ڪيئن نه ڪٽر مذهبي ڌارا مان نڪري سنڌ کي سوشلسٽ بنائڻ جو خواب کڻي نڪتو هيو. جيتوڻيڪ هي اهو دور هيو جڏهن پوري هندستان ۾ مذهبي نفرت اوج تي هئي ۽ هندو مسلم فساد شروع ٿي چڪا هيا پر سنڌ ۾ ان جا اثر گهٽ هيا، پوءِ به سنڌ جي وڏن شهرن ۾ هندو مسلم نفرت جو زور هيو ۽ ٻئي ڌريون سڌيءَ طرح وڙهڻ جي موڊ ۾ نه هيون پر محسوس ائين پئي ٿيو ته ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي لاءِ ذهني طور تي تيار آهن. هن محسوس ڪيو ته اهڙي نفرت سنڌ جي سماج ۾ اڳ ڪو نه هئي پر هن دفعي انگريزن ان کي ڀرپور نموني سان هوا ڏئي رهيا هيا.

عالمي لڙائيءَ جو چرچو هيو ۽ سنڌ اندر حر تحريڪ جو زور وڌندو پئي ويو ۽ هر طرف وطن يا ڪفن جا نعرا هيا پر حرن جي ناڪاميءَ کان پوءِ ته هندو مسلم نفرت اوج تي اچي وئي ڇاڪاڻ ته هندو ۽ مسلم جاگيردار ۽ سرمائيدار حڪومت جو ساٿ ڏنو هيو ۽ ن سڄي صورتحال جي پس منظر ۾ وري هندن کي هڪ پروپيگنڊا جي ذريعي نشانو بنايو ٿي ويو جيتوڻيڪ هو پاڻ هندو سرمائيدار ۽ جاگيردار خلاف جهيڙيندڙ هيو پر هيءَ صورتحال آهستي آهستي مذهبي نفرت ڏانهن وڌندي پئي وئي. آخرڪار صورتحال ايتري ته غير يقينيءَ واري هئي جو خبر ئي نه پئي پوي ته ملڪ يا پوري هندستان جو نقشو ڪيئن بيهندو ڇو ته برطانيه عالمي جنگ ته کٽي پر پاڻ ايترو ته ڪمزور ٿي ويو جو وڌيڪ پنهنجين بيٺڪن تي قبضو برقرار رکي نه پئي سگهيو.

برطانيه پنهنجي مستقل مفاد کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهو ضروري سمجهيو ته هندستان جو ورهاڱو ڪجي ۽ پوءِ هر طرف هندستان جي ورهائجڻ جا نعرا لڳڻ شروع ٿي ويا.

ان صورتحال کي محسوس ڪندي سندس وڏي ڀاءُ جيڪو هيو ته زميندار پر سرمائيدار هندن سان ياري هيس ان کي هو سڄي معلومات ڏيندا هيا ته هندو واپاري ڪلاس جو ڌڳ کهڙو هوندو پر انهن سيني جي ذهن ۾ هڪ ته اکنڊ ڀارت هيو ۽ ٻيو اکنڊ ڀارت کان وڌيڪ کين پنهنجي سرمائي سان پيار.

سندس ڀاءُ گهر ۾ اچي سندس ڪرسيءَ جي ڀرسان ائين ويٺس جڻ سندس ننڍو ڀاءُ هجيس.

ڀرسان ويهندي چيائينس، ”ادا، اسان به انڊيا لڏي هلون. سڀ پيا وڃن.“

”ڇا چيئي؟“ هن حيرت مان پنهنجي ڀاءُ کي ڏٺو.

”چون ٿا جلد ئي هندو مسلم فساد ٿيندا ۽ اسان جو وڏو نقصان ٿيندو.“ سندس ڀاءُ اڳڪٿي ڪندي ٻڌايس.

”اتي هلي ڇا ڪندو؟“ هن ڀهريائين ته پنهنجي ڀاءُ جي انت وٺڻ جي ڪوشش ڪئي.

”اسان انڊيا هلنداسين ۽ اتي هلي ڪري پنهنجي عقل سان راڄ ڪنداسين.“ سندس ڀاءُ ٿوري خوشيءَ واري انداز ۾ چيو..

”ٻلي، توهان وچي راڄ ڪيو پر مان سنڌ ماتا سان اهڙي غداري نه ڪندس.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي سڌو جواب ڏنو جيڪو عام حالتن ۾ نه ڏيندو هيو ڇو ته وڏي جي آڏو ڪڇڻ بدتميزيءَ ۾ شامل هيو پر سندس گهر جا ڀاتي هر سنجيده معاملي تي هن کان صلاح ضرور وٺندا هيا ۽ وري هن جي سياسي پيشن گوئي تقريبن صحيح ويندي هئي. اهو ئي سبب هيو جو سيئي سندس عزت ڪندا هيا ۽ هن جي ڳالهه جو دل ۾ به نه ڪندا هيا پر اڄ هو ٿورو اموشنل ٿي ويو هيو..

”هتي مسلمان توهان سان تعديون ڪندا ته پوءِ احساس ٿيندوَ ته منهنجو فيصلو صحيح هيو.“ سندس ڀاءُ سمجهائيندي چيس.

”ادا، پنهنجا ماري وري به ڇانوَ ۾ اڇلائيندا پر انڊيا ۾ هندو رڳو سنڌ ڪارڊ جي واهپي ۾ ئي آسيس ٿا پائين باقي...“ هن پنهنجي ڀاءُ کي سنڌ جي هندو مسلم اتحاد ۽ انڊايا ۾ سنڌي هندن جي ڪردار جي باري ڏانهن ڌيان ڏياريو..

”جڏهن هي مسلمان جاگيردار پنهنجيءَ تي ايندا نه، ته هو پنهنجي سڳي ڀاءُ کي به نه سڃاڻيندا آهن ۽ توهان وينا الائي جي کهڙيون ڳالهيون ڪيو.“ سندس ڀاءُ ڪلندي چيس.

”مان مسلمانن يا هندن جي ڳالهه نه ٿو ڪريان، مان پنهنجي ڌرتي ماتا جي ٿو ڳالهه ڪيان. منهنجو مسلمانن يا هندن سان ڪو ڪم آهي ڇا؟“ هن پنهنجي ڀاءُ تي ڌرتي جي پٽ هجڻ جي وارثي ڏيکاريندي چيو.

”سنڌ مان اڪثر هندو لڏين پيا. توهان ڇو نه؟“ هن جي ڀاءُ کان سواليه انداز ۾ پڇيو.

”منهنجي نظر ۾ سنڌ ڇڏڻ سڀ کان وڏي بيوقوفي آهي ۽ مان پنهنجي پيشانيءَ تي تي اهڙي پاڳلپٽي جو داغ کڻي گهمي نه سگهندس.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي پنهنجي اٽل فيصلي کان واقف ڪندي چيو،.

”مان نه ٿو چاهيان ته منهنجي مرتئي کان پوءِ منهنجي مڙه کي ائين ئي ڪنهن نديءَ ۾ لوڙهيو وڃي.“ سندس ڀاءُ سنڌوءَ جي نالي وٺڻ کان بغير چيو..

”مان عقلي طور تي اها ڳالهه ٿو چوان ته سنڌوءَ کان وڌيڪ پويتر ڪا به ندي نه آهي پوءِ اها گنگا ڇو نه هجي.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي ڪجهه جذباتي انداز ۾ چيو.

”ڇا مقصد آ تنهنجو؟“ هن جي ڀاءُ سخت لفظن ۾ ڪجهه اچا وڌيڪ چوڻ ٿي چاهيو پر ڀريان ماتا کي ايندو ڏسي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي ويو.

”ڇا ڳالهه آهي جو ٻنهي ڀائن جي منهن تي سنجيدگي ڇانيل آهي.“ سندس ماتا پنهنجي وڏي پٽ ڏي منهن ڪندي چيو.

”هي تنهنجو لاڏلو پٽ انڊيا نه ٿو هلي ٻيو وري ڇا آهي؟“ هن پنهنجي ماتا کي رڪائيءَ مان جواب ڏنو پر هڪ دم سندس منهن تي پشيمانيءَ جا آثار ظاهر ٿي

پيس.

”تون انديا چو نہ ٿو هلين. انديا تہ سڀ ڌرتيءَ کان وڏيڪ پوتر آهي. پوءِ آخر ڇو نہ؟“ سندس ماتا ڪانئس سوال ڪيو.

”ماتا منڙي، هي همراه وري ڇوي ٿو تہ سنڌو سڀ کان وڏيڪ پويتر آهي. هاڻي توهان ئي سمجهايوس.“ سندس ڀاءُ ٿوري ترش لهجي ۾ چيس.

هن پنهنجي ماءُ ڏانهن منهن ڪندي چيو، ”هي جيڪي هندو انديا لڏي پيا وڃن اهي واپارين جي ڏٺي تي پيا وڃن ۽ انهن واپارين جو ڪو بہ ڌرم نہ ٿيندو آهي سندن ڌرم ئي مايا ميڙڻ هوندو آهي.“ هن پنهنجي ڀاءُ ڏانهن منهن ڪندي سوال ڪيو، ”توهان ئي ٻڌايو تہ هنن مسڪين هندن کان پنهنجا پڪا ڇڏائڻ لاءِ هندو سرمائيدار ڪيتري نہ پروپيگنڊا ڪئي آهي.“

”هي سڀ مسلمانن جا ستايل آهن. نائون مل جي خبر نہ اٿئي ڪيئن ميرن سندس پيءُ جو طوهر ڪرايو هيو.“ وڏي ڀاڻس نائون مل وارو قصو دهرايو.

”اهو خود نائون مل جو ئي گهڙيل قصو آهي. ميرن جي مٿان رنجيت سنگهہ جو ايترو تہ دٻاءُ هيو جو هن تہ هندن سان هٿ چراند ڪرڻ جو وجهہ پئي ڳوليو. ياد اٿوَ جڏهن هڪ هندوءَ رنجيت سنگهہ جي ٽيڪ تي حيدرآباد جي ميرن واري مسجد جي سامهون اڪال پنگو ناهيو هيو ۽ اتي نماز جي وقت تي ڇڙا وڄايا ويندا هيا تہ ميرن ان هندوءَ سان وڙهڻ بدران ان مسجد ڪي ئي عورتن جي مسجد ڪري ڇڏيو تہ جيئن فساد ٽري وڃي ڇو تہ کين خبر هئي تہ جي هن هندوءَ سان هٿ چراند ڪنداسين تہ رنجيت سنگهہ سنڌ تي حملو ڪندو.“ هن ڀاءُ جي ڇهري ڏانهن ڏسندي چيو، ”ڀلا توهان ئي ٻڌايو، نائون مل ڪراچيءَ جي جوکين، نومڙين ۽ ٻين ذاتين کي شڪست ڇو ڏياري. ڇا انهن بہ هن جي پيءُ جو طوهر ڪرايو هيو ڇا؟ او ادا هي واپاري پنهنجي مفاد کي پهرين رکندا آهن ۽ پوءِ ان کي قانوني جواز ڏيڻ لاءِ من گهڙت سوال ۽ جواب ميدان تي آڻي ڌارين جي قبضي کي جائز قرار ڏيندا آهن. موکو پٽ وسايو، چنيسر، قاضي قاضن، ۽ نائون مل سڀ هڪ ئي کڙي اٿئي.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي نائون مل جو اصلي واپاري ذهنيت وارو چهرو ڏيکاريو جنهن جا مثال سيئي هندو واپاري ڏيندا هيا.

”ادا، فساد ڦڙڪيا تہ پوءِ سنڌ ۽ سنڌي وسري ويندءِ؟“ سندس ڀاءُ ٿورو کهري آواز ۾ چيو.

”مون کي پڪ آهي تہ سنڌي ايترا غيرتمند آهن جو اسان جي عزتن ۽ جان جي حفاظت ڪندا.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي يقين ڏياريندي چيو

”ادا، منهنجي تہ صلاح اٿئي انديا هل اتان ويهي سنڌ جي لاءِ جدوجهد ڪري سگهجي ٿي.“ ڀاءُ آخري حربو هلائيندي چيس.

”ادا منهنجا، انهن هٽ واڻين جي آسري تي نہ لڳجانءِ. هي انديا ۾ هلي ڪري پنهنجي ڪاروبار ۾ لڳي ويندا ۽ اڳتي هلي ڪري هنن جو اولاد سنڌي ئي ڪو نہ پڙهندو. هي هندو واپاري ان ماڻهوءَ سان وڙهندا جيڪو اتي سنڌ جي ڳالهہ ڪندو.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي سنڌي واڻين (واپارين) جي نفسيات ٻڌائيندي چيو.

ها، واقعي بہ هندو واپاري اهڙا آهن ڇا؟“ سندس ماتا پنهنجي وڏي پٽ کان پڇيو.“

”ڇا هندو واپارين سنڌ جي اندر ٻاهريون ناڻو آڻي سنڌ کي مالي طور تي مظبوط نہ ڪيو آهي. ڇا اوهان کي اها خبر آهي؟“ سندس ڀاءُ پنهنجي ماءُ ۽ ڪيس ٻڌايو،

هن پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. ”ادا، توهان سمجهڻ جي تہ ڪوشش ڪريو.“

”ادا، هن وقت تائين سندن ناڻي مان ڪنهن غريب مسلمان تہ ڇڏيو پر هندوءَ بہ فائدو نہ ورتو آهي. ها باقي هنن هندو واپارين حڪمرانن جي ڀرپور خدمت ڪئي آهي ۽ پنهنجي ناڻي جي سٺي طريقي سان پوڄا ڪئي اٿن. ڀلي ڪٿي تاريخ کي اٿلائي ڏسو.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي ڌيرج سان سمجهائيندي چيو.

”ڏس نہ ادا سنڌ ۾ مسلمانن جو وڏيرڪو ڪلاس اسان جو جيئڻ ئي حرام ڪري ڇڏيندو.“ سندس ڀاءُ بہ کيس نرم لهجي ۾ راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي..

”ادا، سنڌي ماڻهو پهرين سنڌي پوءِ صوفي ۽ پوءِ هندو ۽ مسلمان آهن.“ هن ڀاءُ کي مڃائڻ واري انداز ۾ چيو..

”ادا منهنجا، مسلمانن جو زميندارڪو ڪلاس اسلام جي آڙ ۾ فساد ڦهلائيندو.“ سندس ڀاءُ ليلائڻ واري انداز ۾ چيو..

”مان هيءَ پيشنگوئي ٿو ڪيان جيڪڏهن هندو حڪومت جي طرفان هٿرادو فسادن جي نتيجي ۾ پنهنجيون ملڪيتون ۽ زمينون ڇڏيندا تہ پوءِ اهي باقي رهجي ويل هندن جي لاءِ بہ مسئلا پيدا ڪندا.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي چتاءُ ڏيندي چيو..

”اهو وڏيرڪو ڪلاس گهٽي وقت کان وٺي اسان هندن جون زمينون تاڙيون ويٺو آهي.“ هن جي ڀاءُ کيس وڏيرن جي حرامپائيءَ جي ڳالهہ ڪندي چيو.

”...پر هندن جي حرامپائيءَ جي بہ تہ ڳالهہ ڪيو نہ!“ هن پنهنجي ڀاءُ کي ڪٽر هندن جي حرامپائيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو..

واهہ ادا واهہ اوهان تہ صفا هندن جي خلاف ٿي بيٺا آهيو.“ سندس ڀاءُ ميار ڏيندي چيس.“

”مان انهن هندو ۽ مسلمانن جي ڳالهہ ٿو ڪريان جيڪي انگريزن جا ٽائوٽ آهن ۽ پنهنجي قوم ۽ نسل جا دشمن آهن.“ هن پنهنجي ڀاءُ تي ٻنهي ڌرين جي حرامپائي ظاهر ڪئي..

”ادا، حر تحريڪ ۾ ڏٺوَ نہ ڪيئن هندن تي حملا ڪيا ويا.“ هن جي ڀاءُ هندن سان ٿيندڙ زيادتيءَ جي ڳالهہ ڪئي.

”حر تحريڪ ۾ غلام رسول شاهہ کي ماري سندس لاش جا ڳيا ڳيا ڪري وچ خيرپور ۾ اڇلايو نہ ويو ۽ ٻين سنڌي مسلمانن جا نالا حرن جي هٽ لسٽ تي هيا.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”اهو صحيح آهي پر اسان تہ هندو ڪميونٽيءَ جي ڳالهہ ڪنداسين نہ ڇاڪاڻ تہ حرن هندن جي ملڪيتن جي ڦر لٽ ۽ انهن جي جاني نقصان جا ذميوار هيا.“ سندس ڀاءُ شڪايت واري لهجي ۾ چيو.

”حرن انهن هندن کي قتل ڪيو يا سندن ملڪيتون برباد ڪيون جيڪي سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح سان انگريزن ۽ مسلمانن جي وڏيرڪي ڪلاس جا فنانسر هيا پر اوهان ڏٺو نہ تہ حرن ڪنهن بہ غريب هندوءَ کي ڪا رُهنڊَ بہ نہ ڏني هئي. جيڪڏهن اوهان وٽ ڪو اهڙو ثبوت آهي تہ مان هاڻي بہ حرن جي تحريڪ تي تنقيد ٿو لکان.“

هن جا لفظ ٻڌندي وڏي ڀاءُ چيس، ”توهان کان بحث ۾ تہ ڪٿي ڪو نہ سگهبو پر الٽو منهنجو انديا وڃڻ بہ وڃايوَ.“

”ادا، اسان ڌرتي جا پٽ آهيو ۽ سنڌ جا وارث آهيون. اسان ڇو ڀڄون. هاڻي پنهنجن واپاري ۽ زميندار دوستن کي سمجهايو تہ سنڌ نہ ڇڏين نہ تہ سنڌ جا هندو هميشہ جي لاءِ سنڌ لاءِ ترسندا.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي هندن لاءِ پيغام ڏنو.

سندن ماتا بہ ٻنهي جو بحث ٻڌي ڪري پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. هن وڏيڪ ڳالهائڻ مناسب نہ سمجهيو ڇاڪاڻ تہ هن جي زندگي بہ پنهنجي ٻچڙن سان سلهاڙيل هئي.

پاڪستان ٺهي ويو ۽ انديا ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي ۽ پناهگيرن جي آمد شروع ٿي وئي. ڪراچي سنڌ کان ڪسي مرڪز جي حوالي ڪئي وئي ۽ پوءِ مهاجرن جو رخ ڪراچيءَ ڏانهن ٿيو. هن نئين مخلوق جي پٺ ڀرائيءَ ۾ پاڪستان جي مهاجر وزير اعظم ۽ بيورو ڪريسيءَ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ ساڳئي وقت تي انهن ڪراچيءَ ۾ هٿرادو هندو مسلم فساد ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ اڳ ۾ اوڪڙو ويٺل هندو سرمائيدار انديا ڏانهن رخ ڪيو ۽ پنهنجي پروپيگنڊا ۽ اڪنڊ ڀارت جون ڳالهيون ڪري عام هندوءَ کي بہ انديا گهلي ويو. انهن هندن جي ڇڏيل زمينون ۽ جڳهون جن جا ڪاغذ هو پنهنجي هندن يا ڪنهن مسلمان دوست کي نالي ڪرڻ بدرا پاڻ سان گڏ کڻي ويا.

جڏهن لاهور واري پاسي هندو مسلم فساد ڀڙڪي اٿيا تہ انگريزن ٻنهي ڌرين کي جيڪي هڪ ئي قوم هيا مذهب جي نالي اهڙي تہ نفرت وڌي جو ٻئي آزاد ٿيل ملڪ تاحيات هڪ ٻئي جا دشمن رهن ۽ سامراجين جي ويٺا چاپلوسي ڪن تڏهن سندس وڏو ڀاءُ سندس ڪمري ۾ هلي آيس ۽ چيائينس، ”ڇا ٿو سمجهين؟“

”ادا، سنڌ جي بارڊر تي ڪي اهڙا فساد ٿيا آهن؟“ هن پنهنجي ڀاءُ کان سوال ڪيو.

”نہ يار!“ هن جي ڀاءُ حيرت مان جواب ڏنس.

”لاهور واري بارڊر تي ان جي ڪري فساد ٿا ٿين جو ٻنهي ملڪن جي عوام کي گڏ رکيو ويو تہ اهي دنيا جي وڏي طاقت ٿي ابرندا ۽ هاڻي ٿيندو هيئن جو پنجابي ۽ مهاجر بيوروڪريسي انديا سان ٺاهہ نہ ڪندي ڇاڪاڻ تہ ٻنهي پاسن کان لکين بي گناهہ انسان مارجي ويا آهن ۽ ائين عالمي طاقتن جي هٿن ۾ پيا ڪيڏندا.“ هن پنهنجي ڀاءُ کي سمجهائيندي چيو.

پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ ايوب جي مارشل لا تائين هو جيل جي هوا بہ کائي آيو ۽ ايوبي آمريت ۾ پورهيتن ۽ هارين جي حقن جي جدوجهد ۾ کيس وري جيل جي هوا کائڻي پئي هيس. جنرل ٽري ڊبليو جي دور ۾ بہ فرار هيو ۽ وري ذوالفقار ڀٽو جي عوامي دور ۾ بہ جيل کيس سڏيندو رهيو ۽ هن بہ انڪار نہ ڪيو. جنرل ضياءَ جي دور ۾ جڏهن سياسي قيدين کي آزاد ڪيو ويو تہ هو بہ آزاد ٿيو. هن کي جيتوڻيڪ ٻئي وڏيون آفرس ڪيون پر هو ڪيرٽر وانگر اڏول رهيو.

”ادا مان ته چيو ماڻ ته پاڪستان ۾ توکي تڪليف ايندي.“ سندس وڏي ڀاءُ ميار ڏيندي چيس جيڪو هاڻي مرڻ جي ڪنڌيءَ تي هيو.

”ادا، هاڻي انديا ۾ سنڌين جو حشر ته ڏس نه. انهن جا ٻار به سنڌي نه ٿا ڳالهائي سگهن. هڪ سنڌي ته نائب وزير اعظم به ٿيو پر هن سنڌين جي لاءِ ڪيو ڇا؟“ هن پنهنجي ڀاءُ کي سنڌين کي انديا ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين جي باري ۾ ٻڌايو.

”ادا، تو کان ته بحث ۾ ڪٿي ڪو نه سگهبو نه.“ سندس وڏي ڀاءُ هار مڃي اٿيو.

هاڻ هي ايترو ته ڪراڙو ٿي ويو هيو جو اخبار يا ڪو ڪتاب آتشي شيشي سان پڙهندو هيو ياي وري ڪو ٻيو ڪيس پڙهي ٻڌا.يندو هيس پر هن جي دل ۾ سنڌ جو عشق اڄ به هڪ الهڙ جوان وانگر سانديل هيو.

هن هڪدم پاڻ کان سوال ڪيو ته ڇا مان پٽ ۽ نياڻي جي جهيڙي کي نه سلجهائي سگهندس جڏهن ته جيل به مون کي نه جهڪائي سگهيا.

هي اٿيو ۽ سڄو گهر جي اڱڻ تي ٻيٺو جتي اڃا اهو بحث هلي پيو ته بابا جا ڪتاب ڪير ڪٽندو.

”بند ڪيو بڪواس.“ هن اوطاق مان واپس ايندي وڏي گرجدار رڙ ڪئي.

سڄي گهر ۾ خاموشي ڇانئجي وئي ۽ ڪنهن کي به ڪڇڻ جي جرئت نه ٿي.

”اڙي، اوهان ڇا سمجهيو ته مان ڪمزور ٿي ويو آهيان. مون کي منهنجو ڀاءُ ۽ جيل نه جهڪائي سگهيا ۽ اڄ اوهان منهنجي سامهون ڪتابن تي وڙهي مون کي ڪمزور ٿا ڪيو. هن جي لفظن سان هن جو ساه تيز ڪڇڻ لڳو پر وري ڳالهائڻ شروع ڪيائين، ”اوهان سمجهو ٿا ته مان هندو آهيان، ڪميونسٽ آهيان جو اوهان منهنجا ڪتاب ڪٽي مندر ۽ پنهنجي لائبرريءَ ۾ سينگاري رکندا.“

سيني کي ڪروڌ وارين نظرن سان ڏسي پنهنجي لٺ هٿ ۾ ڪري پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳو ته سڀ گهر جا ڀاتي پويان اچڻ لڳس.

انهن سيني تي هڪ نظر وجهي سڏو ٿي ٻيٺو ۽ ڪين تنبيهه ڪندي چيائين، ”اڙي، مان سنڌ آهيان، ٻڌو ٿا نه؟“

سڀ خاموشيءَ مان هن ڏانهن نهارين ٿا.

”اڙي، مان سوڀو آهيان. مون کي رشتا ناتا ورهائي نه سگهيا ۽ اوهان منهنجي سامهون هيئن ڪتابن جي ورهاست ڪري مون کي جيئري دفن ڪرڻ ٿا چاهيو.“ اهي لفظ چوندي هن جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ هڪ دفعو وري چيائين، ”اوهان سنڌ ، سوڀي ۽ علم کي ورهائي نه ٿا سگهو.“

...۽ پوءِ پنهنجي لٺ جي سهاري سان گهر کان ٻاهر نڪري آسمان ۽ ماڻهن کي ڏسندي چيو، ”هي ماڻهو ڀلي نه سڌرن، ڀلي سنڌ جي ڳالهه نه ڪن پر آهن ته سنڌي نه. هڪ ڏينهن هي منهنجو آواز ضرور ٻڌندا.“ ■



اڙي...

فياض بلوچ

هو رات جو اوچتو ننڊ مان اُٿي ويٺو. پنهنجي منهن ڳالهائڻ شروع ڪيائين. سندس چرپر تي گهر ڀاتي جاڳي پيا. هن کان پڇيائون، ’طبيعت صحيح آهي نه؟‘

’پانيان ٿو ڪجهه گهوٽالو آهي.‘ هن وراڻيو.

ٻئي ڪمري مان سندس نوجوان پٽ ڪيهر کي سڏ ڪيائون. هن پڇيو، ’بابا ڇا ڳالهه آهي؟‘

’ڪيهر بابا، ڳالهه ٻُڌ- هن اليڪشن ۾ مان بيهندس - پنج سال تون هُئين هاڻ وري مان بيهندس.‘

هن چيو، ’پر بابا، تون هاڻي پوڙهو ٿي ويو آهين. تنهنجو هلڻ به ڏکيو آهي.‘

’ڪيهر پٽ ڇو؟ پاڻ وارو نگران وزيراعظم مون کان به وڏو آهي. مان پارٽي سان وڏن کان وٺي نڀائيندو ٿو اچان!ٽي چار دفعا جيل ويو آهيان ۽ منسٽر پي رهي چڪو آهيان.‘

ڪيهر پيءُ کي سمجهائيندي چيو، ’بابا هاڻي ماڻهو سجاڳ آهن- اڳي تو اليڪشن پارٽي اڳواڻ جي صلاحيت ڪري کٽي هئي، هاڻ ائين نه ٿيندو. تو ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ حصو ورتو ليڪن ماڻهن جا لاش کڻڻ بجاءِ اُتي ڦٽي ڪري پڇي آيو هئين.‘

ڪيهر وڏيڪ چيو، ’ٽيڪس ۽ بل به رهيل هئا جيڪي مون ڀرياريا آهن. هاڻي منهنجو به حق آهي- ۽ ٻيو ته ڪوڙ وقت ٿي ويو آهي. مون اسلام آباد جون ٽڏيون هوائون نه کاڌيون آهن، نه وري مست جوانيون ڏٺيون آهن.‘ پٽس چيو.

’بابا، هاڻ سمهي پئو صبح جو ڏسنداسين. پارٽي سان ڳالهائينداسين.‘

’نه بابا، هينئر فون ڪر ۽ پڪ وٺي ڏي. تو جيڪو به ڪمايو، انهيءَ مان تو مونکي ذرو به نه ڏنو سڀ ٻوڏ جي ۽ ترقي جي ڪمن جا پئسا هضم ڪري وئين.‘

’ايئن نه چئو پٽ، مونکان سيني پنهنجا حصا ورتا- مسٽر ٽين پرسنٽ ايئن ٿورئي راضي ٿيندو. هو چوندو هو ٺڪر پٿر ڪپايو پر منهنجي پورت ڪيو. بابا تون ته ريلوي جا لاهه ڪڍي ڇڏيا، ترقياتي ڪمن جا افتتاحي بورڊ هٽائي ۽ ايم آر ڊي جي شهيدن جا پئسا امان جي بيماري تي لڳايئي.‘ ڪيهر چيو.

’اڙي بابا، مان ضرور بيهندس منهنجا سمورا رفيق ساڳيا آهن انهن کي ووٽ ملن ٿا. ماڻهو ووٽ ڏيندا.انڪم سپورٽ ، وطن ڪارڊ ۽ ٻيو مال خاص خاص ماڻهن کي ڏنو آهي. اهي ووٽ ڏياريندا ۽ ڏنڊو گهمائيندا .‘ هن چيو.

ڪيهر ڪيس آرام ڪرڻ لاءِ چيو، افسر ننڊي ٻار وارو آٿو نه پئي ڇڏيو. ڪيهر ڪيس چيو، ’پلا توکي ڪنهن ٻي پارٽي جي ٽڪيٽ وٺرائي ڏيان ٿو. انهيءَ جي به عوام ۾ سٺي مقبوليت آهي. ان سنڌ جي مسئلن تي ڀرپور سياست ڪئي آهي. اسان ٻٿو نظام ٺاهيو انهن ڍهرايو ۽ ٻيٺن جي نيلامي رد ڪرائي.‘ ڪيهر چيو.

’پر پٽ، ماڻهو اسان جي نه ٻڌندا. اسان ٻين جي ڪمائي تي سندرو ٻڌيون ويٺا آهيون. چڱو تون سُمهي پئُ.‘

ڪيهر هِن کي آرام جون دوائون کارائي سمهاري پنهنجي ڪمري تائين مس پهتو. پويان نوڪرياڻي ڊوڙندي آئي، ’صاحب کي الائي ڇا ٿي ويو آهي؟‘

ڪيهر کي پڪ ٿي وئي بابا نه مُڙندو. هيڪاندا ٽيڪس هن جي نالي، بينڪ لون رهيل اٿس ۽ الائي ڪيترن پلاٽن تي قبضا اٿس هِيل ته قانون به مست ٿي پيو آهي. چڱن ڀلن جا جج پٽڪا لاهي رکيا آهن.‘

اهو سوچيندو اندر پهتو ۽ افسر جي حالت ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيس. گهر جا ڀاتي پريشان ٿي ويا. هن جي ذهن تي ماءَ جي تصوير تري آئي. جڏهن ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران سندن پيءَ جيل ۾ هو ته هو گذاري وئي هئي. ائين پي سوچيائين، ’بابا کي کهڙي به حال ۾ بچائڻو آهي.‘

هن ڊاڪٽر کي فون ڪئي، ڊاڪٽر پهچي ويو. انجيڪشن لڳائي ڪيس هوش ۾ آندو ڊاڪٽر ٻڌايو، ’صاحب کنهن صدمي سبب بيهوش ٿي ويو، ساڳي ڳالهه دوهرائي وئي ته سندس زندگي کي خطرو آهي.‘

ڪيهر موبائيل ڪيسي مان ڪڍي ڪنهن هاءِ پروفائيل شخصيت سان حقيقت بيان ڪئي جنهن ڪيس پنهنجي سيٽ پيءَ کي ڏيڻي ڪئي ۽ ڪيس ٻئي علائقي ڏانهن منتقل ڪيو.

ڪيهر خوش ٿيو ۽ افسر کي ٻڌايائين، ’سيٽ ملي وئي آهي پر ڪجهه وڌيڪ خرچ ڀرڻو پوندو، افسر جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي ۽ هن کي پراڻا ڏينهن ياد اچڻ لڳا. اُهي ڏينهن جڏهن ريل جي ڊبي ۾ ويهي ماڻهن کي بليڪ ميل ڪندو هو.

هن کان اوچتو چرڪ نڪري ويو، ’ڇا ٿيو بابا؟‘ ڪيهر پڇيو.

افسر مايوس ٿيندي جواب ڏنو، ’ڪٿي ڪراچي ۾ دهشتگردي جو شڪار نه ٿي وڃان؟‘

’توکي بابا وهم آهي. هاڻي آرام ڪر. رات باقي وڃي بچي آهي. ڪراچي ۾ غريب ٽارگيٽ ڪلنگ جو شڪار ٿيندا آهن. ۽ هو مارڻ وارا پاڻ سفر ۾ پارٽنر آهن. تو آرام ڪر. صبح جو فارم ڀرائبو.‘ افسر ٿاپر ۾ آيو.

پر سوچون ڪيس ڇڏن ئي نه پيون، پراڻيون يادون- ’سرڪاري گاڏيون، بنگلا، عياشيون، عمره ۽ حج جا نظارا. ماڻهن جو منٿون نوڪرين لاءِ.‘ ائين سوچيندي ڪيس ننڊ ورائي وئي. ■



مبارڪون

سوجهرو ساٿي، مشهور ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ڊراما نويس محترم محمد علي پٺاڻ جي اڪيلي نياڻيءَ جي شادي مبارڪ تي، ڪيس واڌايون ڏيون ٿا.

-ادارو

مارڪسزم ۽ انقلاب...



رضا لانگاهه

ڪارل مارڪس اهو فلاسافر آهي، جنهن جي فڪر جو بنياد عمل تي ٻڌل آهي. فڪر ۽ عمل جو پاڻ ۾ انتهائي گهرو رشتو آهي، جنهنڪي مارڪسي فلسفي ۾ جدلياتي رشتو سڏيو ويو آهي. هيءُ رشتو پاڻ ۾ تڪميل جو رجحان به رکي ٿو ته مخالفت به ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته جدليات ۾ ٽڪراءُ جي علم ڪي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. جدلياتي علم ۾ شين ڪي هڪ پاسي (oneside) ڪان نه پر ٻنهي پاسن ڪان (Both Sides) ڏسبو آهي. مارڪس جيڪو به فڪر ڏنو آهي، ان ڪي هن حتمي يا آخري ناهي سڏيو. ڇوته مارڪسي فلسفو جدلياتي ۽ سائنسي علم تي يقين رکندڙ آهي. انهيءَ ڪري سارتر چيو هو، 'مارڪسي نظريي جي ترديد تاريخ جي موجوده دؤر ۾ ممڪن ڪونهي.'

مارڪسي فلسفو انسان جي اشتراڪي انقلاب جي روشن مستقبل لاءِ هميشه ڪوشان رهيو آهي. هن جي اشتراڪي انقلابي فلسفي ۾ سماجي طبقاتي نظام جي ڀرپور نشاندهي ٿيل آهي. جيڪا هن غير طبقاتي معاشري اندر انسانن جي عڪاسي ڪري ٿي. مارڪس جي پوري جدوجهد پورهيت ڪلاس جي ماڻهن سان جڙيل آهي. جيڪا اشتراڪي منزل ڏانهن پهريون قدم هجي ٿي. انهيءَ ڪري مارڪس چيو هو،

"Let the ruling classes tremble at a communist revaluation. The proletarians have nothing to lose but their chains, they have a world to win."

(يل ته اقتداري طبقا ڪميونسٽ انقلاب ڪان لرزي پون. پورهيت ڪي ته ڪجهه به ناهي وڃائڻو، سواءِ پنهنجي (غلامانه) زنجير جي. انهن ڪي هڪ دنيا فتح ڪرڻي آهي.)

مارڪس ڪنهن به سرمائيدار ڪي مارڻ نٿو چاهي نه وري انهيءَ عمل تي يقين به رکي ٿو. هُو صرف طبقاتي نظام جو خاتمو چاهي ٿو. ڇاڪاڻ ته طبقاتي نظام ۾ جيڪو پورهيت ڪلاس (Proletaria Class) جو استحصال ٿئي ٿو يا ان ۾ جيڪو انسان دشمنيءَ جو اُڀار نظر اچي ٿو. ان ڪي مارڪس سماجي توڙي انساني استحصال سڏيندي رد ڪري ٿو.

مارڪس ان ڳالهه کان چڱيءَ طرح واقف آهي ته هن بدبودار ۽ غير انساني معاشري ۾ پورهيت ڪلاس جي استحصال ۾ سرمائيدار ۽ اقتداري ڌُر جي طاقت شامل آهي. جنهن ڪي ڪنهن به پندت توڙي پادريءَ جي تبليغ سان بدلائي نٿو سگهجي. پر طاقت ڪي طاقت جي زور تي جهڪائي، اشتراڪي انقلاب جي راهه هموار ڪري سگهجي ٿي.

بورجوا مفڪرن ۽ دانشورن مارڪس جي اهڙي انقلابي سوچ جي سدائين نفي ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته مارڪس جي اهڙي اشتراڪي انقلاب ۾ سندن غير انساني مفاد مجروح ٿين ٿا. بورجوا مفڪرن جو فلسفو ڪڏهن به انسان ذات جي ڀلائيءَ ۾ ناهي رهيو. هو عملي طور تي هميشه انسان دشمنن جو ساٿ ڏيندا رهيا آهن ۽ انهن جا هٿ مضبوط ڪندا رهيا آهن. اهڙي انسان دشمن عمل ۾ بورجوا مفڪر پنهنجي ڀلائي سمجهن ٿا ۽ مطمئن رهن ٿا.

اها حقيقت آهي ته ڪنهن به انقلاب ۾ ڪونه ڪو مقصد شامل هوندو آهي. پوءِ اهو انقلاب منفي هجي يا مثبت. بغير مقصد جي ڪو به انقلابي، انقلابي نٿو رهي. ڪارل مارڪس جي نزديڪ 'انقلاب هڪ بامقصد عمل جو نالو آهي.' اهو عمل جڏهن اشتراڪي انقلاب جو روپ ڌاري ٿو ته هڪ نئين دنيا (New World) جنم وٺڻ شروع ڪري ٿو.

ڪارل مارڪس چواڻي، 'انقلاب ٻن قدرن جو درمياني فيصلو آهي. يعني پُراڻن قدرن (Old Values) ڪي ٽوڙڻ ۽ نون قدرن (New Values) ڪي تخليق ڪرڻ.

مارڪس جو دنيا جي انهن عظيم فلاسافرن ۾ شمار ٿئي ٿو. جن سدائين انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪيو آهي. مارڪسي فلسفي جي اشتراڪي انقلاب ۽ اخلاقيات ۾ پورهيت طبقي جي محنت ڪي عظمت مليل آهي ۽ سرمائي (پيسو) ڪي پورهيت طبقي جي محنت جي تابع ڪيو ويو آهي.

مارڪس جي اهڙي قسم واري فسلفي ڪي بورجوا مفڪرن رد ڪيو آهي. ڇوته بورجوا مفڪر سمجهن ٿا ته جيڪڏهن (سرمايو) محنت جي حوالي ٿي ويو ته پوءِ سندن فڪر ڪي ڪاپاري ڌڪ لڳندو. ان ڪري اهڙي ڪاپاري ڌڪ کان بچڻ لاءِ بورجوا مفڪر هر لحاظ کان مارڪس جي نظريي توڙي فلسفي ڪي ڪڏهن به مڃڻ لاءِ تيار نه آهن.

محنت ڪي سرمائي تي تڏهن فوقيت حاصل ٿي سگهي ٿي. جڏهن پورهيت طبقي ڪي پنهنجا حق ڏنا وڃن. ڪنهن به پورهيت وٽ پنهنجي روزگار لاءِ نه پيسي جي طاقت هوندي آهي نه وري پيداواري وسيلا. هن جي هٿ ۾ صرف (محنت) هجي ٿي، جنهنڪي وڪڻي پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪري ٿو. اهو عمل مستقل نه پر عارضي هجي ٿو.

سرمائيدار گهٽي محنت جي عيوض پورهيت ڪي گهٽ اُجورو ڏئي ان جو جيڪو استحصال ڪري ٿو. مارڪس سرمائيدار جي اهڙي استحصال ڪي انصاف دشمن سڏيو آهي ۽ مسئلن جو حل وسيلن جي ڳولا ۾ ڏسي ٿو.

وسيلا ته هميشه سرمائيدارن جي ڪنٽرول (ضابطي) ۾ هجن ٿا. ان ڪري پورهيت طبقو ڏينهون ڏينهن غريب ۽ سرمائيدار طبقو امير بڻجي عيش ڀري زندگي گذاري ٿو.

سرمائيدار جي اهڙي قسم جي سوچ دنيا اندر ٻن وڏين عالمي جنگين ڪي جنم ڏنو. جن ۾ ڪروڙن جي تعداد ۾ بي گناهه انسان مارجي ويا. هيڏي وڏي حادثي ڪانپوءِ به سرمائيدار جي سوچ ۾ ڪا به تبديلي ناهي آئي. روزانو هزارن جي تعداد ۾ انساني رت وهي رهيو آهي. پر سرمائيدار رڳو سرمائي ڳڏ ڪرڻ ۾ پورا آهن. اهڙي حالت ۾ مارڪسي اشتراڪي انقلاب جو هجڻ لازمي آهي. هن حقيقت ڪي مڃڻ گهرجي ته سرمائيدار هميشه انفراديت ڪي برقرار رکڻ لاءِ اجتماعيت جو قتل پئي ڪيو آهي. ڇوته اجتماعيت ۾ عام انسانن سان گڏ پورهيت طبقو (Proletaria Class) پڻ شامل هجي ٿو. جنهن ڪي سرمائيدار طبقي ڪڏهن به دل سان قبول ناهي ڪيو ۽ نه ڪرڻ جو مُوڊ (Mood) ۾ آهي. اهڙي ناجائزي رڳو پيداواري وسيلن تي قبضي ڪي برقرار رکڻ لاءِ هجي ٿي. جنهن ڪي ڪو به سرمائيدار ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي ۽ مارڪس وري اهڙي گندي سوچ ۽ گندي نظام (System) جو اشتراڪي انقلاب جي ذريعي خاتمو چاهي ٿو، جيڪو ٿيو آهي ۽ ٿيندو. ■



ساٿي محبوب

نظم

نه خدا ٿي
نه جدا ٿي
نه غرور ذهن ۾ آڻ مني
مون ڪي روح سچي سان ماڻ مني

تون پياس نه ڏي
بنواس نه ڏي
پنهنجي لفظن ۾ ڪوڙاڻ نه ڀر
۽ اندر ۾ ڪاراڻ نه ڀر
تون منهنجي آن اهڃاڻ مني

تون ڏاهي ٿي
۽ واهي ٿي
جن راتين ۾ مون پنڌ ڪيو
۽ خوشبو خوشبو هنڌ ڪيو
ان راتين ڪي واڪاڻ مني

تون ڪل ته سهي
۽ مل ته سهي
مان وڇوڙن جا رُخ موڙيان
۽ چواٽن جا ڏڪ روڙيان
تي جيون ۾ سرهاڻ مني

اڪ چور نه تون
۽ تور نه تون
منهنجا ڏوهه ثواب لکن ۾
چئي ڏي جيڪو تنهنجي من ۾
ڪڏ من مان تو ماڻاڻ مني
مون ڪي سچي سان ماڻ مني. ■

عشق ٿو مون ۾ نچي...

انگريز نثر نويس سئميوئل بلٽر چيو هو، 'ماڻهوءَ کي ڪوئي عظيم ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ نهايت محنتي ٿيڻ ضروري آهي.' ۽ لطيف سرڪار چيو هو،

تتيءَ ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي.

سو تخليقي ڪم بہ آسانيءَ سان ويهي نٿو ڪري سگهجي ان لاءِ مطالعي جا پٿر ڏارڻا پون ٿا. ڏکھو ۽ طويل پورهيو درڪار آهي. ڏکھي مشق ۽ گهري مشاهدي جا سمنڊ جهاڳڻا پون ٿا، تڏهن ئي ڪا پوري ۽ نج تخليق جنم وٺي ٿي. انساني سوچ جو عظيم سڏ پوءِ ئي ڪنن ۾ ڪماليات جو گيت ٿي پهچي ٿو. ورنہ ماڻهوءَ جي سڄي ڪئي ڪمائي واريءَ تي پير وانگر آهي.

سنڌي شاعري هِن وقت تائين ڪيتري ڪماليات جا سج اُڀاري چُڪي آهي اُهو اسان سيني جي اڳيان شيشي جي گلاس ۾ پيل پاڻيءَ وانگر چٽو آهي. شاهہ صاحب جي عظيم شاعراڻي پورهئيءَ ڪانپوءِ ڇا اسان سندس ڏنل واٽ تي رڳو پنهنجا پير سلامت رکي سگهيا آهيون؟ اهو سوال ڏاڍو ڏيان ڇڪائيندڙ آهي ۽ ان جو جواب ڏاڍو ڏڪائيندڙ آهي. ان تي نهايت ئي سنجيد گيءَ سان سوچڻ جي ضرورت آهي. اٽڪل ٽن صدين جي سنڌي شاعراڻي دور ۾ اسان وٽ شاهہ صاحب جو عظيم پورهيو اسان کي زنده رکيون ويٺو آهي نہ تہ اسين ڪڏهوڪا ختم ٿي وڃون ها. پيٽائيءَ کي پاڻ سان تورڻ وارا الاءِ ڪاڏي گم ٿي ويا، بحث رڳو اُهو آهي تہ اسان پنهنجي ان عظيم ورثي کي بہ سنڀالي ناهيون سگهيا پر جي ڪٿي ڪنهن ڪا ٿوري ڪوشش ڪئي بہ آهي تہ اسين واڳون وارو وات ڦاڙيون ويٺا آهيون ۽ ميڃڻ لاءِ تيار ئي ناهيون. خير اهي سڀ ڳالهيون نهايت ئي وزندار آهن پر هڪڙي روشنيءَ جي ننڍڙي لاٽ اڄ بہ هوائن جي تيز جهوٽن ۾ ٻري رهي آهي. نئين ٽهيءَ جي وٽ آهر ڪوشش نيون اميدون ضرور جاڳائي رهي آهي. اهڙي ئي ڪوشش اسان جو پيارو دوست مرتضيٰ قل بہ ڪري رهيو آهي. سندس پهرين وک يا ڪوشش، 'عشق ٿو مون ۾ نچي' جي صورت ۾ سنڌ جي خماريل هوائن ۾ خوشبو ٿي وکري وئي آهي. سندس پهريون شعري مجموعو نئين جوان ڇوڪريءَ جي شرميلي مُرڪ وانگر حياءَ سان ڀريو پيو آهي. مرتضيٰ قل پنهنجي شعري سفر جو ڪافي عرصو مون سان گڏ گذاريو آهي ان لاءِ سندس شاعريءَ تي لکڻ مون لاءِ ٿورو آسان ٿي پيو آهي ورنہ ڪنهن بہ احساس جي تشريح ڪرڻ لاءِ ڏکھا دليل منطق، حوالا ۽ پوري داخلي ۽ خارجي ڪيفيت جو جائزو وٺڻ لازمي آهي. اُن لاءِ دنيا ۾ شاعري تي اڄ ڏينهن تائين ڪو آخري جملو چوڻ وارو نقاد ڄائو ئي ڪونهي.

ايلٽ شاعريءَ تي ٽي وڏا ليڪچر ڏيڻ ڪانپوءِ جڏهن هال کان ٻاهر نڪتو هو تہ هن اهي جملا چيا هئا،

"مان اڃا بہ نہ ٿو ڄاڻان تہ شاعري ڇا آهي؟' پر شاعري جيڪا بہ آهي عام انساني دماغ جي حد کان اوچائي تي چمڪندڙ اُها ڪير ڏارا آهي جنهن جو حُسن پرکڻ لاءِ فرشتن جون اکيون گهرجن. نہ ڪي واڍن ۽ لوهرن جون اکيون. اسان وٽ تنقيد شاعريءَ مان رڳو خاميون ڪڍڻ لاءِ ڪئي وئي آهي نہ ڪي ان جون خوبيون ڳولڻ جي ڪڏهن ڪنهن نقاد ڪوشش ڪئي آهي- نہ تہ شاعري دنيا جو انوکو (Subject) آهي جنهن ۾ ڪائنات جو پورو جمال جرڪي ٿو تہ سارو ڪمال مُرڪي ٿو.

مرتضيٰ جي شاعريءَ ۾ بہ اهڙو جمال بہ آهي تہ ڪمال بہ آهي رڳو ان تي سوچڻ جي ضرورت آهي. مرتضيٰ جي غزل ۾ جيڪا رنگيني آهي، جيڪي موضوع آهن، ۽ جيڪو لهجو آهي اُهو غزل جو غير روايتي ۽ انوکو (pattern) هاڻي ڪيس الڳ سڃاڻپ ڏين ٿا.

نيڻن جو سنسار چئي ٿو ترسي پئہ
رات ڏکھي آ پيار چئي ٿو ترسي پئہ
تنهنجا پاڪر ننڍڙا ننڍڙا رانديڪا
منهنجي دل جو ٻار چئي ٿو ترسي پئہ

جتي مرتضيٰ جي غزل ۾ فني پختگي ۽ علم عروض جو جامع استعمال آهي اُتي خيال جو ڪينواس بہ خوبصورت آهي. عشق حُسن جي آڏو هميشہ عاجزيءَ جو عنصر رهيو آهي. پيار ۾ هميشہ عاشق وٽ محبوب لاءِ نوڙت ۽ نيازمنديءَ جو رستو آهي. شاهہ سائين بہ چيو هو، 'آئون راڻا رهہ رات' سو شاعري جي حسناڪين ۽ مجموعي ادارڪ تي پهچڻ اهو بہ هڪڙو نرالو فن آهي.

تون نہ گهٻاءِ اي پرين ايڏو
پيار آزادگي آ ڇار ڪونهي ڪو

هتي شاعر ڪنهن بہ ابهام ۾ ڦاٿل نظر نٿو اچي جو سندس پڙهندڙ سندس سٽن جي منجهيل سٽ کي سلجهائيندو رهي. خيال وائڪو، انوکو ۽ خوبصورت آهي. پيار جي اهڙي تشريح مون اڳ ناهي پڙهي.

روح رولي ڏنو پنهنجو
زخم ڪولي ڏنو پنهنجو
ڪالهہ جيڪو وڃايو اڄ
درد ڳولي ڏنو پنهنجو

غزل جو اهڙو فارميٽ غزل جي چند شاعرن وٽ آهي. ان فارميٽ ۾ سنڌي غزل وڌيڪ خوبصورت لڳندو آهي. اهڙي ئي ننڍڙي وزن تي اڳ بہ چند شاعرن جي مشق ٿيل آهن ۽ ان مشق ۽ پورهئي کي غزل جي



حفيظ باغي

صنف ۾ جيڪا پذيرائي ملي تنهن غزل کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو.

حياتي جون اکيون ميريون ڪجل جي ريهہ لئہ ترسن
دلين تي بار آ هلڪو اکين مان ننڊ اڏري وئي.

خوبصورت خيالن جي خوبصورت منظرنگاري آهي. مضبوط فني بيهڪ ۽ ٻهي سٽن جي مفهوم ۾ شاعراڻي حيراني سمايل آهي.

مرتضيٰ جي شاعريءَ ۾ لفظن جي ترتيب ۽ انهن جو ترنم سان گڏ خيال جو اثرائتو ۽ گهرو انداز ۽ پيشڪش مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هن وٽ هڪ سٺي ۽ اعليٰ شاعر ٿيڻ جون صلاحيتون موجود آهن.

ڏس بچايون ٿو وتان پنهنجو ضمير
ڪئين ٿيان نيلام تنهنجي شهر ۾.

سندس مٿين سٽن مان شاعر جي مُراد اهائي آهي تہ هو نيلامي کي پنهنجي ذات لاءِ هڪ شرمساري محسوس ڪري ٿو اُهو خيال شاعر جي ذهن ۾ اُن ڪري بہ ڦري ٿو تہ معاشري ۾ انسان جي عزت ۽ آبرو، نفس ۽ ماڻهپو ۽ حيثيت ڪيس پياري آهي. ماڻهو مانيءَ لاءِ زندگي نٿو گذاري، پري عزت لاءِ جاکوڙي ٿو.

شاعريءَ جي وسيع تشريح ۽ بي انت ۽ نہ کٽندڙ وضاحتون آهن. ڪائنات جي پوري دليلن کي سهيڙي بہ شاعريءَ کي ڪا حتمي راءِ نہ ٿي مڙهي سگهجي.

اندر جهاتي پائي ڏس تون
تنهنجي دل جي جر ۾ آهيون.

جرڪا بہ اونهائين ۽ گهري مطع آهي جيڪا گهٽي پاڳي ان اصطلاح ۾ ڪتب اچي ٿي تہ ان حد مقرر نٿي ڪري سگهجي. پا ائين ڪٽي چئجي تہ تمام گهرو حصو مرتضيٰ دل جي اونهائين تائين جهاتي پائڻ واري تصور کي تمام خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي. اهڙي ڪوڙ شاعري مرتضيٰ قل جي ڪتاب ۾ موجود اُهي جنهن کي پڙهي ڪري اُهو چئي سگهجي ٿو تہ هو ايندڙ وقت ۾ نوان تجربا ۽ نيون ترڪيبون ڏئي پنهنجي تخليقي اظهار کي اڃا بہ سگهارو ڪندو. شاعريءَ جي نہ ڪا شروعات آهي نہ ڪو انت. شاعريءَ بس ڪائنات جي خوبصورتيءَ جو (Central Idea) آهي. ■

رجب ٻگهيو

نازڪ تنهنجن پيرن تي مان پنهنجا نيڻ رکڻ ٿو چاهيان
هيءَ عبادت مون لئہ افضل صُبح شام ڪرڻ ٿو چاهيان
گيت، غزل يا وايون دوها بيت هُجن يا هائيڪا
مان تنهنجن نيڻن جهڙو جاني تن ۾ رنگ پرڻ ٿو چاهيان
هونئن حياتي ساري تنها، مون تہ گذاري آهي روئڻ ۾
مُنهن لڪائي وارن ۾ مان تنهنجي هاڻ روئڻ ٿو چاهيان
ڪَوتا ڪُنوار کي ويسُ گُلابي روز پرين ڏِسُ پهرائڻ لئہ
ٻاڙهن ڳلڙن تنهنجن ڪان مان اندلت رنگ وٺڻ ٿو چاهيان
موهہ جي مُرلي ساڻ ڪري، مان جوڳيءَ جهڙو رُوپ وٺي
سُونهن جي سَئِڻ هٽڻ لئہ سائڻ دَر تي تنهنجي اچڻ ٿو چاهيان
ريسٽورنٽ جي ڪُند ۾ ويهي، چانهہ گرم مان سِپ پريندي
گهايل تنهنجن نيڻن ۾ مان، پنهنجو عڪس ڏسڻ ٿو چاهيان.

❊

هڪڙي شام جُهڙالي هوندي
پُرنم ديد سوالي هوندي
تنهنجي بدن تي ڦُل ڦُل چولو
ڪاشيءَ جي چِٽسالي هوندي
تنهنجو پيار مليو ڇا دل کي
جڳ جي ٿي وئي والي هوندي
جوڀن، خوشبوءِ، رنگ، هوا ڇا
موسم مست موالي هوندي
پيار مٿان پتراءُ اچا آهہ
ساڳي سوچ نرالي هوندي
هاڻ پکي هي، لام نہ لنوندا
ڪيڏي خام خيالي هوندي
پئماني ۾ ڪيئن ڪٿيان سا
مون جا سِڪ سنيالي هوندي.

❊

جيئڻ جو ڪو گسُ سنيالي موٽي آ
چُرپُر، چاهت، چَسُ سنيالي موٽي آ
ان ڪان اڳ جو هَٽُ ڇڏائي ڏور وڃي
جيون چاهي، رَسُ سنيالي موٽي آ
اُن ڪان اڳ جو ڪيرُ وضاحت طلبي تون
قربائتا ڪُسُ سنيالي موٽي آ
اُن ڪان اڳ جو ڪير چوي ڪا مونهن هئي
ڪنگڻ، ڏهري، هَسُ سنيالي موٽي آ
اُن ڪان اڳ جو دير گهڻي ٿئي موٽڻ ۾
جوڀنُ پاڪرُ، بَسِ سنيالي موٽي آ
اُن ڪان اڳ جو بيوس ٻڌجي ڪيئن ڪُڇين
تو وٽ جيڪو وَسُ سنيالي موٽي آ.

❊

پيار جڳ ۾ پرين تي حوالو وڃي
آئون، آسان ٿي، هر ڪشالو وڃي
ٿڪ تنهنجا ٽِڙن گُل پونئرا مِڙن
راتِ اونده منجهان تي اُجالو وڃي
درد پل لئہ نہ دل تي ڪا دستڪ ڏين
پيارُ اوتيون، پيئون تي پيالو وڃي
هِير تذڙي اُتر جي ۽ ڦُڙ ڦُڙ مٿان
دل چوي ٿي پرين تي جُهڙالو وڃي
هَٿ دُعا جا ڪٽي سند وارا ڇئو
سنڌڙي شاهہ جو ٿي رِسالو وڃي
عشق امرتا تو بخشي، اگر ڪو هِتي
وات پنهنجي وٺي ٿي نرالو وڃي.

❊

تاريڪيءَ جا طور طريقا ياد ڪجانءِ
هڪڙي غلطي هيءَ وري ڪا ياد ڪجانءِ
پاڻ هئاسين گڏ اڱڻ ۾ رات ٻئي
تارن سان هُئي رات پري ڪا ياد ڪجانءِ
نيڻن، ٿڪن، گجرن جي جا خوشبوءِ هئي
رنگ سمورا سونَ سَريڪا ياد ڪجانءِ
تو وٽ جيڪر پلجي آئي ياد ڪڏهن
ياد پراڻي، هانوَ تَري ڪا ياد ڪجانءِ
جيون پَر جو ساٿُ نڀائي ويندا سين
ٻالهہ ڳٽي سا ٻالهہ ڳري ڪا ياد ڪجانءِ
چوڏهينءَ جي ڪنهن راتِ اڪيلو جيڪر ٿين
سندر ناري، حُور پَري ڪا ياد ڪجانءِ
خوشبوءِ جي، جَي چيچ جهليندي خوش ٿيندي،
دل جي ڪولي ديد ڏري ڪا ياد ڪجانءِ
ڪنهن تي گجرا، گيچن سان گل لاتا ۽
ڪنهن وٽ پڙڪي باهہ ٻَري ڪا ياد ڪجانءِ
هيڏي دُنيا تو بہ نہ ڇاتو، تو بن ڇو
ڪيرُ رُنو ڇو آس پُري ڪا ياد ڪجانءِ

❊

اُتر جون هوائون جڏهن پي گُهليون
صدائون اسان جون ٿي سُڏڪي پيون
ستارن جي محفل ۾ ويهي صنم
اسان سونهن تنهنجيءَ جون ڳالهيون ڪيون
سَوين سانوڻيون ۽ بهارون پرين
سيئي موسمون جڻ وره جون هُيون
وفائن جون ڳالهيون، اڙي بي وفا
ائين بي سبب تو پُلائي ڇڏيون
پُڇن ٿا اسان ڪان، اسان جون اکيون
سڄي رات سپنن ۾ ڇوٽي رُليون

❊

حسين جاگيراڻي

کهڙي حسين خواب ۾ اٽڪيل اوهان هئا
ڏاڍو وجود پنهنجي ۾ سهميل اوهان هئا
هوڏانهن مخالفن سان ۽،هيڏانهن اسان سان گڏ
ڪيڏي نہ بيخودي سان بيٺل اوهان هئا
بي منظري جي معرفت حاصل اسان ڪئي
۽ منظرن جي موهہ ۾ قاتل اوهان هئا
بي پهچ فرد، پهچ ڪان تنهنجي متي هئا
بي ڳالهہ آهي، شهر ۾ پهتل اوهان هئا
غربت جي بُوءِ تي ساڙيو سڄو سرير
پاڪر ۾ منهنجي توڙي جو مهڪيل اوهان هئا
هڪ هٽ جي ڇهاءَ سان پٿر ڪري پيا
ٻئي هٽ جي ڇهاءَ ۾ مخمل اوهان هئا
نيڪ آهي مان صفا ڪٽي واريءَ ڏڙو نہ هوس
پر مهربان برسندڙ بادل اوهان هئا
سيني کي ايئن لڳو پئي آيل اوهان هئا
پر بزم ۾ حقيقتن آندل اوهان هئا
صحبت اسان جي ڏگ سنئين لاتو اوهان کي ئي
سنسار جي سراب ۾ پتڪيل اوهان هئا ■

اداسي جکراڻي

ماٺ ڪان آ چڱو گيت ڪو ڳائجي
عارضي طور ئي دل کي وندرائجي
من جي ڌرتيءَ مٿان شعر شايد ڦُٽن
سار تنهنجيءَ کي سيني وري لائجي
پوڳٽيون ٿيون پَون اڻ ڳٽيون اذيتون
گهرو پاڪر وڇوڙي کي ڇو پائجي
پنهنجو ميلاپ شايد لکيل ئي نہ آ
هاڻ جذبن کي دل ۾ ئي دفنائجي
تون سنيها اماڻين ٿي هر شام جو
سڌ تنهنجو يا ڌرتيءَ جو ورنائجي
بارشن جا سُهانا سي لمحا وريا
آءَ آجي چُمپون رُت کي گرمائجي
ڪائي آذي 'اُداسي' جي نالي ڪجان
پلجان تارا لُڇن، چنڊ تڙپائجي.

❊

نماڻو صديق مهيسر

خاڪ منهنجون التجائون وئي ڪري
زندگي منهنجي سزائون وئي ڪري
وقت جي هن وهڪري سان وئي وهي
شام منهنجون نم نگاهون وئي ڪري
تاءَ دردن جو ڏئي دل جي مٿان
چوڪري هڪڙي جفائون وئي ڪري
ساڳ جي ڏئي سوکڙيءَ ۾ توڪري
مون سان ڳوناٽي وفائون وئي ڪري
تي وڃين راڻو"نماڻا" شل منهنجو
هٽ ڪٽي اپ تي دعائون وئي ڪري

❊

سيد مدد علي شاهہ منظر

سانول تنهنجي سارَ
سانَدي آهي ساهہ ۾
هڪ پل پِي ناهي رُڪي
تو بن لڙڪن لارَ
سانول تنهنجي سارَ
سانَدي آهي ساهہ ۾
تون پي اچ برسات ٿي
ڪوليا ڪڪرين وارَ
سانول تنهنجي سارَ
سانَدي آهي ساهہ ۾
هردم تنهنجي ٿي اچي
هير منجهان هبڪارَ
سانول تنهنجي سارَ
سانَدي آهي ساهہ ۾
مَنُ ماندو تنهنجي ڪري
"منظر" جا منارَ
سانول تنهنجي سارَ
سانَدي آهي ساهہ ۾. ■



جڏهن ڪو پڙهندڙ ڪو ڪتاب پڙهي ٿو ته سندس ذهن ۾ ڪتاب ۽ ان جي ليکڪ بابت هڪ تاثر، خاڪو ۽ تصور خاڪو يا تاثر تيستائين برقرار رهي ٿو، جيستائين اهو پڙهندڙ ان ساڳي ليکڪ جو ڪو ٻيو ڪتاب ماضي واري ڊڪشن، فارم ۽ ٽريٽمينٽ کان بنهه مختلف نٿو پڙهي. ائين ئي پڙهندڙن جي ذهن ۾ مضنفن، شاعرن، اديبن، ڪهاڻيڪارن ۽ نقادن بابت رايا ٺهندا ۽ ڊهندا رهن ٿا. تان جو پڙهندڙ وٽ ڪنهن لکيڪ بابت ڪو پڪو رايو قائم ٿي وڃي ٿو. حقيقي نقاد حقيقي پڙهندڙ ئي هوندو آهي. هڪ پيشه ور نقاد ۽ پڙهندڙ ۾ فرق ايترو آهي جو پيشه ور نقاد ڪنهن نه ڪنهن مصلحت هيٺ اچي پاڪستاني سياستدانن وانگر وفاداريون بدلائيندو رهي ٿو يا بدلائي سگهي ٿو. پر هڪ پڙهندڙ جيئن ته بنان ڪنهن غرض جي ڪا راءِ قائم ڪندو آهي. انڪري سندس راءِ اهميت رکي ٿي. ها البته پڙهندڙ جو معيار هجڻ ضروري آهي. پڙهندڙ جيترو گهڻو پڙهيل لکيل هوندو سندس راءِ اوترو ئي وڌيڪ اهميت واري هوندي. هيگل چيو هو، 'بهترين موسيقي اها آهي جيڪا سڀ کان وڌيڪ پڙهيل لکيل ذهنن کي متاثر ڪري.'

چندر ڪيسواڻي جي فن، شاعري، تنقيد ۽ تجزين بابت مون وٽ هڪ راءِ موجود آهي. جيڪا سندس اڳ وارن ڪتابن روپوش محبت ۽ زندگي، خواب، خودڪشي ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪراچيءَ ۾ پيش ٿيل ادبي اسمن تي ڪيل سندس تنقيدن ۽ تجزين جي بنياد تي جڙي آهي. پنهنجي شاعريءَ کان ويندي تجزين، تنقيد ۽ راءِ زني تائين چندر ڪيسواڻي تمام گهڻو بيلنس رهيو آهي. هن ڪنهن جي لاءِ به نه ڪو ته اندر ايسٽيميٽ راءِ جو اظهار ڪيو آهي. نه ڪو وري هن ڪنهن شاعر توڙي ڪهاڻيڪار کي ڪو هٽرادو ٽيڪو ڏنو آهي. سندس راءِ وزندار، منطقي ۽ هاڪاري نوع واري هوندي آهي. چندر هڪ پڙهيل لکندڙ آهي. انڪري سندس لکڻين مان سندس گهڻ رُخي اڀياس جي خوشبوءِ جا هُڳاءُ محسوس ٿيندا آهن.

'نئون ادب نيون ڳالهيون' سندس نئون ڪتاب آهي. جيڪو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرين حصي کي 'نئين سوچ' جو نالو ڏنو ويو آهي. ٻيو حصو 'ڏيهي ادب' تي ٻڌل آهي. جڏهن ته ٽئين حصي ۾ 'پرڏيهي ادب' تي بحث ڪيوويو آهي. ڪتاب 'نئون ادب نيون ڳالهيون' چندر ڪيسواڻي پاران مختلف موقعن تي لکيل ادبي تحريرن ۽ ڪتابن بابت لکيل سندس تجزين جو ڳٽڪو آهي. هن ڪتاب ۾ چندر 92ع کان وٺي 12ع تائين يعني لڳ ڀڳ ويهن سالن دؤران لکيل مختلف لکڻيون شامل ڪيون آهن. لکڻين مان سندس ذهني سجاڳي، تنقيدي ائپروچ ۽ ادب سان گهري وابستگي جهلڪندي نظر اچي ٿي. چندر ڪٿي به دوستيون نڀائڻ لاءِ قلم سان ملهه ناهي ڪئي. امير ابڙي جي ڪهاڻي 'چوٿون لمحو' تي پنهنجي راءِ ڏيندي چندر ڪيسواڻي لکي ٿو، "ڪهاڻي جو هيءَ ڪردار (غالباً هيرو) پڪي ارادي وارو باغي نوجوان آهي جيڪو سياسي سفارش کي رد ڪري ٿو. پر عملي طور نوجوانن جو اهڙو نسل پسماندگيءَ واري اڄوڪي سنڌ ۾ محض تصوراتي خيال ئي آهي. جيڪو ڪهاڻي جي حد تائين نيڪ نظر اچي ٿو."

امير ابڙي جي جنهن ڪهاڻي تي چندر تنقيد ڪئي آهي. اها مارڪسي نظرئي جي پنپيرائي ۾ لکيل ڪهاڻي آهي. جنهن جو هيرو هڪ هنڌ چوي ٿو، 'پئسي جي ورهاست ذهن جي قابليت ۽ ڪم جي نوعيت مطابق ٿيڻ گهرجي.' امير ابڙي جي ان ڪهاڻي توڙي ٻين ڪهاڻين تي چندر سگنيفائيڊ راءِ ڏني آهي. اصل ۾ ڪهاڻيءَ جو تعلق ڌرتي ۽ ڌرتي واسين سان هوندو آهي. نظريا ۽ فلسفا پڻ ڌرتي ۽ ڌرتي واسين لاءِ هوندا آهن. چندر جي خوبي اها آهي ته هو ڪنهن به سطح تي ڪهاڻي توڙي شاعريءَ کي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي قدرن کان ڌار ڪري نٿو پيش ڪري. ايستائين جو جڏهن امير ابڙو ڪرندڙ قدرن جي هڪ ڪهاڻي 'سجاڳپ' لکي ٿو. جنهن ۾ هن جديد نفسياتي مسئلي تي قلم کنيو آهي. ڪهاڻي تحت هڪ ياءُ پنهنجي ڀيڻ سان 'Incest Love' ڪري ٿو. ان ساڳي ڪهاڻي تي ئي رئوف نظاماڻي پڻ لکي چڪو آهي. پر چندر انتهائي سيبتائي سان ڪهاڻي تي بحث ڪندي آخر فيصلو ڏيندي لکي ٿو، "ڪهاڻي جو هي (Incest) خيال سنڌ جي شهري توڙي ٻوٺاڻي زرعي زندگيءَ جي روايتن، قدرن ۽ فطري مزاج کان گهڻو مختلف ۽ اڄٽي وڏي ويو آهي. جنهن ڪري ڪهاڻي عملي طور تي غير فطري ۽ تاريخي روين کان ڪٽيل محسوس ٿئي ٿي."

چندر جي تجزئي مان سندس سنوپري تنقيدبکندنظر اچي ٿي. منظور ڪوهيار جي ڪهاڻين تي بحث ڪندي چندر لکي ٿو، "... نئين راند ۽ زندگي محض پوراءُ ۾ لکيل ڪهاڻيون آهن جيڪي سوڙهي مرڪزي خيال (limited central theme) ڪري فني طور مڪمل وائڪيون ٿي نه سگهيون آهن ٻنهي ڪهاڻين جو ڪلائيمڪس پنهنجي خيال سان فطري ڳانڍاپي بجاءِ ڪهاڻيڪار سان ڳنڍيل محسوس ٿئي ٿو. جنهن ڪري ڪهاڻين اندر پئدا ٿيندڙ ڪردارن جي عمومي چرپر ۽ پسمنظر وچائجي خيال کي محدود ڪرڻ جو ڪارڻ بڻيا آهن."

منظور ڪوهيار، انور ابڙي، جان خاصخيلي جي ڪهاڻين ۽ عبدالغفار تبسم، منصور ملڪ، امداد سولنگي، فياض ڏاهري ۽ ماهين هيسباڻي جي شاعري توڙي ڊاڪٽر بدر اڄڻ جي ترجمي ڪيل ڪتاب 'اندر جي اڄل' ۽ ڏيساور جي ادب بابت چندر ڪيسواڻي جي راءِ وزندار ۽ مدلل آهي. مجموعي طور چندر جي تجزين جو تنقيدي جائزو وٺڻ سان چندر جي شخصيت ۾ موجود هڪ 'ڊيسينٽ ڪريٽڪ' سامهون اچي ٿو.

مونکي چندر جي هڪ ڳالهه سان اختلاف آهي. اُها اِها ته هو جڏهن گرانٽا جرنل پاران ناولن جي چونڊ واري عمل تي قلم کڻي ٿو ته کيس حيرت ٿي ٿئي ته ڪيئن مقابلي لاءِ آيل 211 ناولن مان صرف 29 ناول چونڊيا ويا. چندر کي بهترين ناولن جي فهرست مان روز بوائيٽ، ٽم پئرس، رابرٽ ايرڊرڪ، سين فرينچ ۽ جين راجسر وغيره جا ناول نڪرن تي حيرت ٿئي ٿي. اسانکي سوچڻ صرف اهو گهرجي ته يورپ ۾ فن جو قدر آهي. اتي ائين به ناهي ته جيڪڏهن اديب صرف ڪو هڪ ادب پارو تخليق ڪيو ۽ پوءِ يا ڇمار سندس هر تحير جو آڌرياءُ ٿيندو. نه ائين هرگز ناهي. يورپ ۾ ادب پارن جو قدر آهي. اتي ادب کي اديب کان ڌار ڪري ڏنو وڃي ٿو. 'ڊيٿ آف آٿر' جو نظريو ۽ عملي تنقيد ان ڏس ۾ اهم 'ٽول' طور ڪتب اچي رهيا آهن. يورپ ۾ ڪو به رائيٽر اڳتي نڪري پنهنجي فن ۽ ادراڪ آهر نالو ڪڍي سگهي ٿو. اسان وٽ ائين ناهي. اسان وٽ جيڪو وڏو اديب ٿي ويو اهو هميشه وڏو اديب رهي ٿو. ان جي ابتڙ يورپ ۾ جيڪڏهن ڪو سينئر رائيٽر سٺي شيءِ تخليق نٿو ڪري ته کيس هر پليٽ فارم تي رد ڪيو وڃي ٿو. گرانٽا سروي ۽ مقابلو سندن علم پروري جو نتيجو آهي. جنهن تي چندر سميت ڪنهن کي به حيران نه ٿيڻ گهرجي.

چندر ڪيسواڻي جي هن ڪتاب جي خاص خوبي يا انفراديت اها به آهي ته هن ڪتاب ۾ چندر ڪيسواڻي پنهنجي پاران/پيش لفظ/ ٻه اکر وغيره جهڙا تائيدي، تمهيدي، تفصيلي ۽ وضاحتي اکر ناهن لکيا. هن جيڪو ڪجهه لکيو آهي. اهو سڌو سنئون پڙهندڙ جي اڳيان اچي رکيو آهي. هاڻي اهو سندس پڙهندڙ تي انحصار ڪري ٿو ته هو سندس تحريرن کي ڪيتري ميچتا ڏئي ٿو.

مجموعي طور چندر ڪيسواڻي جو ڪتاب 'نئون ادب نيون ڳالهيون' تنقيدي ۽ تجزياتي ادب ۾ هڪ سٺو واڌارو آهي. *(ڊاڪٽر شير مهراڻي)* ■

عذر خواهي



سوجهرو جي مهربان قلمڪار سنڌ جي مشهور ۽ جديد ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار، محترم رفيق سومرو صاحب جي محترمه اهليه صاحبه جي طويل علالت ڪانپوءِ لاڏاڻي تي، ساڻس ڏک جو اظهار ڪندي عذرخواهي ڪيون ٿا.

-ادارو

ناز سنائي، حيدرآباد،

گذريل سوجهري ۾ ڪامريڊ سوڀي گيانچندڻيءَ جي حوالي سان منهنجي ڇپيل خط ڪانپوءِ جيڪو مُمڻ متو اُهو سڄي سنڌ ڏٺو. ڪامريڊ سوڀي جو پٽ نرمل ۽ محمد علي پٺاڻ جيڪي سوڀي کي سدائين ڪيش ڪرائيندا رهيا آهن، انهن هڪڙي پنڌٽي ٻاري ۽ سنڌي نيوز چينل وارن کي وٺي وڃي ڪامريڊ جو انٽرويو ڪرايو. جنهن ۾ چيو ويو ته ناز سنائيءَ منهنجي ذاتي زندگي ۽ مون تي بهتان بازي ڪئي آهي. جنهن ڪري مان سخت صدمي ۾ وٺجي ويو آهيان ۽ بخار ئي ڪونه پيو لهي ۽ ٻي چينل تي محمد علي جيڪو پنهنجي اباڻي ۽ عظيم پورهئي واري ذات کي ترڪ ڪري پاڻ کي مدد خان پٺاڻ جو اولاد سڏائيندي فخر ٿو محسوس ڪري، روئٹڻهارڪو ٿي حڪومت کي اپيل ڪري رهيو هو ته ڪامريڊ اسان جو اثاثو آهي ان جو علاج سرڪاري خرچ تي ڪرايو وڃي.

اسان وٽ شادين ۾ هيئن ٿيندو آهي ته ڪو مڱڻهار جي چڙ، مگ يا 'واڳڻ' جو رڳو نالو وٺندو آهي ته ڍهل وڄائڻ وارو ڦهڪو ڪري وڃي پَٽَ تي ڪري پوندو آهي ۽ چوندو آهي ته جيستائين مونکي ڪاڄ وارا مينهن يا ڏڳو نه ڏيندا تيستائين مان ائين ئي پيو هوندس. ۽ جيستائين ان کي ڪاڄ وارا مينهن يا ڏڳو نه ڏيندا تيستائين پيو ڦٽڪندو. هاڻي اها مينهن ڏڳي واري گهر گهڻجي وئي آهي جو جهنگ جام آهي. سو صورتحال وڃي اها بيٺي آهي ته ڪامريڊ جو علاج سرڪاري خرچ تي نه ٿيندو ته واويلا پئي ٿيندي.

حيران آهيان ته ڪامريڊ سوڀو ٿو فرمائي ته ناز مونکي بليڪ ميل ڪيو آهي. مونکي خبر ناهي ته بليڪ ميلنگ ڇا ٿيندي آهي؟ پر سولن اڪرن ۾ شايد هيئن چئي سگهجي ٿو ته 'مونکي ڏهه هزار ڏيو نه ته مان سڄي جهان کي ٻڌائيندس ته فلاڻا، تنهنجي ٻانهن تنهنجي نُنهن پڳي ۽ تو کي جيل ۾ وجهرايو.' ائين نه؟ پر مون ڪا به اهڙيءَ ڳالهه نه ڪئي آهي.

مون پنهنجي سڄي خط ۾ هڪڙي به اهڙي ڳالهه نه لکي آهي جنهن مان ڪامريڊ تي ذاتي الزام تراشي يا بهتان بازي ڪئي هجي. ڪو هڪڙو لفظ، ڪا هڪڙي پئرا ئي ٻڌائي وڃي، جيڪا مون غلط لکي آهي ته پوءِ سوڀي جي همدردن کي اهو حق ٿو پهچي ته مونکي گهلي لاڙڪاڻي جي جاڙل شاهه محلي ۾ سوڀي جي پيرن ۾ وڃي اُڇلائين. سوڀي اهو به چيو ته ناز منهنجا ڪتاب منهنجي اجازت ڪانسواءِ ڇاپيا ۽ مونکي معاوضو به نه ڏنو ۽ بار بار پئي ڇاپيا آهن. سوڀي کي پلا سنڌ ۾ ايڏو پڙهيو ويو آهي ڇا؟ مون هُن جا ٻه ڪتاب 'تاريخ جا وساريل ورق' ۽ 'تاريخ ڳالهائي ٿي' ڇاپايا. ۽ پوءِ سندس ٻين ٻن ڪتابن ۽ انهن ڪتابن جو گڏيل مجموعو 'سوڀي جون تحريرون' ڇپايا. جيڪي اڄا مارڪيٽ ۾ موجود آهن. پريس ڇپائيءَ جي ماهرن جي پلي ٽيم ويهاري ڏنو وڃي ته اُهي ڪتابن جا ڦهريان ڇاپا آهن يا ٻيا؟ پلي مارڪيٽ مان ئي اهي هٽ ڪيا وڃن. ڪامريڊ سوڀي کي جڏهن سندس ڪتاب جون معاوضي ۾ پنجاهه ڪاپيون ڏنيون ته وري پاڻئي روبرو مونکان اهو چئي سؤ ڪاپيون وڌيڪ ڪنيائين ته هو انهن ڪاپين جا پئسا ادا ڪندو. عرصو گذريو، پئسا نه مليا ته مون ڪامريڊ کي خط لکيو. ان جي جواب ۾ ڪامريڊ پنهنجي سرڳواسي پٽ ڪنعي لال هٿان مونکي چئن صفحن جو گارين وارو خط لکرائي موڪليو ته ڪامريڊ کي اوهان 50 ڪاپيون اعزازي ڏئي ڪو احسان ڪونه ڪيو؟ هُن جي وڌيڪ سو ڪاپيون ڪنيون ته اُن جا پئسا ٿا گهرو؟ ان خط ۾ ڪا به گار نه رهائي وئي هئي. هاڻي سوڀو ٿو فرمائي ته مون ڪيس فقط هڪ ڪاپي ڏني سا سندس غير موجود گيءَ ۾ سندس گهر ڏئي آيو هوس. لاڙڪاڻي پريس ڪلب ۾ ڪامريڊ ۽ ان جي دوستن کي گهرايو، مان سرڳواسي ڪنعي جو اهو خط ڪڍي ٿو اچان، رجسٽري واري لفافي سميت.

ٻي ڳالهه ته سوڀو چوي ٿو ته مون سندس آتم ڪٿائي ڪتاب ڇپائيءَ لاءِ نه ڏيڻ ڪري، مٿس تنقيد ڪئي آهي. اُن جي جواب ۾ ڇا عرض ڪريان. مان گذريل ٽن چئن سالن کان سنڌيءَ ۾ ڇپيل آتم ڪٿائي ڪتابن جا تنقيدي جائزا لکندو رهيو آهيان ۽ هيستائين پنجويهن آتم ڪٿائي ڪتابن تي تنقيدي جائزا منهنجي ڪتاب 'آتم ڪٿائون' جي ٽن ڀاڱن ۾ اچي چُڪا آهن جيڪي تقريباً 800 صفحن تي مشتمل آهن ۽ مارڪيٽ ۾ موجود آهن. مون ٻن ڪتابن تي لکيو آهي انهن مان ڪيترن ليکڪن کي ته ڏٺو به ناهي ڪجهه ته مري ويا آهن. ٻي ڳالهه ته ڪامريڊ اهو ڪتاب مونکي ڇپائيءَ لاءِ ڏنو هو. پروف به پڙهيا هئائين. مون وٽ اُهي موجود آهن، مون ان جي تضادن تي راءِ ڏني هئي ۽ درستين جي اپيل ڪئي هئي پر نه مڃڻ جي صورت ۾ مون سندس ڪتاب 'روشنيءَ جي پنڌ ۾' تان هٿ ڪنيو هو.

سوڀي جي ناراضگي جو هڪڙو ٻيو سبب هو. جنهن وقت مون ڪامريڊ جي چئن ڪتابن کي گڏي ڇاپايو ته انهن ڪتابن مان ڪهاڻين وارو ڪتاب 'ڪڏهن بهار ايندو؟' سنڌي ادبي سنگت ڪوئيٽا وارن پنهنجي خرچ تي ڇاپائڻ پئي گهريو ۽ ڪامريڊ سان اهڙي ڳالهه ڪئي. ڪامريڊ مونکي چيو، 'اهو ڪتاب ڇپائيءَ لاءِ تو کي وٺرائي ٿو ڏيان. خرچ هوءَ پريندا. اوهان رڳو انهي بل ۾ ڏهن هزارن جو واڌارو ڪجو ۽ اهي واڌو 10 هزار مون کي ڏيڻا پوندا.' مون چيو، 'جڏهن مان تازو چارئي ڪتاب گڏي هڪ جلد ۾ آڻي چُڪو آهيان ته پوءِ الڳ ڪتاب اچڻ جي صورت ۾ ان جو اثر چڱو نه ٿيندو.' پوءِ اُهو ڪتاب ڇپائڻ جو ٺيڪو يوسف سنڌيءَ کي ڏنو ويو ۽ مارڪيٽ ۾ آندو ويو.

منهنجي خلاف اخبارن خاص طور عوامي آواز ۽ سوڀ ۾ مضمون ڇپرايا ويا. انهن مضمونن ۾ زرار پيرزادو به شامل هو. هن هڪ ڀيري منهنجي آتم ڪٿائي ڪتاب جي آجيان ڪئي هئي. پر ٻئي ڀيري هن مون تي چوهه چنڊيا، ڇاڪاڻ ته 'ٻنڌي' وارو ڪامريڊ سوڀو صاحب هن جو ۽ سندس والد صاحب جو ادبي سرپرست هو. مون تي واهڙ ڪئي وئي. پر منهنجي سڄين ڳالهين جو ڪنهن جواب نه ڏنو آهي؟ منهنجي ڪهڙي ڳالهه ۽ ڪهڙي حوالي کي غلط ڪوٺيو ويو، زرار کي چئلينج آهي ته هو منهنجي ڪيل ڳالهين مان رڳو هڪڙي ڳالهه کي ئي غلط ثابت ڪري ڏيکاري.

باقي اهو ڪهڙو جواب آهي ته سوڀو وڏي عمر جو آهي. هن عمر ۾ ڪيس اهڙو صدمو نه ڏيڻ گهرجي؟ هو مقدس ڳئون آهي، هو سنڌ آهي. هن ڏاڍو پو ڳيو آهي. جيلن ۾ ويو آهي. سڄي عمر سياست ۽ ادب کي ڏني اٿس. ته پيارا پينگهن ۾ پاڻ به نه لڏيا آهيون، جيل مون به ڪاٽيا آهن، ڦٽڪا مون کي به لڳا آهن. ٽارچر سيلن ۾ مان به رهيو آهيان ۽ ان عمر ۾ جڏهن مان رڳو مئٽرڪ جو شاگرد هوس. اُن ڪري مونکي به حق ٿو پهچي ته سنڌ سان جيڪي زيادتيون ٿيون آهن يا سنڌ جي تاريخ سان جيڪي ڪلور پيا ٿين، انهن تي احتجاج رڪارڊ ڪرائجي ۽ پنهنجي گواهي ڏجي.

مان حيران آهيان. ماڻهو جنهن پاڙي ۾ ٿا رهن، جن فليٽن ۾ ٿا رهن، ٻه ٽي ڏينهن پنگي نه ٿو اچي ته رڙيون ٿا ڪن ته صفائي ڪانهي. گند ٿي ويو آهي، رهي نه ٿا سگهون پر اسان جي تاريخ ۾، اسان جي ادب ۾ جيڪو گند ٿيل آهي، ان جي نشاندهي ٿي ڪجي يا ادبي تضادن ۽ بيانن ۾ تفريق ڪجي ٿي ته سڀ ٿا چون، 'ڇڏيو، گند نه ڦلهوڙيو.' ائين ئي گند گيءَ ۾ رهڻ جا عادي ٿي ويا آهيون.

سوڀي کي سلام آهي. آهي سرڪار جو مخالف پر سرڪار هن کي مليل مفت ۾ اعزازي ڪاپين واري لئبرري اُنن لکن ۾ خريد ڪري لاڙڪاڻي جي سرشاهنواز ڀٽي لئبرري کي ڏني، آمر مشرف جي دور ۾ 'ڪمال فن' ايوارڊ ۾ پنج لک روڪڙا ڏئي 'ٻلو' سندس سيني تي لڳايو. ان کان اڳ ٻه هڪڙو ايوارڊ مليل اٿس. بيمار ٿيو ته سرڪار لاڙڪاڻي ۾ هيليڪاپٽر موڪلي، هن کي ڪراچيءَ آندو ۽ سرڪاري خرچ تي سندس علاج ڪري، لفافا ۽ گلدستا ڏئي لاڙڪاڻي روانو ڪيو. هاڻي سوڀو صاحب ٿو چوي ته ناز اهو خط سرڪار جي اشاري تي لکيو آهي جيئن مونکي پنهنجي نظريي تان هٽايو وڃي. هاڻي ڀهرين ته سوڀو ۽ سندس دوست اهو ٻڌائين ته ڪامريڊ سوڀي جو 'اهو ڪهڙو نظريو آهي جيڪو سرڪار مٿان ٻارُ ٿي پيو آهي؟' ته پوءِ ڳالهائي وٺبو.

مان به سخت صدمي ۾ آهيان. منهنجو نئون ڪتاب 'آتم ڪٿائون-3' تازو بازار ۾ آيو آهي. 'ان ۾ پندرنهن آتم ڪٿائي ڪتابن جو تنقيدي اڀياس ڪيل آهي. ٻين سان گڏ انهن ۾ لاڙڪاڻي جو پ پ پ اڳواڻ ڀٽي مرحوم جو دوست ۽ ساٿي، اڳوڻو سفير عبدالرزاق سومرو ۽ ٺل جيڪب آباد جو سردار سهراب خان سرڪي (جيڪي ٻه ئي منهنجا ڏٺل ناهن) وزير به رهيو آهي. چار پنج ڀيرا ايم.پي.اي رهيو آهي. هاڻي به آهي. سردار سهراب خان سرڪي منهنجو تنقيدي مضمون پڙهي مون سان ڪلاڪ کن فون تي ڳالهايو ۽ بار بار اهو پيو چوي ته مان اوهان جو ٿورائتو آهيان جو اوهان منهنجي غلطين جي نشاندهي ڪئي آهي. مان اديب نه ناهيان. مون محنت ڪئي آهي پر اوهان نشاندهي ڪئي آهي، مان الله جو شڪر گذار آهيان. عبدالرزاق سومري به هُن تي ڪيل تنقيدي مضمون پڙهي اهو چيو، 'تنقيد ٿيڻ گهرجي پاڻ مقدس ڳئون ناهيون. اوهان جي مضمون جي هڪ ٻن ڳالهين جو جواب ڏئي سگهجي ٿو پر روبرو ڏبو. مهرباني ڪري مون وٽ لاڙڪاڻي اچي منهنجي دعوت ڪائو.' اهي اُهي ماڻهو آهن جن کي اسان پنهنجو نظرياتي مخالف ٿا سمجهون. سوڀو صاحب چوي ٿو، 'هُن اٺ ڪتابن جا پڙهيا آهن ۽ ٽئگور جو شاگرد آهيان. اُهو تنقيدي مضمون پڙهي ڦَهَ ٿي ڪري ٿو پوي ۽ پنجن ڏينهن ڪانپوءِ ٿو سندس بخار ٽٽي ۽ سندس پٽ ۽ وليعد پٺاڻ پريس پڌرائيءَ ۾ ٿا چون ته سوڀو هاڻي صحتياب پيو ٿئي.

(ڪامريڊ سوڀي جو اهو ڪتاب، اسان سوجهرو ۾ قسطوار هلايو. ۽ قسطون هلندي ڪامريڊ روچي رام ۽ ٻين سينئر دوستن اهو طئي ڪيو هو ته اها ڪتا، پاڻ به- چار دوست گڏجي، قسطن جي چنڊڇاڻ ڪانپوءِ ڇپرائڻ لاءِ سوچبو. طويل عرصو ٿيو، نه ڪامريڊ روچي رام، شيام ڪمار، نورالدين سرڪي (جيڪو جلدي گذاري ويو) ۽ نه مونکي واندڪائي ملي جو ڪتاب جي تضادن کي درست ڪري ڇپرائڻ لاءِ پريس ڪاپي تيار ڪجي ها. بهرحال پٺاڻ صاحب طويل عرصي ڪانپوءِ اوچتو ۽ ٻڌائڻ ڪانسواءِ ڪتاب ڇپرائي مارڪيٽ ۾ آندو. ۽ سهيڙيندڙ تر جيتري به ڪوشش نه ڪئي ته هڪ ويساري ۾ ورتل بزرگ شخص جي تضادن ۽ فڪري مغالطن کي درست ڪرڻ ڪانپوءِ ڇپرائجي. اهو اسان جو وڏي ۾ وڏو دکناڪ آهي جو پنهنجي ڪم علمي جي بنيادن تي وڏو علم رکڻ وارن جو آڳوپيڇو ڪري انهن جي عظمتن ۽ ڪنٽريبيوشن کي نگهوسار ڪري پاڻ کي وڏو ماڻهو ۽ عالم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ گند مَٿَي رهيا آهيون- تاج بلوچ)■